ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 23 جون 2026ع 07 محرم الحرام 1448هہ صفحا 06 - ملهہ 30 وپيہ شمارو (307)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان جي ٺياڪڙي ڪامياب، آمريڪا ايران جا منجمد اثاثا جاري ڪندي تيل وڪڻڻ جي اجازت ڏني

واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ گذريل هفتي طئي ٿيل مفاهمتي يادداشت نامي تحت تحت 21 آگسٽ تائين ايراني ڪچي تيل ۽ پيٽرو ڪيميڪل شين جي ترسيل ۽ وڪرو جي اجازت ڏني

اجازت نامي ۾ انشورنس، بئنڪنگ خدمتن ۽ ٻيا معاملن سميت ڪچي تيل، پيٽرو ڪيميڪل شين ۽ ايران مان نڪرندڙ پيٽروليم شين جي آمريڪا ۾ درآمد پڻ شامل آهي

ايران آبناءِ هرمز ۾ آزاد ۽ ڪليل راهداري ۽ بين الاقوامي ائٽمي توانائي ايجنسي جي نمائندن کي پنهنجي ملڪ ۾ داخلا جي اجازت ڏيڻ جو واعدو پڻ ڪيو آهي

دستاويز موجب آمريڪا ايران خلاف سموريون معاشي پابنديون ختم ڪندو جن ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل جا ٺهرائن ۽ آمريڪا جون هڪ طرفي پابنديون بہ شامل آهن

فريم ورڪ تحت ٿي 60 ڏينهن جو عارضي لائسنس جاري ڪيو ويو آهي، ٻئي ڌريون معاملي کي ايندڙ ڳالهين ۾ فوري طور حل ڪرڻ جو ارادو رکن ٿيون

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي ناڻي کاتي هڪ اجازت نامو جاري ڪيو آهي جنهن تحت 21 آگسٽ تائين ايراني ڪچي تيل ۽ پيٽرو ڪيميڪل شين جي ترسيل ۽ وڪرو جي اجازت هوندي. هي فيصلو واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ گذريل هفتي طئي ٿيل مفاهمتي يادداشت نامي تحت ڪيو ويو آهي آمريڪي ناڻي واري وزارت جي اجازت نامي ۾ انشورنس، بئنڪنگ خدمتن ۽ ٻيا

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ايراني صدر مسعود پزشڪيان اڄ پاڪستان پهچندو، اسلام آباد ۾ تياريون مڪمل

هن دوري جو مقصد آمريڪا-ايران ٺياڪڙي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهڻ آهي؛ ايراني صدارتي آفيس

دوري جو مقصد پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جو شڪريو ادا ڪرڻ آهي

سوئٽزرليند ۾ پاڪستان ۽ قطر جي ٺياڪڙي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جي شروعات ٿي آهي

تهران(م ر د)ايراني صدر مسعود پزشڪيان اڄ پاڪستان جو دورو ڪندو. ايراني سرڪاري ميڊيا موجب، صدر جي آفيس جي پبلڪ رليشنز ڊائريڪٽر حبيب الله عباسي ٻڌايو تہ هن دوري جو مقصد آمريڪا-ايران ٺياڪڙي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهڻ ۽ پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جو شڪريو ادا ڪرڻ آهي ياد رهي تہ هي دورو اهڙي وقت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن گذريل ڏينهن سوئٽزرليند ۾ پاڪستان ۽ قطر جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

آبنائي هرمز ۾ تيل جي ٽينڪرن جي ٽرئفڪ ۾ اضافو

2 ٽينڪر تقريبن 2 ملين بيرل خام تيل ويندڙ اهم شپنگ لين مان گذريا

تهران(م ر د)هرمز جي آبنائي ۾ تيل جي ٽينڪرن جي ٽريفڪ ۾ اضافو ڏٺو ويو آهي سومر تي ٻہ ٽينڪر جيڪي مجموعي طور

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

قطر جي راس لفان پلانٽ ۾ ڌماڪي پاڪستاني ۽ ڀارتي شهرين سميت 13 ڄڻا فوت، ڪيترائي مرڻينگ

مارچ ۾ ايراني حملي ڪانپوءِ بند ڪيل پلانٽ کي ٻيهر فعال ڪيو پئي ويو تہ ڌماڪو ٿيو؛ توانائي وارو وزير

پلانٽ جي برآمدي صلاحيت متاثر نہ ٿي آهي ۽ نہ ئي ماحول کي ڪو خطرو لاحق ٿيو آهي

ڌماڪي ۾ 13 ڄڻا فوت ٿيا آهن، جن جو تعلق ڀارت ۽ پاڪستان سان آهي، 66 زخمين جو علاج جاري آهي؛ اختياريون

دوحا(م ر د)قطر جي راس لفان ايل اين جي ڪمپليڪس ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ 13 ڄڻا فوت ۽ 66 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن جن ۾ پاڪستاني ۽ ڀارتي شهري پڻ شامل آهن. قطر جي توانائي واري وزارت موجب، هي ڌماڪو ان وقت ٿيو جڏهن مارچ ۾ ايراني حملي ڪانپوءِ بند ڪيل پلانٽ کي ٻيهر فعال ڪيو پئي ويو وزارت جي بيان ۾ چيو ويو آهي تہ پلانٽ جي برآمدي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

LONG LIVE PAK-IRAN FRIENDSHIP & BROTHERHOOD
پاک ایران دوستی اور بھائی چارہ زندہ باد

اسلام آباد: ايراني صدر مسعود پيزشڪيان، صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي تصويرن سان لڳل بل بورڊ جو ڏيک

گلگت بلتستان ۾ پ پ پ جي امجد حسين ايڊووڪيٽ بنا مقابلي وڏ وزارت ماٺي ورتي

اسپيڪر عمران نذير جي صدارت هيٺ ٿيندڙ گلگت اسيمبلي جي اجلاس ۾ امجد حسين جي ڪاميابي جو اعلان ڪيو ويو

گلگت بلتستان اسيمبلي ۾ وڏي وزير جي لاءِ ڪنهن بہ ٻي اميدوار نامزدگي ڪاغذ جمع نہ ڪرايا

امجد حسين ايڊووڪيٽ گلگت بلتستان جو پنجون وڏو وزير چونڊجي ويو

ڪراچي(م ر د)پاڪستان پيپلزپارٽي جو امجد حسين ايڊووڪيٽ بنا مقابلي گلگت بلتستان جو نئون وڏو وزير چونڊجي ويو آهي اسپيڪر عمران نذير جي صدارت هيٺ ٿيندڙ گلگت بلتستان اسيمبلي جي اجلاس ۾ امجد حسين جي ڪاميابي جو اعلان ڪيو ويو گلگت بلتستان اسيمبلي ۾ وڏي وزير جي لاءِ ڪنهن بہ ٻي اميدوار نامزدگي ڪاغذ جمع نہ ڪرايا ۽ ايوان ۾

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي سينئر جج، جناب جسٽس منيب اختر سپريم ڪورٽ برانچ رجسٽري ڪراچي ۾ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي قائم مقام چيف جسٽس جي حيثيت سان حلف کڻندي

گوادر ۾ سيڪيورٽي اهلڪار جي قتل ڪيس ۾ ڊاڪٽر ماهہ رنگ بلوچ کي عمر قيد جي سزا

ڪوئيٽا جي دهشتگردي ڪوڙ عدالت بلوچستان جي سماجي ڪارڪن ڊاڪٽر ماهہ رنگ بلوچ عمر قيد جي سزا ٻڌائي

عدالت بلوچ يڪجهتي ڪميٽي جي اڳواڻ صبغت الله شاهہ کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي

فيصلي جي ٻڌائي دوران ڊاڪٽر ماهہ رنگ بلوچ، ٻين گرفتار اڳواڻن ۽ سندن وڪيلن عدالت جي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪيو

ڪوئيٽا(م ر د)ڪوئيٽا جي دهشتگردي ڪوڙ عدالت بلوچستان جي سماجي ڪارڪن ڊاڪٽر ماهہ رنگ بلوچ ۽ بلوچ يڪجهتي ڪميٽي (بي وائي سي) جي اڳواڻ صبغت الله شاهہ کي گوادر ۾ هڪ سيڪيورٽي اهلڪار جي قتل واري ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي ڪوئيٽا رن جي جج محمد علي مبين سومر ڏينهن ڪيس جو فيصلو ٻڌايو فيصلي جي ٻڌائي دوران ڊاڪٽر ماهہ رنگ بلوچ، ٻين گرفتار اڳواڻن ۽ سندن وڪيلن عدالت جي ڪارروائي جو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم پي اي قاسم سراج سومرو اسيمبلي اجلاس ۾ خطاب ڪندي

جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس پاڪستان جو حلف کڻي ورتو

حلف برداري جي پروقار تقريب سپريم ڪورٽ رجسٽري ڪراچي ۾ منعقد ٿي

جسٽس محمد شفيع صديقي جسٽس منيب اختر کان حلف ورتو

حلف برداري جي تقريب ۾ وفاقي آئيني عدالت ۽ سپريم ڪورٽ جي ججز شرڪت ڪئي

تقريب جي دوران عدالتي شخصيتون ۽ ٻيون لاڳاپيل اختياريون بہ موجود هيون

اسلام آباد(م ر د)سپريم ڪورٽ جي سينئر جج جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس آف پاڪستان جي عهدي جو حلف کڻي ورتو حلف برداري جي پروقار تقريب سپريم ڪورٽ رجسٽري ڪراچي ۾ منعقد ٿي جتي جسٽس محمد شفيع صديقي انهي کان حلف ورتو انهي حوالي سان جاري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي ۾ اربين رپيا ڪرپشن جو انڪشاف، اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر گرفتار

اينٽي ڪرپشن پوليس لاهور ۾ ڪارروائي ڪندي اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي کي گرفتار ڪري ورتو

وڏي وزير جي انسپيڪشن جي شروعاتي رپورٽ ۾ لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٺيڪيدارن مٿان ڪرپشن جا الزام

معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ڪيس ۾ وڌيڪ اهم اڳڀرائي ۽ گرفتارين جو امڪان آهي؛ عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بي آر ٽي ييلو لائين منصوبي ۾ اربين رپين جي مبينا مالي بي ضابطگين جو وڏو اسڪينڊل سامهون اچي ويو آهي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ (ACE) ڳجهي اطلاع تي لاهور ۾ ڪارروائي ڪندي ڪراچي موبلٽي پروجيڪٽ (KMP) ۽ بي آر ٽي ييلو لائين جي اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي کي گرفتار ڪري ورتو آهي ذريعن موجب ضمير عباسي خلاف 10 جون تي اينٽي ڪرپشن سائوٿ ڪراچي ۾ رياست جي مدعيت ۾ ايف آءِ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ٻهرين سالياني ڪانفرنس ۾ آيل مهمانن کي شيلڊ ڏني پئي وڃي

مُلڪ جي مختلف شهرن ۾ 5.4 جي شدت جو زلزلو

پشاور، سوات، باجوڙ، بونير، هنگو، شانگلا، ڪوهاٽ ۾ زلزلي جا جهٽڪا آيا

اسلام آباد راولپنڊي، ڊي آءِ خان ۽ ملتان سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بہ زلزلي جا لوڏا

لاهور(م ر د)پنجاب ۽ خيبر پختونخواهہ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي ماپ مرڪز موجب، خيبر

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

خيبر ۾ گهريلو تشدد جو شڪار فرانسيسي عورت 4 ٻارن سميت بازياب

چاپي دوران گهريلو تشدد جو نشانو بڻجندڙ سلوي ياسمينہ کي بازياب ڪرايو ويو

پرڏيهي عورت کي گهريلو تشدد جو نشانو بڻايو پئي ويو؛ سي سي پي او ميان سعيد

پشاور(م ر د)خيبر ضلعي ۾ هڪ گهر تي چاپي جي دوران گهريلو تشدد جو نشانو بڻجندڙ فرانسيسي عورت سلوي ياسمينہ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ايران ڳالهين جو اثر، عالمي منڊي ۾ پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ٿي ويون

برينٽ ٻارڻ واري تيل جي في بيرل قيمت 79.344 ڊالر ٿي وئي

ايشيا، يورپ ۽ ٻين خطن جي مختلف اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ تيزي ڏٺي وئي

نيويارڪ(م ر د) آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

زيورخ: وزيراعظم محمد شهباز شريف سوئٽزرلينڊ جي شهر برگين اسٽاڪ ۾ اسلام آباد ايم او يو ۽ اعليٰ سطحي ڳالهين ۾ شرڪت ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان لاءِ روانو ٿيندي

ٽيڪسٽائل ملز مالڪن ۽ ايف بي آر وچ ۾ ڪيمرا لڳائڻ جو معاملو شدت اختيار ڪري ورتو

ايف بي آر ٽيڪسٽائل ملز مالڪن کي پنهنجي خرچ تي ڪيمرا لڳائڻ جو چيو هو

ملز مالڪان ڪيمرائن جو خرچ برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ٽيڪسٽائل مالڪن زبردستي ڪيمرا لڳائڻ تي فيڪٽريون بند ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو

ڪنهن بہ صورت ۾ اهي ڪروڙين روپين جي خرچن جو بار نٿا کڻي سگهون: ٽيڪسٽائل مالڪ

لاهور(م ر د)ٽيڪسٽائل ملز مالڪن ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو(ايف بي آر) جي وچ ۾ ڪيمرا لڳائڻ جو معاملو شدت اختيار

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

حڪومت جو سڄي ملڪ ۾ پيٽرول سبسڊي ختم ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي(م ر د)حڪومت سڄي ملڪ ۾ ايندهن تي سبسڊي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ايندهن تي سبسڊي بابت قومي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان ۾ پيپلز پارٽي هڪ مضبوط سياسي قوت طور سامهون آئي آهي: شرجيل ميمڻ

ايڊووڪيٽ امجد حسين کي چونڊيل وزير اعليٰ بڻجڻ تي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا

اها ڪاميابي عوام دوست ويزن، جمهوري جدوجهد ۽ عوامي خدمت واري سياست تي اعتماد جو اظهار آهي

پيپلز پارٽي هميشہ عوامي حقن، جمهوريت جي مضبوطي ۽ محروم طبقن جو آواز بڻجي ڪردار ادا ڪندي رهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ايڊووڪيٽ امجد حسين کي گلگت بلتستان جو چونڊيل وزير اعليٰ بڻجڻ تي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي. پنهنجي بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: محرم الحرام جي موقعي تي مجلس دوران قدم گاهہ مولا علي تي چيڪنگ ڪئي پئي وڃي

ڪراچي گل پلازه باهہ واقعي ۾ يونين عهديدارن سميت پنجن ڄڻا واقعي جو ذميوار قرار، پوليس چالان جمع

واقعي جو ذميوار يونين صدر تنوير پاستا، حذيفہ عمار اسماعيل، امين، محمد رمضان ۽ نعمت الله کي قرار ڏنو ويو

پراسيڪيوشن جاچ کي اڌوري قرار ڏيندي اعتراضن سان گڏ چالان واپس موڪلي ڇڏيو

پلازه جي ڀرپاسي لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي فوٽيج کي بہ رڪارڊ جو حصو بڻائڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه ۾ لڳل باهہ جي المناڪ واقعي بابت ڪراچي پوليس چالان تيار ڪري مارڪيٽ يونين جي عهديدارن سميت پنجن ڄڻن کي واقعي جو ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ پراسيڪيوشن جاچ کي اڌوري قرار ڏيندي اعتراضن سان گڏ چالان واپس موڪلي ڇڏيو آهي. پوليس طرفان جمع ڪرايل چالان

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ٺياڪڙن آمريڪا-ايران ڳالهين کي ناڪامي کان ڪيئن بچايو؛ اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي

ايران-آمريڪا ڳالهيون صدر ٽرمپ جي بيان جي ڪري تقريبن ناڪام ٿي ويون هيون

سوئٽزرليند ۾ ڳالهين جي ميز تي پاڪستان ۽ قطر جي ٺياڪڙن جي موجودگي ڪم ڪيو

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ايراني وفد کي قائل ڪيو

ايراني وفد ايترو ناراض هو جو ڳالهين جي فارميٽ کي تبديل ڪرڻو پيو؛ ذريعا

ڪراچي(م ر د) ٺياڪڙن سوئٽزرليند ۾ آمريڪا-ايران ڳالهين کي ناڪامي کان ڪيئن بچايو ان جا تفصيل ظاهر ڪيا ويا آهن ذريعن موجب، ايران-آمريڪا ڳالهيون صدر ٽرمپ جي بيان جي ڪري تقريبن ناڪام ٿي ويون جنهن چيف ايراني مذاڪرات ڪندڙ باقر قاليباف جو رويو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

لبنان پنهنجي اندروني معاملن ۾ ڪنهن جي بہ مداخلت قبول نہ ڪندو: لبناني صدر

اسرائيلي جنگ کي روڪڻ لاءِ بين الاقوامي ڪوشش جو استقبال ڪريان ٿو

ڪو بہ لبنان جي طرفان ڳالهيون نٿو ڪري سگهي

لبناني عوام جي حفاظت جي ذميواري رياست تي اچي ٿي، ڪنهن هڪ گروهہ تي نہ

سياسي مقابلو جائز آهي، پر ان کي رياست جي ترقي ۾ رڪاوٽ نہ بڻجڻ گهرجي

بيروت(م ر د)لبناني صدر جوزف عون پنهنجي بيان ۾ چيو تہ هو اسرائيلي جنگ کي روڪڻ لاءِ بين الاقوامي ڪوشش جو استقبال ڪري ٿو هن چيو تہ لبنان پنهنجي اندروني معاملن ۾ ڪنهن جي مداخلت قبول نہ ڪندو ڪو بہ لبنان جي طرفان ڳالهيون نٿو ڪري سگهي ۽ لبناني عوام

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: موٽرسائيڪل سوار تيز برسات پوڻ سبب ڪجهہ دير لاءِ پل جي هيٺيان بيٺل آهن

ڪارونجهر جي ڪٽائي قبول ناهي، ننگرپارڪر جا ماڻهو مائيننگ جي اجازت نہ ڏيندا: قاسم سراج سومرو

اسان علائقي ۾ 20 ارب روپين جي لاڳت سان ننڍا ڊيم ٺهرايا آهن. پاڻي جو واحد ذريعو اتي جون ٻهاڙيون

جڏهن کان اهي ڊيم ٺهيا آهن، ننگرپارڪر مان ماڻهن جي لڏپلاڻ بند ٿي وئي آهي، زراعت پڻ ٿئي پئي

اسان جي علائقي جي پنهنجي تاريخ ۽ هڪ الڳ حيثيت آهي جنهن تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ننگرپارڪر مان چونڊيل ايم پي اي قاسم سراج سومرو ڪارونجهر جبل ۽ ننگرپارڪر جي ٻين ٻهاڙين جي ڪٽائي واري رٿا خلاف سخت موقف اختيار ڪندي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پاران سڄي ملڪ ۾ ٻارڻ جي سبسڊي ختم ڪرڻ جو فيصلو

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي جي ستين اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ موٽرسائيڪل سوارن، ننڍن هارين، عوام ۽ سامان جي ٽرانسپورٽ لاءِ سبسڊي پروگرام جو جائزو ورتو ويو

وزيراعظم جي منظوري سان سڀني صوبن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ ٻارڻ جي سبسڊي ختم ڪرڻ تي اتفاق

اسلام آباد (م ر د) عالمي سطح تي ٻارڻ جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ وزيراعظم جي منظوري کان پوءِ حڪومت سڄي ملڪ ۾ ٻارڻ جي سبسڊي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي اهم فيصلو نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي جي ستين اجلاس ۾ ڪيو ويو اجلاس دوران موٽرسائيڪل سوارن، ننڍن هارين، عوام ۽ سامان جي ٽرانسپورٽ لاءِ سبسڊي پروگرام جو جائزو ورتو ويو وزيراعظم جي منظوري سان سڀني صوبن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ ٻارڻ جي سبسڊي ختم ڪرڻ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وفاقي ۽ سنڌ حڪومت 9 ۽ 10 محرم الحرام تي موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت بہ 9 ۽ 10 محرم الحرام جي موڪلن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي صوبائي حڪومت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، 25 ۽ 26

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري پارليامينٽ هائوس ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد جي بريفنگ ۾ شريڪ آهي

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شهيد راڻي جي ويزن جي پائيدار عڪاسي آهي: آصفہ ڀٽو زرداري

پروگرام جو مقصد معاشري جي ڪمزور ۽ مستحق طبقن کي سهارو ڏيڻ ۽ موقعا فراهم ڪرڻ آهي

سماجي تحفظ جا پروگرام مستحق خاندانن جي معاونت ۽ عورتن جي معاشي ۽ سماجي زندگي بدلائين ٿا

پارليامينٽ هائوس ۾ بي آءِ ايس پي جي چيئرپرسن سينيٽر روبينہ خالد پاران خاتون اول کي بريفنگ ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري چيو آهي تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ان ويزن جي هڪ پائيدار عڪاسي آهي جنهن جو مقصد معاشري جي ڪمزور ۽ مستحق طبقن کي سهارو ڏيڻ ۽ موقعا فراهم ڪرڻ آهي هن شفافيت، مالي شموليت ۽ خدمتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ جاري سڌارڻاتي قدمن کي ساراهيندي چيو تہ موثر سماجي تحفظ جا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

لاهور جي مختلف علائقن ۾ برسات، موسم خوشگوار

جيل روڊ، قرطبہ چوڪ، مال روڊ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ برسات

لاهور(م ر د)صوبائي راڄڌاني جي مختلف علائقن ۾ برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي آهي جيل روڊ، قرطبہ چوڪ، مال روڊ ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي ۾ بجيٽ تي عام بحث جاري، ايم ڪيو ميمبرن جي اعتراض جوڳن جملن تي گوڙ

صوبائي حڪومت اين ايف سي ذريعي وفاق کي 260 ارب رپيا ڏنا، جيڪو هڪ وڏو ڪم آهي؛ حڪومتي ميمبر

جيڪي ڪراچي کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪن ٿا اهي سنڌ سان مخلص نہ آهن

حڪومت صوبائي بجيٽ ۾ عوامي مفاد تحت مشڪل حالتن ۾ هڪ بهترين بجيٽ پيش ڪئي آهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي ۾ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ تي سومر ڏينهن بہ عام بحث جاري رهيو بحث جي چوٿين ڏينهن حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ميمبرن شرڪت ڪئي تقرير ڪندڙن ۾ ڪيترائي صوبائي وزير شامل هئا، جن پنهنجي تقريرن ۾ پنهنجن شعبن جي ڪاميابين جو ذڪر ڪيو سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر اويس قادر شاهہ جي صدارت هيٺ شروع ٿيو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ راشن ڏيڻ بهاني غريب عورت سان اجتماعي لچائپ، هڪ جوابدار گرفتار

ڪياماڙي جي علائقي ۾ جوابدار سيف الله ۽ سندس دوست عبدالرزاق عورت سان زيادتي ڪري وڊيوز ٺاهيون

پوليس متاثر عورت جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪياماڙي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

گڏيل عرب امارتن پاران ڀارت کان براهموس ميزائل ۽ آڪاش تير نظام خريد ڪرڻ تي غور شروع

ڀارت ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ براهموس سپر سونڪ ڪروز ميزائل جي خريداري بابت ڳالهيون جاري

معاملو اڃا شروعاتي مرحلي ۾ آهي، پر ان تي تيزيءَ سان اڳڀرائي ٿي رهي آهي؛ ذريعا

گڏيل عرب امارتن ڀارت جي ايئر ڊفينس سسٽم آڪاش تير ۾ پڻ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي

دبئي(م ر د)وچ اوڀر ۾ تازن جنگي خطرن ۽ سيڪيورٽي خدشن ڪانپوءِ گڏيل عرب امارتن پنهنجي دفاعي صلاحيت وڌائڻ لاءِ ڀارت کان جديد هٿيار خريد ڪرڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي خبرواداري رائٽرز موجب، ڀارت ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ براهموس سپر سونڪ ڪروز ميزائل جي خريداري بابت ڳالهيون جاري آهن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسان جو روح زنده آهي: فيفا ورلڊ ڪپ دوران ايراني ٽيم مناب جي شهيدن کي نہ وساريو، لاڪر ۾ ڇڏيل نوٽ وائرل

لاس اينجلس(م ر د)ايراني فٽبال ٽيم لاس اينجلس ۾ بيلجيم خلاف ميچ ڪانپوءِ اسٽيڊيم جي لاڪر روم ۾ هٿ سان لکيل هڪ پيغام ڇڏيو آهي جنهن ۾ هنن ايران جي سجاڳي، وقار ۽ عالمي امن جي پيغام کي اجاگر ڪيو آهي رپورٽن موجب، ورلڊ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پوليس عملدارن سان اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

برطانوي وزيراعظم سر ڪيئر اسٽارمر پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

اسان جي پارٽي ڪمزور ٿي وئي آهي، مان پارٽي جي خواهش تي پارٽي ليڊرشپ تان استعيفيٰ ڏيان ٿو: ڪيئر اسٽارمر

ڪنگ چارلس سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، قيادت جي چونڊ عمل مڪمل ٿيڻ تائين مان پنهنجي عهدي تي برقرار رهندس

ايندڙ وزيراعظم سان مڪمل سهڪار ڪندس، اقتدار جي منظم ۽ هموار منتقلي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندس

لندن(م ر د)برطانوي وزيراعظم سر ڪيئر اسٽارمر پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، ٽين ڊائوننگ اسٽريٽ تي پريس بريفنگ دوران برطانوي وزيراعظم عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪيو هن چيو تہ بار بار اهو چيو ويو تہ اسان جي پارٽي ڪمزور ٿي وئي آهي ۽ ختم ٿي وئي آهي مان پارٽي جي خواهش تي پارٽي ليڊرشپ تان استعيفيٰ ڏيان ٿو اڄ صبح ڪنگ چارلس سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، قيادت جي چونڊ عمل مڪمل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جو وقار ۽ عوامي اعتماد بهتر ڪارڪردگي سان مضبوط ٿيندو: آءِ جي

ڪراچي سينٽرل پوليس آفيس ۾ 10 يو ٽي اي ايس پيز سان ملاقات ۾ ذميوارين بابت بريفنگ

هر آفيسر قانون جي دائري ۾ رهي پنهنجيون ذميواريون بهتر انداز ۾ ادا ڪري: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ 10 يو ٽي اي ايس پيز سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ ڊي آءِ جي هيڊڪوارٽرز سنڌ، ڊي آءِ جي اسٽيبلشمينٽ ۽ اي آءِ جي آپريشنز

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ٻهرين سالياني ڪانفرنس، تعليمي بهتري لاءِ نئون هدف مقرر

ڪانفرنس جو مقصد مختلف شعبن ۾ هم آهنگي ۽ گڏيل لائحہ عمل تيار ڪرڻ آهي: گهنور علي لغاري

تعليم بابت درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد سوچ، گڏيل حڪمت عملي جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ پاران ٻهرين ڏينهن واري سالياني ڪانفرنس محمد علي جناح يونيورسٽي ڪراچي ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اداري جي مختلف

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

چنيوٽ: علامہ طاهر محمود اشرفي امن سيمينار کي خطاب ڪندي

وفاق سنڌ سان زيادتي ڪري پيو ۽ صوبن جي آئيني حصي ۾ ڪٽوتي قبول نہ ڪنداسين: تحريڪ تحفظ آئين

اين ايف سي تحت صوبن جي حصي ۾ گهٽتائي ڪري وفاق کي ناجائز طور تي مضبوط ڪيو پيو وڃي: زين شاهہ

وفاقي گرانٽس ۽ سرپلس ليوي جو مقصد صوبائي خودمختياري کي ختم ڪري نئون ون يونٽ لاڳائڻ آهي

اهڙي ڪنهن بہ وفاقي گرانٽ کي قبول نہ ڪنداسين جنهن سان صوبن جا حق متاثر ٿين: حليم عادل/ محمد زبير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي اڳواڻن سيد زين شاهہ، حليم عادل شيخ، محمد زبير، عبدالرب دراني، علامہ صادق جعفري سميت ٻين پاران ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وفاقي حڪومت جي پاليسين، اين ايف سي ايوارڊ ۽ صوبن جي حقن بابت سخت تحفظات ۽ خدشن جو اظهار ڪيو ويو. اڳواڻن چيو تہ وفاق طرفان سنڌ سان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

عورت ڪرڪيٽرن لاءِ وڏي خوشخبري، آءِ سي سي اهم پاليسي لاڳو ڪري ڇڏي

لندن(م ر د)انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل (آءِ سي سي) ماءُ بڻجڻ ڪانپوءِ وومين ڪرڪيٽرز جي ٻيهر ميدان ۾ واپسي کي سولو بڻائڻ لاءِ نيون هدايتون (گائيڊ لائينز) جاري ڪري ڇڏيون آهن. تازيون هدايتون

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: حسين آباد ۾ نڪتل ماتمي جلوس مقرر رستي تان گذري رهيو آهي جڏهن تہ ذوالجناح جي زيارت ڪئي پئي وڃي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڊيفنس جي علائقي ۾ بنگلي اندر فائرنگ سبب 18 سالن جو نوجوان قاسم پٽ جابر قتل ٿي ويو، لاش وارثن حوالي

بحريا ٽائون جي فليٽ ۾ نوجوان جنيد ولد عبدالعزيز پاڻ مٿان فائرنگ ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

هاڪس بي منوڙا ويجهو نوجوان هاشم ولد رفاقت سمنڊ ۾ ٻڏي فوت، هڪ ٻئي عاصم ولد مامور جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڊيفنس فيز 7 خيابان بدر جي ويجهو بنگلي ۾ فائرنگ جي دوران 18 سالن جو نوجوان قاسم پٽ جابر قتل ٿي ويو مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. بعد ۾ پوليس مقتول جو لاش وارثن حوالي ڪيو پوليس واقعي بابت شاهدين گڏ ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي گڏاپ ٽائون

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت اقليتن جي تحفظ ۽ سماجي ۽ معاشي ترقي لاءِ عملي قدم کنيا آهن: شام سندر آڏواڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي بجيٽ اجلاس ۾ اقليتي معاملن جي معاون خصوصي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي تفصيلي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ حڪومت اقليتن جي تحفظ، ڀلائي ۽

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ ۽ ڪنري ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي سالگرهہ تقريبن ۾ دعا گهري پئي وڃي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي محمد اشرف ولد محمد قاسم رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي مسمات زرينه ولد محمدقاسم ذات ڪچي تاريخ 02-04-2019 تي فوت ٿي چڪي آهي مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث فوتي (1) محمد انور مڙس فوتي زرينه جو (2) منور علي پٽ فوتڻ جو (3) مسمات روزينه ڌيءِ فوتڻ جي (4) مسمات رضوانه ڌيءِ فوتڻ جي (5) مسمات سيما ڌيءِ فوتڻ جي (6) نويد علي پٽ فوتڻ جو (7) فرمان علي پٽ فوتڻ جو (8) عامر علي پٽ فوتڻ جو تنهن کان سواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪونه آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 1533 وارڊ نمبر B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪتنيل حصو سڄو رويو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هرهڪ (1) نالي شمس الدين ولد محمد رمضان ذات ميمڻ (2) نالي محمد انور ولد محمد يوسف ذات ڪچي ٻئي رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي متي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ٿي ڪري حالتن متي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ متي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رکي ويندي ۽ بعد ۾ ڪابه حجت قابل قبول نه رهندي.

سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي محمد اشرف ولد محمد قاسم رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي محمدقاسم ولد طاهر ذات ڪچي تاريخ 10-04-1989 تي فوت ٿي چڪوآهي مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث فوتي (1) محمد اشرف پٽ فوتي محمد قاسم جو (2) عبدالرزاق پٽ فوتي جو (3) مسمات زينب ڌيءِ فوتي جي (4) مسمات زاهدان ڌيءِ فوتي جي (5) وڪيل پٽ فوتي جو (6) زيب النساءِ ڌيءِ فوتي جي (7) مسمات خرشيد ڌيءِ فوتي جي (8) مسمات اَمينه ڌيءِ فوتي جي (9) مسمات روزينه ڌيءِ فوتي جي (10) مسمات سلميٰ ڌيءِ فوتي جي (11) مسمات بيگم بيواهه فوتي محمد قاسم جي مسمات بيگم تاريخ 11-05-2013 تي فوت ٿي چڪي آهي جنهن جا متي ڄاڻايل وارث آهن تنهن کان سواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪونه آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 1533 وارڊ نمبرB تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪتنيل حصو سڄو رويو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هرهڪ (1) نالي شمس الدين ولد محمد رمضان ذات ميمڻ (2) نالي محمد انور ولد محمد يوسف ذات ڪچي ٻئي رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي متي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ٿي ڪري حالتن متي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ متي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رکي ويندي ۽ بعد ۾ ڪابه حجت قابل قبول نه رهندي.

سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي محمد اشرف ولد محمد قاسم رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي مسمات امينه ولد محمد قاسم ذات ڪچي تاريخ 30-06-2023تي فوت ٿي چڪي آهي مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث فوتي (1) ممتاز احمد مڙس فوتڻ امينه جو (2) محمد اشرف ڀاءُ فوتڻ امينه جو (3) عبدالرزاق ڀاءُ فوتڻ جو (4) مسمات زينت ڀيڻ فوتڻ جي (5) مسمات زاهدان ڀيڻ فوتڻ جي (6) وڪيل ڀاءُ فوتڻ جو (7) زيب النساءِ ڀيڻ فوتڻ جي (8) مسمات خرشيد ڀيڻ فوتڻ جي (9) مسمات سلميٰ ڀيڻ فوتڻ امينه جي تنهن کان سواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪونه آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 1533 وارڊ نمبر B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪتنيل حصو سڄو رويو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هرهڪ (1) نالي شمس الدين ولد محمد رمضان ذات ميمڻ (2) نالي محمد انور ولد محمد يوسف ذات ڪچي ٻئي رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي متي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ٿي ڪري حالتن متي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ متي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتي بدل جي داخلا رکي ويندي ۽ بعد ۾ ڪابه حجت قابل قبول نه رهندي.

سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

جيئن ته اسانجي آفيس ۾ نالي عبدالقيوم ولد حميد گجر درخواست ڏني آهي ته سنس ولد صاحب مرحوم نالي حميد گجر ولد امام الدين کي بلاڪ نمبر / سروي نمبر 259/4 ڪل ايراضي 00-4 ايڪڙ ديهه ڪيريون تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ ٻري سڙي ويو آهي جيڪو رڪارڊ بحال ڪري ڏنو وڃي انهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/ Rev-1 2014/12 تاريخ 21-01-2014 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته لوس ثبوتن جي بنياد تي ٻيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سرزمين تي جلسه عام ڪرڻ ڪانپو متيان وارث/ ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن هن اشتهار ذريعي سڀني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي به اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻي صورت ۾ ڄاڻايل ڪاتيدارن جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ڌر جو ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات بشيران زال علي بخش درخواست ڏني آهي ته هن جو مڙس نالي علي بخش ولد ولي محمد جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه سيراڻي تپو ڪورهڻي تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 212_63 مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ ولي محمد منڊرو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيليان آهن تفصيل فوتي علي بخش ولد ولي محمد جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد ابراهيم پٽ فوتي جو 2 صغير تنوير علي پٽ فوتي جو 3 صغير فيضان علي پٽ فوتي جو 4 بلقيس ڌيءِ فوتي جي 5 صغير زڪيه ڌيءِ فوتي جي 6 مسمات بشيران زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته متين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن ڪي ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار خدا بخش ولد محمد جمن رهندڙ ڳوٺ ٽنڱر وساڻ تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته نالي مسمات رحيمان ڌيءِ صابو وساڻ تاريخ 02-01-1990 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 68/1,2,3 ايراضي حصي موجب ديهه ٽڪيو جيوڻ شاهه تپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي ڪاتو ٿيڻ ڪانپو هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ۾ ڏني آهي (1) ملو وساڻ (پٽ) (2) فوتي جان محمد (پٽ) (3) خدابخش (پٽ) (4) رحمت (ڌي) (5) مسمات امير (ڌي) (6) شهزادي (ڌي) .جن جي نالن تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن متين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالڪاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 09 سال 2026

مسمات ضميران بيواهه عبداللطيف لغاري ويٺل ڳوٺ ڪريم داد لنڊ تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو. ايپليڪينٽ .بخلاف (1) محمد قاسم ولد عبداللطيف (2) صنم ڌيءِ عبداللطيف (3) ثمينه ڌيءِ عبداللطيف (4) فوزيه ڌيءِ عبداللطيف (5) عامر وغيره. ريسپانڊنٽس

.نالي مٿئين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارجين درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-06-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته محمد موسيٰ ولد بصر ڪيريو سروي نمبر 842(03)- 841(03-35) (16 ڪل ايراضي 11-07 ايڪڙ ديهه ميرپورساڪرو تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو جي ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 50 سال 2026

مسمات سونهن زال مشتاق احمد ڌيءِ عبدالمجيد ذات سپريو ويٺل ڳوٺ وسائي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعودادو. پلينٽف .بخلاف مشتاق احمد ولد قربان علي ذات سپريو ويٺل ڳوٺ وسائي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو. ڊفينڊنٽس

.نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف خرچ رڪوري ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

بقايا 1 روزاني عبرت

پختونخواهه ۾ پشاور، سوات، باجوڙ، بونير، هنگو، شانگلا، ڪوهاٽ، مهمند ۽ شبقدر سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ زلزلي جا شديد جهٽڪا محسوس ڪيا ويا. ان کان سواءِ اسلام آباد، راولپنڊي، ڊي آءِ خان ۽ ملتان سميت ڀرپاسي وارن علائقن ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي ماپ مرڪز موجب، زلزلي جو مرڪز افغانستان ۾ هندوڪش جو جابلو سلسلو هو. زلزلي جي شدت 5.4 ۽ زمين اندر اونهائي 215 ڪلوميٽر رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا 2 روزاني عبرت

کي بازياب ڪرايو ويو آهي. سي سي پي او ميان سعيد موجب پرڏيهي عورت کي گهريلو تشدد جو نشانو بنايو پئي ويو. متاثر عورت هڪ پاڪستاني شهري سان شادي ڪئي هئي جنهن کان پوءِ هن 2014 کان ٻاڙهه ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. سي سي پي او ٻڌايو ته عورت موجب انهي کي سندس مڙس طرفان بدسلوڪي کي منهن ڏيڻو پيو هو جڏهن ته عورت کي گهر کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت به نه ڏني ويندي هئي. پوليس موجب عورت کي ڇهن ٻارن سميت وومين پوليس اسٽيشن پشاور منتقل ڪيو ويو آهي. فرانسيسي عورت خواهش ڪئي آهي ته هو واپس فرانس وڃڻ چاهي ٿي جنهن تي پرڏيهي آفيس جي حوالي سان فرانسيسي ايمبيسي کي خط لکي ڇڏيو آهي. سي سي پي او موجب واقعي بابت متاثر عورت جي مڙس خلاف ڪيس به داخل ڪيو ويو آهي. واقعي جي حوالي سان وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

جاري امن ڳالهين ۾ مثبت اڳڀرائي جي خبرن ڪانپوءِ عالمي منڊي ۾ ٻارڻ جي تيل جي قيمتن گهٽتائي نظر آئي جڏهن ته دنيا جي مختلف اسٽاڪ مارڪيٽ انڊيڪسز ۾ بهتري رڪارڊ ڪئي وئي آهي. خبرن ڏيندڙ اداري اي ايف پي موجب سرمائيڪارن آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهين کي خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿيڻ جي اميد جي طور تي ڏٺو جنهن سبب تيل جي عالمي قيمتن تي دٻاءُ گهٽ ٿيو. مارڪيٽ ۾ اعتماد بهتر ٿيو برينٽ ٻارڻ واري تيل جي في بيرل قيمت ۾ هڪ ڊالر کان وڌيڪ جي گهٽتائي ٿي آهي. برينٽ ٻارڻ واري تيل جي في بيرل قيمت 79.344 ڊالر ٿي وئي آهي. رپورٽن موجب ثالثي ڪندڙ ملڪن ۽ سفارتي ذريعن ڳالهين جي حوالي سان هڪ روڊ ميپ يا لائحه عمل جي نشاندهي ڪئي آهي. جنهن جي ذريعي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هڪ حتمي معاهدي تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي انهي مثبت ماحول سبب عالمي منڊي ۾ ٻارڻ جي تيل جا ٻئي وڏا بينچ مارڪ ڪنٽريڪٽس جي قيمتن ۾ شروعاتي ڪاروبار جي دوران گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. ٻئي طرف ايشيا، يورپ ۽ ٻين خطن جي مختلف اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ سرمائيڪارن جي اعتماد ۾ اضافي سبب تيزي ڏٺي وئي معاشي ماهرن موجب جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ مستقل معاهدو طئي ٿي وڃي ٿو ته عالمي توانائي منڊي کي استحڪام ملي سگهي ٿو تيل جي رسد ۾ بهتري اچي سگهي ۽ عالمي معيشت تي موجود ڪجهه دٻاءُ گهٽ ٿي سگهي ٿو. تجزيا ڪارن جو چوڻ آهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڳالهين جا نتيجا نه صرف تيل جي قيمتن عالمي اسٽاڪ مارڪيٽن توانائي جي شعبي ۽ وچ اوڀر جي گڏيل صورتحال تي به نمايان اثر پئجي سگهن ٿا.

بقايا 4 روزاني عبرت

معاملا پڻ شامل آهن هن لائسنس ۾ ڪچي تيل، پيٽرو ڪيميڪل شين ۽ ايران مان نڪرندڙ پيٽروليم شين جي آمريڪا ۾ درآمد پڻ شامل آهي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ايڪس تي لکيو ته ايراني تيل ۽ پيٽرو ڪيميڪل جي برآمدات تي پابنديون معطل ڪيون ويون آهن سامونڊي ناڪا بندي ختم ٿي وئي آهي ۽ ڪجهه منجمد اثاثا به جاري ڪيا ويا آهن آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ پنهنجي بيان ۾ چيو ته سوئٽزرلينڊ ۾ جاري بامقصد ڳالهين جي سلسلي ۾ ايران آبناءِ هرمز ۾ آزاد ۽ ڪليل راهداري ۽ بين الاقوامي ائٽمي توانائي ايجنسي (آءِ اي اي اي) جي نمائندن کي پنهنجي ملڪ ۾ داخلا جي اجازت ڏيڻ جو واعدو ڪيو آهي. ان فريم ورڪ تحت ئي 60 ڏينهن جو عارضي لائسنس جاري ڪيو ويو آهي. واضح رهي ته ايران تي پابنديون هٽائڻ وارو معاملو مفاهمتي يادداشت ۾ شامل هو دستاويز موجب، آمريڪا ايران خلاف سمورين معاشي پابندين ختم ڪندو جن ۾ گڏيل قومن جي سلامتي ڪونسل جا ٺهرائڻ ۽ آمريڪا جون هڪ طرفي پابنديون به شامل آهن. ٻئي ذريعن ان معاملي کي ايندڙ ڳالهين ۾ فوري طور حل ڪرڻ جو ارادو رکن ٿيون ايران گهڻي وقت کان آمريڪي "آپريشن اڪنامڪ فيوري" تحت عالمي مالي نظام کان الڳ هجڻ سبب سخت متاثر ٿيو آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

ثالثي ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جي شروعات ٿي آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

تي تقريبن 2 ملين بيرل خام تيل کڻي ويا هئا. اهم شپنگ لين سان گذريا. ان کان علاوه، ٻه خالي سپر ٽينڪر هر هڪ وڌ ۾ وڌ 2 ملين بيرل خام تيل کڻڻ جي قابل، سوموار تي هرمز جي آبنائي ذريعي خليج ۾ داخل ٿيا شپنگ ڊيٽا ۽ تجزياتي فرم ڪيپلر جي مطابق هڪ جهاز عراقي بندرگاهه بصره ڏانهن وڃي رهيو هو

بقايا 7 روزاني عبرت

صلاحيت متاثر ٿي آهي ۽ نه ئي ماحول کي ڪو خطرو لاحق ٿيو آهي قطر جي توانائي واري وزير سعد شريده الڪعبي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته کيس اهڙو اعلان ڪرڻو پيو جيڪو هو ڪڏهن به نه ڪرڻ چاهيندو هو سندس مطابق 13 ڄڻا فوت ٿيا آهن جن جو تعلق ڀارت ۽ پاڪستان سان آهي جڏهن ته 66 زخمين جو علاج جاري آهي اختيارين موجب، هن وقت تائين اهو واضح ناهي ڪيو ويو ته ڌماڪو پلانٽ جي ڪهڙي حصي ۾ ٿيو جڏهن ته واقعي جي باضابطه جاچ شروع ڪئي وئي آهي رپورٽن مطابق ڌماڪي جي شدت ايتري وڌيڪ هئي جو ان جا جهٽڪا مرڪزي دوحا تائين محسوس ڪيا ويا، جڏهن ته راس لفان کان 70 ڪلوميٽر پري رهائشي علائقن ۾ به دريون لڏي ويون

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪري ويو آل پاڪستان ٽيڪسٽائل ملز ايسوسيئيشن(اپٽما) جي ذريعن موجب ايف بي آر ٽيڪسٽائل ملز مالڪن کي پنهنجي خرچ تي ڪيمرا لڳائڻ جو چيو هو پر ملز مالڪن ڪيمرائن جو خرچ برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو اپٽما ذريعن جو چوڻ آهي ته ٽيڪسٽائل مالڪن طرفان زبردستي ڪيمرا لڳائڻ جي صورت ۾ فيڪٽريون بند ڪرڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي انهن جو چوڻ آهي ته ايف بي آر ٽيڪس چوري روڪڻ جي لاءِ ڪيمرا لڳائڻ چاهي ٿي ڪنهن به صورت ۾ اهي ڪروڙين روپين جي خرچن جو بار نٿا کڻي سگهون فيڪٽري مالڪن موجب سيف سٽي ڪيمرا چالان ڪن ٿا انهي جو خرچ صارف برداشت نٿو ڪري انهي ڪري ايف بي آر کي پنهنجي سهوليت ڏسڻي آهي انهي ڪري خرچ به اهي ئي ڪن ۽ پنهنجي خرچ تي ڪيمرا لڳائين فيڪٽري مالڪن جو وڌيڪ چوڻ هو ته صرف ٽيڪسٽائل ملز نه جننگ ۽ اسپننگ ملز کي به شامل ڪيو وڃي ٽيڪسٽائل ملز ته صرف 180 رهجي ويون آهن جننگ ۽ اسپننگ ملز جو تعداد 1200 کان وڌيڪ آهي انهي سان ٽيڪس وڌيڪ ملي سگهي ٿو

بقايا 9 روزاني عبرت

اسٽيئرنگ ڪميٽي جو اجلاس ڊپٽي وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ٿيو اعلان موجب اجلاس ۾ موٽرسائيڪل سوارن ۽ ننڍن هارين کي ڊيزل ايندهن تي سبسڊي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اعلان موجب حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ مال بردار ٽرانسپورٽ کي ڊيزل ايندهن تي سبسڊي ختم ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو آهي. ختم ٿيل ايندهن تي سبسڊي چئني صوبن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ ڏني پئي وڃي اعلان موجب عالمي سطح تي ايندهن جي قيمتن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي جنهن جو فائدو اڳ ئي صارفين تائين پهچايو ويو آهي اعلان موجب، قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي وزيراعظم شهباز شريف جي منظوري سان ايندهن تي سبسڊي ختم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ايندهن تي سبسڊي تحت موٽرسائيڪلون رڪشائون ۽ 800 سي سي گاڏين کي 50 کان 100 رپيا في ليٽر جي سبسڊي ملندي هئي ٻڌايو ويو ته سرڪاري ۽ ٻين سامان جي ٽرانسپورٽرن کي ماهوار 70,000 کان 100,000 روپين تائين سبسڊي ملندي هئي ته جيئن ڪرائي گهٽ رکي سگهجي، جڏهن ته ننڍن هارين کي ڊيزل تي 100 رپيا في ليٽر سبسڊي ملندي هئي

بقايا 10 روزاني عبرت

چيو ته گلگت بلتستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪاميابي عوام جي اعتماد ۽ پارٽي ڪارڪنن جيالن جي انٿڪ محنت ۽ جدوجهد جو مظهر آهي. هن چيو ته اها ڪاميابي پيپلز پارٽي جي عوام دوست ويزن جمهوري جدوجهد ۽ عوامي خدمت واري سياست تي اعتماد جو اظهار آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گلگت بلتستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ مضبوط سياسي قوت طور سامهون آئي آهي ۽ عوام پيپلز پارٽي جي پاليسين ۽ قيادت تي پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته پارٽي ڪارڪنن جنهن جذبي ۽ محنت سان چونڊ عمل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو اهو ساراهه جوڳو آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته ايڊووڪيٽ امجد حسين گلگت بلتستان جي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو. سندس چوڻ هو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوام جي حقن جمهوريت جي مضبوطي ۽ محروم طبقن جي آواز بڻجڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي ۽ مستقبل ۾ به عوامي خدمت جو سفر جاري رکندي.

بقايا 11 روزاني عبرت

موجود سڀني ميمبرن امجد حسين ايڊووڪيٽ جي حمايت ڪئي امجد حسين ايڊووڪيٽ گلگت بلتستان جو پنجون وڏو وزير چونڊجي ويو آهي هو هاڻوڪي چونڊن ۾ جي بي اي-1 گلگت کان ڪامياب ٿيو هو ۽ پيپلزپارٽي گلگت بلتستان جا صدر به آهي. هو 2010 کان 2015 تائين گلگت بلتستان ڪائونسل جو ميمبر رهيو ۽ 2020 جي چونڊن ۾ ٻن ٽڪن تان کٽي چڪو آهي. نئين وڏي وزير جي حلف برداري جي تاريخ جو پوءِ اعلان ڪيو ويندو ان کان اڳ پيپلزپارٽي جو عمران نديم بنا مقابلي گلگت بلتستان اسيمبلي جا نئون اسپيڪر ۽ ن ليگ جو ڪفايت رحمان ايڊووڪيٽ به بنا مقابلي ڊپٽي اسپيڪر چونڊجي چڪا آهن. ٻئي پاسي اپوزيشن ميمبرن جي درخواست تي اسپيڪر گلگت بلتستان اسيمبلي عمران نديم ن ليگ گلگت بلتستان جي صدر حافظ حفيظ الرحمان کي اپوزيشن ليڊر طور ڊڪليئر ڪيو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

موجب گل پلازه جي يونين صدر تنوير پاسٽا، نائب صدر حذيفه عمار اسماعيل، جنرل سيڪريٽري امين جوائنٽ سيڪريٽري محمد رمضان ۽ جنهن دڪان مان باهه لڳي هئي، ان جي مالڪ نعمت الله کي واقعي جو بنيادي ذميوار قرار ڏنو ويو آهي پوليس هن سلسلي ۾ چار صفحن تي ٻڌل مرڪزي چالان سميت سڀني دستاويز پڻ جمع ڪرايا هئا ٻئي طرف پراسيڪيوشن ذريعن جو چوڻ آهي ته پوليس جي جاچ اڌوري ۽ ناڪافي آهي پراسيڪيوشن چالان تي اعتراض اٿاريندي هدايت ڪئي آهي ته ڪيس سان گڏ انڪوائري ڪميشن جي تفصيلي رپورٽ پڻ شامل ڪئي وڃي ان کان علاوه گل پلازه جي آس پاس لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي فوٽيج کي به رڪارڊ جو حصو بڻائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ذريعن موجب پراسيڪيوشن ان ڳالهه جي به نشاندهي ڪئي آهي ته پوليس متاثر دڪان جي ڀرپاسي موجود اکين ڏٺل شاهدن کي ڳولهڻ ۽ سندن بيان قلمبند ڪرڻ لاءِ ڪا سنجيده ڪوشش نه ڪئي تنهن ڪري انهن سڀني خامين کي دور ڪري چالان ٻيهر پيش ڪيو وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

بائيڪاٽ ڪيو ڪارڪن 12 جون کان ضلعي جيل هدا ٻاهران ڌرڻي تي ويٺل آهن ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ جي وڪيل اسرار جتڪ موجب، عدالت سرڪاري طور مقرر ڪيل وڪيلن ذريعي ڪارروائي مڪمل ڪئي جنهن کي جوابدارن شروعات کان ئي رد ڪيو هو ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ جي پيءُ نادر بلوچ فيصلي کي رد ڪندي ان کي "فيس ليس عدالت" جو فيصلو قرار ڏنو آهي. سندس چوڻ آهي ته جن ماڻهن تي سيڪيورٽي اهلڪار جي قتل جو سڌو الزام هو انهن کي اڳ ئي بري ڪيو ويو جڏهن ته تقريرون ڪندڙن کي سزا ٻڌائي وئي آهي واضح رهي ته ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ ۽ صبغت الله شاهه خلاف هي ڪيس 2024ع ۾ گوادر ۾ ٿيل "بلوچ راجي مچي" دوران هڪ سيڪيورٽي اهلڪار جي قتل ڪانپوءِ داخل ڪيو ويو هو 28 جولاءِ 2024ع تي بلوچ يڪجهتي ڪميٽي جو احتجاج ميرين ڊرائيو تي ڌرڻي ۾ تبديل ٿي ويو هو جنهن دوران ڪارڪنن ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن وچ ۾ ڇڪريون پڻ ٿيون هيون ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ کي گوادر واري ڪيس کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي ڪيسن کي به منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي سندس خلاف سرياب ٿاڻي جي حدن ۾ ٽن ڄڻن جي قتل جو ڪيس پڻ داخل آهي پوليس موجب اهي ماڻهو ڪميٽي جي مظاهرين جي فائرنگ ۾ مارجي ويا هئا. ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ ڪير آهي؟ ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ بلوچستان ۾ مبينا طور ڪنهي گم ڪيل ماڻهن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ اهم سماجي اڳواڻ آهي هن پنهنجي والد جي گمشدگي ۽ بعد ۾ تشدد ٿيل لاش ملڻ ڪانپوءِ هن تحريڪ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو سال 2023ع جي آخر ۾ هن اسلام آباد تائين لڳ ڀڳ هڪ هزار ميل ڊگهو لانگ مارچ ڪيو هو کيس بي بي سي جي 100 بااثر عورتن جي فهرست ۽ ٽائم 100 نيڪسٽ لسٽ ۾ پڻ شامل ڪيو ويو هو

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪيل پڙائي موجب حلف برداري جي تقريب ۾ وفاقي آئيني عدالت ۽ سپريم ڪورٽ جي ججز شرڪت ڪئي تقريب جي دوران عدالتي شخصيتون ۽ ٻيون لاڳاپيل اختياريون به موجود هيون ياد رهي ته چيف جسٽس پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي جي پرڏيهي ملڪ موجودگي سبب جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس پاڪستان جا فرض انجام ڏيندو اهو چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي واپسي تائين اهي ذميواريون نڀائيندو. پڙائي موجب چيف جسٽس پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي 24 کان 26 جون تائين روس جي شهر سينٽ پيٽرزبرگ ۾ منعقد ٿيل انٽرنيشنل ليگل فورم ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندو

بقايا 15 روزاني عبرت

آر داخل ڪئي وئي هئي جنهن بعد کيس لاهور مان گرفتار ڪري ڪراچي منتقل ڪيو ويو جتي ساڻس کان جاچ جاري آهي اينٽي ڪرپشن جي جاچ ڪندڙ ذريعن ۽ وڏي وزير سنڌ جي انسپيڪشن ٽيم (CMIT)جي شروعاتي رپورٽ موجب گريڊ 19 جي آفيسر ضمير احمد عباسي ۽ ڊائريڪٽر پروڪيورمينٽ جهامن داس سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٺيڪيدارن مبينا طور مالي ضابطن ۽ قانوني طريقيڪار جي پيچڪري ڪئي رپورٽ ۾ الزام لڳايو ويو آهي ته جوابدارن چار صادق پل ۽ ديو ڊولپمينٽ سميت منصوبي جي اهم حصن لاءِ ڪانٽريڪٽ جي شرطن جي خلاف ورزي ڪندي ٺيڪيدارن کي بينڪ گارنٽي ڪانسواءِ 8 ارب 50 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ رقم اڳواٽ ادائگين جي صورت ۾ جاري ڪئي انهن مبينا غيرقانوني ادائيگين سبب سرڪاري خزاني ۽ سنڌ حڪومت کي لڳ ڀڳ هڪ ارب 25 ڪروڙ روپين جو سڌو مالي نقصان پهتو آهي اينٽي ڪرپشن اختيارين موجب معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ڪيس ۾ وڌيڪ اهم اڳڀرائي ۽ گرفتارين جو امڪان پڻ موجود آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

چيو آهي ته ننگرپارڪر جو هڪ هڪ ماڻهو ڪارونجهر جي ڪٽائي ۽ اتي مائيننگ ڪرڻ جي خلاف آهي، تنهنڪري اهڙي ڪنهن به عمل جي اجازت نه ڏني ويندي اسيمبلي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي پيپلز پارٽي جي ايم پي اي قاسم سراج سومرو چيو ته گذريل ڏينهن هڪ پي ايڇ ڊي اسڪالر ايم پي اي دوست طرفان ڪارونجهر ۾ مائيننگ ڪرڻ جي حمايت ڪئي وئي هئي پر اها فلاسفي سمجهه کان ٻاهر آهي هن چيو ته اسان پنهنجي علائقي ۾ لڳ ڀڳ 20 ارب روپين جي لاڳت سان ننڍا ڊيم (Small Dams) ٺهرايا آهن انهن ڊيمن جي پاڻي جو واحد ذريعو اتي جون ٻهاڙيون آهن جڏهن کان اهي ڊيم ٺهيا آهن ننگرپارڪر مان ماڻهن جي لڏپلاڻ ۽ مائيگريشن بند ٿي وئي آهي. واٽر هارويسٽنگ ٿي آهي، ايڪولوجيڪل آرڊر بحال ٿيو آهي ۽ وائلڊ لائيف جو تحفظ ٿيو آهي هن وقت اتي اندر گرائونڊ پاڻي بهتر ٿيڻ سبب زراعت پڻ ٿي رهي آهي قاسم سراج سومرو چيو ته مائيننگ ڪندڙ ڪمپنيون چئي رهيون آهن ته اتي صنعتون لڳنديون، پر سوال اهو آهي ته انهن صنعتن لاءِ پاڻي ڪٿان ايندو؟ اسان وٽ اڳ ئي ٻئراجن ۾ پاڻي جي کوٽ آهي اتي جيڪو پاڻي آهي اهو برساتن جو آهي جنهن تي مقامي ماڻهو گذارو ڪن ٿا. جيڪڏهن اتي مائيننگ جي نالي تي ننگرپارڪر جي هڪ کان ڏيڍ لک ماڻهن کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو ويو ته اهو عمل ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو هن واضح ڪيو ته مان ننگرپارڪر جي سڄي سوسائٽي ۽ اتي جي رهواسين جو نمائندو آهيان. چاهي ڪو منهنجو ووٽر هجي يا نه، پر ننگرپارڪر جو عوام پنهنجي ڌرتي تي اهڙي مائيننگ جي اجازت ڪڏهن به نه ڏيندو قاسم سراج سومرو وڌيڪ چيو ته چاهي اهو ڪارونجهر جبل هجي، ڪارسر جي ٻهاڙي هجي، چوڙيو جو مندر هجي يا ننگرپارڪر جون ٻيون ننڍيون وڏيون ٻهاڙيون هجن اهي سڀ اسان جي تاريخ، ثقافت ۽ سڃاڻپ آهن هن چيو ته ڪراچي ۾ جبل ڪٽڻ وارو مائينڊ سيٽ اسان جي علائقي ۾ نه اچڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اسان جي علائقي جي پنهنجي تاريخ ۽ هڪ الڳ حيثيت آهي جنهن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

بقايا 17 روزاني عبرت

جي حفاظت جي ذميواري رياست تي اچي ٿي، ڪنهن هڪ گروهه تي نه. جوزف عون وڌيڪ چيو ته سياسي مقابلو جائز آهي پر ان کي رياست جي ترقي ۾ رڪاوٽ نه بڻجڻ گهرجي

بقايا 18 روزاني عبرت

تبديل ڪري ڇڏيو ذريعن موجب، ٽرمپ جو بيان قاليباف لاءِ ايترو ته ناگوار هو جو ڳالهين کي جاري رکڻ ناممڪن ٿي ويو سوئٽزرلينڊ ۾ ڳالهين جي ميزباني تي پاڪستان ۽ قطر جي ثالثن جي موجودگي ڪم ڪيو ذريعن موجب، جڏهن ماحول تلخ ٿي ويو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ايراني وفد کي قائل ڪيو ذريعن موجب ايراني وفد ايترو ناراض هو جو ڳالهين جي فارميٽ کي تبديل ڪرڻو پيو هڪ پاسي پيش رفت ٻئي مسئلي تي پيش رفت جو سبب بڻجندي آهي ذريعن موجب، ايران کي رعايت مفاهمت جي ياداشت جي دور ۾ پهريون امتحان آهي اهو ڏسڻو آهي ته آمريڪي خزاني وارو کاتو اڄ شام ڪهڙا قدم کڻندو آهي عباس عراقچي جو بيان ان ڳالهه جي نشاني آهي ته معاملو آخرڪار خوش اسلوبي سان حل ٿي ويو

بقايا 19 روزاني عبرت

تي اتفاق ڪيو ويو ان دوران اسحاق ڊار جي هدايت تي عوامي خدمتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڊيٽا ۽ ٽرانسميشن سسٽم ۾ خاميون ختم ڪيون وينديون

بقايا 20 روزاني عبرت

جون تي عام موڪل هوندي ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف 9 ۽ 10 محرم الحرام تي سرڪاري موڪلن جي منظوري ڏئي ڇڏي، جنهن ڪابينا ڊويزن سرڪاري موڪلن بابت نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، 9 ۽ 10 محرم الحرام تي سڄي ملڪ ۾ عام موڪل هوندي، جڏهن ته يوم عاشورا جي موقعي تي ماتمي جلوس ۽ مجلسون منعقد ڪيون وينديون. موڪلن دوران سمورا سرڪاري آفيسون بند رهنديون

بقايا 21 روزاني عبرت

ڀرپاسي وارن علائقن ۾ برسات جو سلسلو جاري رهيو جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ هلڪي ۽ تيز برسات رڪارڊ ڪئي وئي موسميات کاتي موجب لاهور جو موجوده گرمي پد 33 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 27 ۽ وڌ کان وڌ 39 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان آهي جڏهن ته اڄ ۽ سڀاڻي وقفي وقفي سان برسات جي به اڳڪٿي ڪئي وئي آهي انگن اکرن موجب هوا جي رفتار 6 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ رڪارڊ وئي جڏهن ته هوا ۾ نمي جو تناسب 45 سيڪڙو تائين پهچي ويو شهر جي مختلف علائقن ۾ رڪارڊ ٿيل برسات موجب نشتر ٽائون ۾ 11.2 ملي ميٽر برسات پئي جڏهن ته جوهر ٽائون ۾ 3.4، گلبرگ ۾ 0.8، سمن آباد ۾ 0.4، اقبال ٽائون ۾ 0.2 ۽ رسگيان ۾ 0.2 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي موسميات کاتي جو وڌيڪ چوڻ هو ته ايندڙ 24 کان 48 ڪلاڪن جي دوران به برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهي سگهي ٿو

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪارروائي دوران ايوان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر نعيم ڪرل جي لاءِ تعزيتي قرارداد منظور ڪئي جيڪو ڪالهه فوت ٿي ويو جنهن ۾ مرحوم کي جمهوريت ۽ پارٽي لاءِ سندس خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو هي قرارداد پيپلز پارٽي جي ميمبر هالار وسان پيش ڪئي بجيٽ تي بحث دوران پيپلز پارٽي جي ميمبرن سخت احتجاج ڪيو ۽ ايم ڪيو ايم جي ميمبر پاران ڪيل ڪجهه قابل اعتراض ريمارڪس تي ايوان ۾ گوڙ ڪيو جنهن تي سندس لفظ ايوان جي ڪارروائي مان حذف ڪيا ويا بجيٽ تي عام بحث ۾ حصو وٺندي، صوبائي وزير صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته سنڌ حڪومت ڏکين معاشي حالتن ۾ بهتر بجيٽ ڏني آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت اين ايف سي ذريعي وفاق کي لڳ ڀڳ 260 ارب رپيا ڏنا آهن جيڪو هڪ وڏو ڪم آهي هن چيو ته گل پلازا سانحي ۾ قيمتي جانين جو نقصان ٿيو سنڌ حڪومت متاثرين لاءِ 8 ارب رپيا جاري ڪيا. صوبائي وزير چيو ته وفاق سنڌ سان مسلسل ناانصافي ڪري رهيو آهي سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ گئس لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي هن چيو ته سنڌ صوبي کي موٽر وي کان ڇو محروم رکيو ويو آهي؟ ٽن وزيراعظمن سکرحيدرآباد موٽر وي تي واعدا ڪيا، پر ڪجهه به نه ٿيو صنعت ۽ واپار واري وزير صوبائي سطح تي موٽر وي اٿارٽي قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي پنهنجي تقرير ۾ هن سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ جو به ذڪر ڪيو ۽ چيو ته جيڪي ڪراچي جي وفاق جي حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪن ٿا اهي سنڌ سان مخلص نه آهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام بند ڪرڻ عوام دشمن هوندو هن چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت ڪراچي ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي سماجي ڀلائي واري وزير مير طارق ٽالپر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سماجي ڀلائي واري کاتي بزرگ شهري ڪارڊ ڏنا آهن بزرگ شهري هن ڪارڊ مان فائدو حاصل ڪندا. سنڌ ۾ بزرگ شهري پناهه گاهه پڻ ٺاهيا پيا وڃن ڪراچي ۾ هڪ پناهه گاهه ٺاهي وئي آهي سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به پناهه گاهه ٺاهيا ويندا. هن چيو ته ٻارن جي تحفظ جي هيلپ لائن تي 270,000 کان وڌيڪ ڪالون موصول ٿيون هيلپ لائن ٻارن جي مسئلن لاءِ 30 ضلعن ۾ هلي رهي آهي اسان ٻارن لاءِ پناهه گاهه پڻ ٺاهيا آهن هن چيو ته اسان منشيات جي حوالي سان اي اين ايف سان گڏ ڪم ڪري رهيا آهيون 8,000 کان وڌيڪ منشيات فروشن جو علاج ڪيو ويو آهي هن چيو ته ڪراچي جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ لساني سياست آهي ماضي ۾ نوجوانن کي الائونس سليس تي رکيو ويندو هو صوبائي وزير زڪوات ۽ اوقاف رياض شاهه شيرازي چيو ته اوقاف کاتي جون 35 اسڪيمون جاري آهن 14 اسڪيمون مڪمل ڪيون ويون آهن سڀئي اسڪيمون نئين مالي سال ۾ مڪمل ڪيون وينديون هن چيو ته ڪيٽي بندر پورٽ جي تعمير مان پورو پاڪستان فائدو حاصل ڪندو سنڌ حڪومت گهارو کان علي بندر تائين حفاظتي ڊيم لاءِ بجيٽ ۾ پئسا مختص ڪيا آهن هي ڊيم سمنڊ کي اڳتي وڌڻ کان روڪيندو هن چيو ته کاتو عبدالله شاهه غازي جي مزار جو پئسو مزار تي خرچ ڪري ٿو هن مزار جون اسڪيمون نئين مالي سال ۾ مڪمل ڪيون وينديون زڪوات جي رقم هڪ لک 10 هزار ڪاردن تي ڏني ويندي اسپتالن کي زڪوات فنڊ طور 66 ڪروڙ رپيا ڏنا ويندا آهن يونيورسٽين ۽ تعليمي بوردن جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو چيو ته هن وقت اسان جي کاتي ۾ 37 اسڪيمون آهن جن مان 27 جاري اسڪيمون آهن يونيورسٽين ۾ سولرائيزيشن ڪئي پئي وڃي هن چيو ته سنڌ ۾ يونيورسٽين جو تعداد وڌي رهيو آهي 2008 کان اڳ سنڌ ۾ صرف 10 يونيورسٽيون هيون 2008 کان پوءِ پيپلز پارٽي جي حڪومت 20 يونيورسٽيون ٺاهيون آهن اڳ ۾ اسان وٽ صرف 2 ڪيمپس هئا. هاڻي 18 ڪيمپس آهن هن چيو ته 2008 کان اڳ 35 هزار شاگرد هئا. هن وقت 137 هزار کان وڌيڪ آهن اسماعيل راهو چيو ته اسان يونيورسٽين جو تعداد مسلسل وڌائي رهيا آهيون هائير ايجوڪيشن ڪميشن 2018 ۾ يونيورسٽين لاءِ فنڊ بند ڪري ڇڏيا 9 سالن کان پوءِ وفاقي حڪومت يونيورسٽين لاءِ بجيٽ 75 ارب رپيا رکيا آهي نئين مالي سال ۾، اسان يونيورسٽين لاءِ 48 ارب رپيا مختص ڪيا آهن ايم ڊي ڪي اي ٽي ٽيسٽ مڪمل طور تي شفاف طريقي سان ڪيا ويا. هن چيو ته هن وقت سرڪاري يونيورسٽين ۾ ڪٿي به ڪا سيٽ خالي ناهي هن چيو ته پيپلز پارٽي ڪڏهن به سنڌ جي معاملن ۾ سوديبازي نه ڪندي پيپلز پارٽي جي فياض احمد ٻٽ چيو ته اين آءِ سي وي ڊي هڪ اهڙو ادارو آهي جتي غريبن جو به مفت علاج ڪيو ويندو آهي ۽ علاج جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ 100,000 رپيا في مريض آهي دل جي بيمارين لاءِ اهڙيون سهولتون نه آهن جيئن سنڌ ۾ ملڪ ۾ ڪٿي به آهن هن چيو ته واپڊا وارا بجلي چوري ڪن ٿا ۽ غريبن کي بل موڪلين ٿا. هن چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته صوبي ۾ ڪو به گئس ناهي جيڪو گئس پيدا ڪري پي پي پي جي ميمبر امتياز احمد شيخ چيو ته محدود وسيلن جي باوجود، سنڌ حڪومت صوبائي بجيٽ ۾ عوامي مفاد کي ڌيان ۾ رکيو ۽ سنڌ جي وڏي وزير مشڪل حالتن ۾ هڪ بهترين بجيٽ پيش ڪئي امتياز شيخ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته صوبي جي ٻهراڙي وارن علائقن لاءِ خاص پيڪيج متعارف ڪرايا وڃن ته جيئن اسان جا ڳوٺ ۽ ضلعا خوبصورت بڻجي سگهن هن چيو ته بجلي سان گڏ سنڌ ۾ سوئي گئس جو بحران به پيدا ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص ڌيان سان امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي صحت کاتو سنڌ ۾ قابل تعريف خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ايم ڪيو ايم ميمبر ارسلان پرويز پنهنجي تقرير ۾ شهري مسئلن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو هن چيو ته شهر جا روڊ خراب حالت ۾ آهن گٽر ٽٽي رهيا آهن ۽ هڪ وزير جي حمايت سان زمين مافيا سماج جي زمينن تي قبضو ڪري رهيا آهن هن چيو ته ڪراچي يونيورسٽي جي استادن 40 ڏينهن تائين احتجاج ڪيو پر حڪومتي ميمبرن انهن سان رابطو نه ڪيو ڇا ڪراچي جي ٻارن کي تعليم کان پري رکڻ جي سازش آهي؟ موجوده بجيٽ صرف لفظن جو مجموعو آهي پيپلز پارٽي چيو ته اسان جا مخالف به شاهراهه ڀٽو تي تنقيد ڪري رهيا آهن جيتوڻيڪ اهو هڪ عوامي خدمت جو منصوبو آهي انهن مطالبو ڪيو ته شاهراهه ڀٽو تي موٽرسائيڪل سوارن تي پابندي ختم ڪئي وڃي انهن لاءِ الڳ لين ٺاهي وڃي ۽ جامشورو ضلعي کان ملير ضلعي تائين روڊ ٺاهيو وڃي انهن چيو ته مان پنهنجي زمين اسپورٽس ڪمپليڪس لاءِ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان بولا خان پوليس اسٽيشن ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس ٺاهيو وڃي پيپلز پارٽي جي ممتاز جکراڻي چيو ته جيڪڏهن پاڪستان آهي ته سنڌ آهي اسان سڀ پاڪستان جي ڪري آهيون هن ايم ڪيو ايم کي سنڌ لاءِ آواز بلند ڪرڻ لاءِ چيو هن ڳوڙهي خيرپور ۾ سيني جي درد يونٽ قائم ڪرڻ جو به مطالبو ڪيو ايم ڪيو ايم ميمبر فرحان انصاري پنهنجي تقرير ۾ بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبي جو ذڪر ڪندي چيو ته اهو سنڌ حڪومت لاءِ ڳچيءَ جي هڏي بڻجي چڪو آهي ان ۾ وڏي ڪرپشن ٿي آهي جڏهن ايشين بينڪ خط لکيو ته انهن کي خبر پئي ته اٺ ارب روپين جي ڪرپشن ٿي آهي هاڻي هي منصوبو 80 ارب روپين جو ٿي چڪو آهي هن چيو ته جيڪي اسان تي الزام لڳائين ٿا انهن لاشن کي بورين ۾ ويڙهيل ڏٺو آهي؟ ڇا توهان ڪڏهن به اهو برداشت ڪري سگهندا؟ پيپلز پارٽي جي ميمبرن سندس انهن لفظن تي زوردار احتجاج شروع ڪيو پارلياماني معاملن واري وزير ضيا لنجار اسپيڪر کي ٻڌايو ته فرحان انصاري جا غير پارلياماني لفظ ڪارروائي مان حذف ڪيا وڃن ڊپٽي اسپيڪر سندس غير پارلياماني لفظ حذف ڪيا پيپلز پارٽي جي ميمبرن مطالبو ڪيو ته فرحان انصاري پنهنجا لفظ واپس وٺي جنهن تي فرحان انصاري چيو ته مون ڪنهن سان به بدسلوڪي نه ڪئي آهي گهرو وزير چيو ته فرحان انصاري جي تقرير سڄي ميڊيا تي نشر ڪئي وئي تقرير ۾ بورين ۾ ويڙهيل لاشن کي رکڻ جي ڌمڪي ڏني وئي مان جاچ جو حڪم ڏئي رهيو آهيان ايم ڪيو ايم ميمبر طحه احمد چيو ته جاچ ٿيڻ گهرجي پر اسان جو موقف به ٻڌو وڃي اشتعال ڪٿان آيو ان جي به جاچ ٿيڻ گهرجي ان موقعي تي ايم ڪيو ايم جا ميمبر ڪجهه وقت لاءِ ايوان مان نڪري ويا ۽ پوءِ واپس هليا ويا اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته فيلڊ مارشل عاصم منير جي ڪردار جي ڪري پاڪستان هڪ پرامن ملڪ طور ابري آيو آهي پاڪستان ايران-آمريڪا ڳالهين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته سنڌ پاڪستان ۾ اقليتن جو سڀ کان وڏو صوبو آهي موجوده مالي سال دوران اسان جي کاتي جون 80 ترقياتي منصوبا جاري آهن جن مان 30 منصوبا مڪمل ٿي چڪا آهن منهنجي کاتي غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪئي سرڪاري يونيورسٽين جي 650 ٻارن کي اسڪالرشپ ڏني وئي هن چيو ته سنڌ اقليتن لاءِ قانون ٺاهڻ ۾ اڳتي هئي سنڌ حڪومت اسڪول جي نصاب ۾ هندن جو مذهبي نصاب شامل ڪيو آهي پي پي پي ميمبر امداد پتافي چيو ته حڪومت تي تنقيد ٿيڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اهو اخلاقيات جي دائري ۾ هجي ته ڪو به اعتراض نٿو ڪري سگهي سنڌ جا ماڻهو سياسي طور تي تمام گهڻو باشعور آهن اسان جي بزرگن هندستان کان ايندڙن کي پيار ڏنو ڪراچي اسان جي سرن جو تاج آهي هن مخالف ڌر ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته اڄ به انهن جا دل لنڊن وارن سان گڏ آهن اهي اڃا تائين ٺپو بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏين ٿا. هن چيو ته جيڪو به سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪندو ان کي ذليل ۽ خوار ڪيو ويندو پيپلز پارٽي جي تيمور ٽالپر چيو ته جيڪي پيپلز پارٽي تي تنقيد ڪن ٿا اهي به سنڌ ۾ ان جي طرفان فراهم ڪيل سهولتن مان فائدو حاصل ڪن ٿا. هن چيو ته مان چوٿون ڀيرو عمرڪوٽ مان ايم پي اي چونڊيو ويو آهيان سنڌ جا ماڻهو پيپلز پارٽي سان پيار ڪن ٿا. ايم ڪيو ايم جي ميمبر صابر قائمخاني چيو ته اهو جمهوريت جو تقاضا آهي ته اسان هڪ ٻئي جي ڳالهه صبر سان ٻڌون اسان بائيڪاٽ جي باوجود ايوان ۾ موجود آهيون سنڌين ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ ڪو به فرق ناهي فرق صرف اهو آهي ته اسان سنڌ کي لٽيرن کان بچائڻ چاهيون ٿا ۽ اسان ڪرپٽ ۽ لٽيرن کي سنڌي نه ٿا سمجهون هن چيو ته قوم جي ماءُ مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد بي بي جي شهادت تائين جاچ ٿيڻ گهرجي 18 سالن ۾ به اڄ خساري وارو بجيٽ پيش ڪيو ويو آهي پيپلز پارٽي جي ميمبر سهيل انور سيال چيو ته سنڌ حڪومت صوبي جي ماڻهن جي بهترين طريقي سان خدمت ڪري رهي آهي سنڌ ۾ بهترين طبي سهولتون آهن ۽ سڄي پاڪستان مان ماڻهو علاج لاءِ هتي اچن ٿا ايم ڪيو ايم جي انجنيئر عثمان چيو ته سنڌ حڪومت وٽ 750,000 ملازم آهن صوبائي سيلز ٽيڪس آمدني 775 ارب رپيا رکي وئي آهي ڪراچي مان 700 ارب رپيا گڏ ڪيا ويندا پر ڪراچي جي ماڻهن لاءِ ڪا به سهولت يا رليف ناهي سنڌ جي 37 سيڪڙو آبادي ڪراچي ۾ رهي ٿي پر ان مان ڪراچي لاءِ خرچن جو 37 سيڪڙو مطالبو ڪري رهيو آهيان سنڌ حڪومت غريب مخالف بجيٽ پيش ڪئي آهي پي ٽي آءِ ميمبر محمد اويس چيو ته سڄي دنيا ۾ احتجاج ٿي رهيا آهن پر ڪراچي ۾ احتجاج تي بيگناهه شهرين خلاف ايف آءِ آر داخل ڪيون وڃن ٿيون جيتوڻيڪ هن احتجاج ۾ سڀني پارٽين جي ماڻهن شرڪت ڪئي هن چيو ته پيپلز پارٽي تعصب جي سياست ڪري رهي آهي عوامي نمائندن کي ڀت سان لڳايو پيو وڃي سنڌ ملڪ جي گئس جو 80 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي پر صوبي ۾ هر هنڌ گئس جي بدترين لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي پيپلز پارٽي ميمبر سعديه جاويد چيو ته مون کي هن بجيٽ ۾ نظريو ۽ عوامي اعتماد نظر اچي ٿو پيپلز پارٽي نعرن ۽ دعوائن جي سياست نه ٿي ڪري، پر خدمت جي سياست ڪري ٿي ڪراچي سنڌ جو هو ۽ مستقبل ۾ به سنڌ رهندو پيپلز پارٽي جي ميمبر ارباب لطف الله پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ٿرپارڪر ۾ پاڻي جو مسئلو حل ٿي رهيو آهي ۽ ٽيوب ويلن جي ڪري اتي ڪڻڪ پوکي پئي وڃي صدر آصف زرداري روڊ سيڪٽر ۾ تمام گهڻي دلچسپي رکي ٿو اسان ڪم ڪيو آهي ان ڪري اسان کٽي آيا آهيون پيپلز پارٽي جي غلام قادر چانڊيو پنهنجي بجيٽ تقرير ۾ ايم ڪيو ايم تي سخت تنقيد ڪئي ۽ چيو ته رانا ٺاڪر فاروق ستار کي گرفتار ڪيو هو هو ان جو مستحق آهي غلام قادر چانڊيو به ايوان ۾ ٺاڪر جي تصوير کي لوڏيو هن چيو ته مان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو سياسي پٽ آهيان مان شهيد بينظير ڀٽو جو ڀاءُ آهيان جيڪڏهن حساب ڪتاب آهي ته پوءِ شهيد عبدالله مراد ۽ منور سهروردي جي خون جو حساب ڪير ڏيندو پيپلز پارٽي جي علي حسن هنگورجو چيو ته منهنجي ضلعي سانگهڙ مان گئس وڏي مقدار ۾ نڪرندي آهي، پيٽرول به سانگهڙ ضلعي مان نڪرندو آهي پر وڏي شهر ۾ اڃا تائين گئس ناهي وفاقي حڪومت ۽ پيٽروليم وزير کان گئس فراهم ڪرڻ جو مطالبو آهي پيپلز پارٽي جي ميمبر رانا حمير سنگهه چيو ته سنڌو لفظ مان هندو لفظ نڪرندو آهي هن ملڪ ۾ سنڌو رهي ٿي پيپلز پارٽي هميشه سنڌ جي خدمت ڪئي آهي اسان کي هن ملڪ ۾ رهڻو آهي ۽ هتي ئي مرڻو آهي پي ٽي آءِ ميمبر واجد احمد مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 15 سيڪڙو واڌ ڪري ايم ڪيو ايم ميمبر انيل ڪمار چيو ته غلطي سان مان هڪ ڀيرو اين آءِ سي وي ڊي ويو هوس خدا جو شڪر آهي ته مان جيئرو واپس آيو آهيان هن چيو ته سنڌ ۾ هر هنڌ هندن سان ناانصافي ٿئي ٿي پيپلز پارٽي صرف ڪن ٿو (اسمبلي جي هڪ عورت ميمبر) کي تحفو ڏنو آهي ٿرپارڪر ۾ آر او پلانٽ بند آهن پيپلز پارٽي جي شيراز راجپر هي پيپلز پارٽي جي خوبي آهي ته ان ۾ ورڪنگ طبقي جا ماڻهو شامل آهن اڄ ڪچي آبادي وارا علائقا ڌاڙيلن کان آزاد آهن گهرو وزير مبارڪباد جو مستحق آهي ايم ڪيو ايم: رانا شوڪت چيو ته اسان سنڌ سان اوترو ئي پيار ڪريون ٿا جيترو توهان ان سان پيار ڪندا آهيو توهان وڏا آهيو توهان حڪمران آهيو توهان اسان جي ڳالهه ٻڌو پي ٽي آءِ ميمبر بلال جدون شڪايت ڪئي ته اسان کي گذريل ٽن سالن کان ترقياتي بجيٽ نه ملي آهي سنڌ حڪومت کي سڄي سنڌ کي هڪ نظر سان ڏسڻ گهرجي ڊپٽي اسپيڪر نويد نويد چيو ته پيش ڪيل بجيٽ معروضي حالتن ۾ بهتر آهي اقليتن بابت ڪجهه معاملن تي بحث نه ڪيو ويو نوڪرين ۾ اقليتن لاءِ 5 سيڪڙو ڪوٽا صدر آصف زرداري جو تحفو آهي ايم ڪيو ايم جي مظاهر عامر چيو ته جڏهن سنڌ ۾ مالي بحران هو ته غير ترقياتي خرچ گهٽ ڪرڻ گهرجن سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 سيڪڙو واڌ ڪئي وڃي پيپلز پارٽي چيو ته مان فخر سان چوان ٿو ته مان سن ڪوٽا تي آهيان مون کي پنهنجي پيءُ جي ورثي کي جاري رکڻ تي فخر آهي منهنجي حلقي جي ماڻهن مون کي ووٽ ڏنو ۽ مان فارم 47 جي پيداوار نه آهيان اجلاس اڱاري جي صبح تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا 23 روزاني عبرت

جي ماڙي پور انويسٽيگيشن پوليس ڪارروائي ڪندي راشن ڏيڻ جي بهاني هڪ غريب عورت کي هاڪس بي کڻي وڃي مبينا طور اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻائيندڙ هڪ اهم جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي متاثر عورت پنهنجي بيان ۾ جوابدار سيف الله ۽ سندس ساٿي عبدالرزاق خلاف ڪيس داخل ڪرايو هو ايف آءِ آر موجب عورت کي سندس سڃاڻپ واري عورت نسرين بلديه ٽائون جي 24 مارڪيٽ ۾ موجود سيف الله جي دڪان تي وٺي وئي جتي کيس راشن ڏيارڻ جو آسرو ڏنو ويو مقدمي موجب سيف الله پنهنجي دوست عبدالرزاق کي گهرائي عورت کي ڪار ۾ ويهاريو ۽ ٻنهي جوابدارن کيس هاڪس بي ڊيم ويجهو ڪچي رستي تي وٺي ويا. اتي عبدالرزاق مبينا طور پستول ڏيکاري عورت سان زبردستي زيادتي ڪئي، جنهن کان پوءِ سيف الله پڻ ڪار اندر ساڻس زيادتي ڪئي. جوابدارن مبينا طور ان دوران عورت جون نازيبا وڊيوز پڻ ٺاهيون متاثر عورت جو چوڻ آهي ته واقعي کان پوءِ جوابدارن کيس بدنام ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ هزار رپيا ڏئي حب ريور روڊ تي لاهي فرار ٿي ويا. پوليس ڪيس داخل ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي، جڏهن ته ٻئي جوابدار ۽ سهولتڪار عورت جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

ذريعن جو چوڻ آهي ته معاملو اڃا شروعاتي مرحلي ۾ آهي پر ان تي تيزيءَ سان اڳڀرائي ٿي رهي آهي رپورٽ موجب، گڏيل عرب امارتن ڀارت جي ايئر ڊفينس سسٽم آڪاش تير ۾ پڻ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي. ڀارتي اختيارين ۽ گڏيل عرب امارتن جي پرڏيهي وزارت هن معاملي تي باضابطا طور ڪو به تبصرو نه ڪيو آهي واضح رهي ته براهموس ميزائل ڀارت ۽ روس جو گڏيل منصوبو آهي، جيڪو دنيا جي تيز ترين ڪروز ميزائلن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان کي زمين، سمنڊ ۽ فضا مان فائر ڪري سگهجي ٿو آڪاش تير هڪ پاڻمرادو فضائي دفاعي نظام آهي جيڪو ڀارت جي سرڪاري ڪمپني ڀارت اليڪٽرانڪس لميٽيڊ ۽ ڀارتي فوج جي سهڪار سان تيار ڪيو ويو آهي رپورٽ موجب، گڏيل عرب امارتن وچ اوڀر ۾ تازي جنگي حالتن ۽ ايراني حملن ڪانپوءِ پنهنجي دفاعي نظام کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هٿيارن جي خريداري جا منصوبا تيز ڪيا آهن جڏهن ته آبناءِ هرمز جهڙي اهم واپاري گذرگاهه جي تحفظ کي به اهميت ڏني پئي وڃي ماهرن موجب، براهموس جي امڪاني وڪري لاءِ روس جي منظوري پڻ ضروري هوندي، ڇو ته اهو ڀارت ۽ روس جو گڏيل منصوبو آهي پر روس ۽ گڏيل عرب امارتن جا لاڳاپا سبب اهو وڏو مسئلو نه سمجهيو پيو وڃي پرڏيهي ميڊيا موجب، گڏيل عرب امارتن وٽ اڳ ۾ ئي آمريڪي ساخت جا MGM-168 ATACMS ميزائل ٿاڊ (THAAD) ۽ پيٽريئٽ جهڙا جديد دفاعي نظام موجود آهن جيتوڻيڪ ڀارت جي هٿيارن جي برآمدات جا ڪيترائي معاهدا ماضي ۾ مڪمل نه ٿي سگهيا آهن پر ماهرن جو خيال آهي ته عرب ملڪن سان اهڙن دفاعي معاهدن جا امڪان هاڻي وڌيڪ مضبوط ٿي رهيا آهن

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪپ ۾ ايران جون ميچون آمريڪي ۾ شيڊيول آهن جڏهن ته ٽيم جو بيس ڪئمپ ميڪسيڪو ۾ قائم آهي ايران نيوزيلينڊ ڪانپوءِ بلجيم خلاف به پنهنجو گروپ ميچ لاس اينجلس ۾ کيڏي، جنهن ڪانپوءِ لاڪر روم ۾ اهو پيغام ڇڏيو ويو ايراني ٽيم پنهنجي پيغام ۾ لکيو آهي ته "هزارين سال پراڻي فارس کان وٺي اڄ جي مهذب ايران تائين، ايران جي روح زنده ۽ ثابت قدم آهي. اسان فخر سان لاس اينجلس آياسين عزت ۽ وقار سان مقابلو ڪيو ۽ اوچي ڳاٽ سان هتان روانا ٿي رهيا آهيون. لاس اينجلس، توهان جي مهمان نوازي جي مهرباني" ايراني ٽيم پنهنجي مداحن جا ٿورا پڻ مڃيا ۽ مختلف قومن وچ ۾ امن، گڏيل احترام ۽ دوستي کي هٿي ڏيڻ جي اپيل ڪئي پيغام ۾ "#168" ۽ "Minab#" جا لفظ به شامل هئا. ياد رهي ته هلندڙ 28 فيبروري تي آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان شروع ڪيل حملن جي پهرئين ڏينهن ڏکڻ ايران جي شهر مناب ۾ قائم "شجره طيبه گرلز اسڪول" کي نشانو بڻايو ويو هو جنهن ۾ 168 کان وڌيڪ شاگرديائيون ۽ استاد شهيد ٿيا هئا.

بقايا 26 روزاني عبرت

ٿيڻ تائين مان پنهنجي عهدي تي برقرار رهندس. ڪيئر اسٽارمر جو چوڻ هو ته ايندڙ وزيراعظم سان مڪمل سهڪار ڪندس، اقتدار جي منظم ۽ هموار منتقلي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندس. واضح رهي ته ڪيئر اسٽارمر 2024 وارين عام چونڊن ۾ ڳري اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي هئي برطانيه ۾ ليبر پارٽي 4 جولاءِ 2024 تي ٻيهر اقتدار ۾ آئي. ليبر پارٽي عام چونڊن ۾ تاريخي ڪاميابي ماڻي هئي. 2024 ۾ ليبر پارٽي جي ڪاميابي سان 14 سالن کان جاري ڪنزرويٽو پارٽي جي اقتدار جو خاتمو ٿيو هو ياد رهي ته هڪ ڏهاڪي دوران برطانيه جو هي ڇهون وزيراعظم آهي جنهن پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

پڻ موجود هئا. آءِ جي سنڌ نون مقرر ٿيل زير تربيت آفيسرن کي فيلڊ ذميوارين بابت بريفنگ ڏني ۽ کين مبارڪباد ڏيندي چيو ته عوامي خدمت، ايمانداري، پيشه ورانه صلاحيت ۽ قانون جي بالادستي کي اوليت ڏني وڃي. هن چيو ته سنڌ پوليس جو وقار ۽ عوامي اعتماد بهتر ڪارڪردگي سان وڌيڪ مضبوط ٿيندو. آءِ جي سنڌ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جديد پوليسنگ، ٽيڪنالاجي جي استعمال، ڪميونٽي پوليسنگ ۽ شفاف حڪمراني تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته هر آفيسر پنهنجي ذميوارين قانون جي دائري ۾ رهي ڪري بهتر انداز ۾ ادا ڪري. ملاقات جي آخر ۾ زير تربيت آفيسرن آءِ جي سنڌ جي رهنمائي کي ساراهيندي پيشه ورانه ذميوارين ايمانداري سان انجام ڏيڻ جو عزم ظاهر ڪيو

بقايا 28 روزاني عبرت

شعبن، ريجنل هيڊ، ڊسٽرڪٽ هيڊ ۽ سربراهن شرڪت ڪري گڏيل ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ مستقبل جي ترجيحن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ڊپٽي مينيجنگ ڊائريڪٽر شاهپاره رضوي ڪانفرنس جي شروعات آجياڻي سان ڪئي. ان موقعي تي مينيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري چيو ته اداري جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اهڙي نوعيت جي ڪانفرنس جو مقصد مختلف شعبن وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ، ڪامياب تجربن کي هڪ ٻئي سان ونڊڻ ۽ مستقبل لاءِ گڏيل لائحه عمل تيار ڪرڻ آهي. هن چيو ته سنڌ جي مختلف علائقن ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ شعبن کي گڏ ڪرڻ سان نه رڳو ادارتي سگهه جو عمل مضبوط ٿيندو پر بهتر نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملندي. ڪانفرنس دوران مختلف شعبن جي ذميوارن پنهنجي ڪارڪردگي، اهم اڳڀرائين ۽ ايندڙ منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي محمد علي جناح يونيورسٽي جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر زبير احمد شيخ "تعليم ۾ مصنوعي ذهانت جي عملي استعمال" بابت خصوصي سيشن ورتو، جنهن ۾ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي تدريس، سکيا ۽ انتظامي معاملن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ بابت خيال ونڊيا ويا. ٻن ڏينهن واري هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته تعليم جي شعبي ۾ درپيش چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد سوچ، گڏيل حڪمت عملي ۽ نتيجن تي ٻڌل منصوبابندي وقت جي اهم ضرورت آهي. ڪانفرنس کي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اداري سڌاري ۽ تعليمي اثر وڌائڻ واري سفر ۾ هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو

بقايا 29 روزاني عبرت

زيادتي ڪئي پئي وڃي ۽ صوبن جي آئيني حصي ۾ ڪٽوتي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي، ڇو ته ڪنهن به تبديلي لاءِ آئيني ترميم لازمي آهي. انهن موجب اين ايف سي جي تحت صوبن جي حصي ۾ گهٽتائي ڪري وفاق کي ناجائز طور تي مضبوط ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته صوبن وٽ اڳ ئي وسيلن جي کوٽ آهي ۽ عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهي. اڳواڻن چيو ته تعليم، صحت ۽ صاف پاڻي جهڙن بنيادي شعبن ۾ سنڌ ملڪ ۽ دنيا جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ پوئتي آهي، جتي عوام کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي به ميسر ناهي ۽ بنيادي اشاريه به اطمينان بخش ناهن. محمد زبير چيو ته پيٽروليم ليوي کي 120 رپين تائين پهچايو ويو آهي ۽ ايندڙ سال ان ۾ وڌيڪ واڌ جو خدشو آهي جيڪا وڌي 170 رپين تائين وڃي سگهي ٿي، جڏهن ته وفاق صوبن جو پئسو پاڻ وٽ رکي رهيو آهي ۽ 1.7 ٽريلين رپيا صوبن جي حصي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي وئي آهي، جنهن کي هو عوام سان ظلم قرار ڏين ٿا. سندس چوڻ هو ته صوبن کي گن پوائنٽ تي راضي ڪيو ويو آهي ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان اهڙي ڪنهن به وفاقي گرانٽ کي قبول نه ڪندي جنهن سان صوبن جا حق متاثر ٿين. حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ ۾ گذريل 18 سالن دوران ڪرپشن ۽ بدانتظامي سبب تعليم صحت ۽ امن امان جون حالتون خراب ٿيون آهن اسڪولن ۾ ڪتابن ۽ اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ آهي، جڏهن ته سنڌ جا شهر اڄ به بنيادي سهولتن کان محروم آهن. سيد زين شاهه چيو ته وفاقي گرانٽس ۽ سرپلس ليوي صوبن جي خلاف سازش آهي، جنهن جو مقصد صوبائي خودمختياري کي ختم ڪري نئين ون يونٽ جهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ آهي. هن چيو ته پاڻي جي منصوبن جي نالي تي سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي ۽ متنازع ڪينالن ۽ ڊيم منصوبن ذريعي سنڌ جي پاڻي تي قبضي جون ڪوششون ٿي رهيون آهن، جنهن سان سنڌ جو ڊيلٽا تباهه ٿي رهيو آهي ۽ زراعت سخت خطري ۾ آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن وفاق پنهنجو رويو تبديل نه ڪيو ته عوامي تحريڪ هلائي ويندي. حليم عادل شيخ پنهنجي خطاب ۾ دعويٰ ڪئي ته گذريل 18 سالن ۾ سنڌ کي هزارين ارب رپيا بجيٽ جي صورت ۾ مليا، پر ان جي باوجود عوام کي ڪو به رليف نه مليو تعليم، صحت، امن امان، زراعت ۽ بلدياتي نظام سڀ ناڪام نظر اچن ٿا ۽ ڪرپشن جا وڏا اسڪينڊل سامهون آيا آهن. هن چيو ته اربين رپين جا منصوبا جهڙوڪ سولر انرجي، آر او پلانٽس، واٽر پروجيڪٽس ۽ ٻيا ترقياتي ڪم ڪرپشن جي ور چڙهي ويا آهن جڏهن ته ڪراچي سميت سڄو سنڌ بنيادي سهولتن کان محروم آهي. علامه صادق جعفري چيو ته سنڌ کي ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن کان نجات ڏيارڻ ضروري آهي ۽ محرم دوران لوڊشيڊنگ ختم ڪري امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي. عبدالرب دراڻي چيو ته ملڪ ۾ بجيٽ عوام لاءِ نه پر اسٽيبلشمينٽ لاءِ ٺاهيو وڃي ٿو جنهن سبب عام شهري غير محفوظ آهي، ۽ اهڙو عوام دشمن بجيٽ هو مڪمل طور تي رد ڪن ٿا. اڳواڻن زور ڏنو ته سنڌ جي وسيلن، پاڻي ۽ حقن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو ۽ عوامي حقن جي جدوجهد جاري رهندي.

بقايا 30 روزاني عبرت

انگلينڊ ۾ جاري عورتن جي ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ دوران متعارف ڪرايون ويون جن جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته عورت رانديگرياڻين کي پنهنجي راند ۽ ماءُ بڻجڻ جي ذميوارين مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي. آءِ سي سي موجب، ريٽرن ٽو پلي پوسٽ پريگننسي گائيڊ لائينز" بورڊن ڪوچز ۽ ميڊيڪل اسٽاف لاءِ هڪ عملي فريم ورڪ فراهم ڪن ٿيون جنهن ذريعي ٻار جي پيدائش ڪانپوءِ رانديگرياڻين جي محفوظ ۽ منظم واپسي ممڪن بڻائي سگهجي ٿي. آءِ سي سي ميڊيڪل ايڊوائزري ڪميٽي جي ميمبر ۽ گائيڊ لائينز تيار ڪندڙ ٽيم جي اڳواڻ ڊاڪٽر فليپا انگلس چيو ته ان جو مقصد اهو واضح ڪرڻ آهي ته ماءُ بڻجڻ ڪنهن به پليئر جي ڪيريئر جو خاتمو ناهي ۽ مناسب سپورٽ ذريعي وومين ڪرڪيٽر ٻيهر اعليٰ سطح تي کيڏي سگهن ٿيون آءِ سي سي طرفان جاري ڪيل هدايتون ڇهن نڪتن تي آڌاريل آهن جن ۾ تياري، ڄاڻ، بحالي، ٻيهر ٽريننگ، واپسي ۽ بهتر بڻائڻ جا مرحلا شامل آهن. ان کان سواءِ راند وارن وينيوز تي ٻارن جي سنڀال کير پيارڻ لاءِ سهولتون ۽ نرم ٽريننگ ۽ سفر ۾ مدد جهڙيون تجويزون پڻ شامل ڪيون ويون آهن ويسٽ انڊيز جي ڪرڪيٽر آفي فليچر جنهن 2021 ۾ پٽ کي جنم ڏنو هو هن قدم کي وومينز ڪرڪيٽ لاءِ اهم اڳڀرائي قرار ڏيندي چيو ته "جسماني بحالي ڏکيو مرحلو آهي ۽ رانديگرياڻين کي مضبوط سپورٽ سسٽم جي ضرورت هوندي آهي" ياد رهي ته گذريل ورهين دوران ڪيتري عورت رانديگرياڻين ماءُ بڻجڻ ڪانپوءِ ٻيهر عالمي ڪرڪيٽ ۾ واپسي ڪئي آهي. جنهن کي نظر ۾ رکندي آءِ سي سي اها نئين حڪمت عملي تيار ڪئي آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

جي حد سپر هاءِ وي تي بحريا ٽائون پرسيئنٽ 51 ويلا 40 روڊ نمبر 6 جي ويجهو فليٽ ۾ 23 سالن جي نوجوان جنيد ولد عبدالعزيز پنهنجي پاڻ کي فائرنگ ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي آهي ماڙيپور ٿاڻي جي حد هاڪس بي منوڙا روڊ اين 51 بٽ جي ويجهو 20 سالن جو نوجوان هاشم ولد رفاقت سمنڊ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو ساحل ٿاڻي جي حد سي ويو ڊو درياءَ جي ويجهو سمنڊ مان ايڌي جي رضاڪارن 36 سالن جي عاصم ولد ماسور جو لاش ٻاهر ڪڍي جناح اسپتال منتقل ڪيو نيو ايم اي جناح روڊ پيپلز چورنگي جي ويجهو فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿيل عبيد جناح اسپتال ۾ علاج جي دوران زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو شاهه لطيف ٽائون ڪٽ جي ويجهو ميزان بئنڪ جي لڳ روڊ حادثي ۾ 55 سالن جو نامعلوم شخص فوت ٿي ويو لياقت آباد سي 1 ايريا جي ويجهو گهر مان ڦندو ٻڌل عبدالله ولد محمد سليم جو لاش مليو

بقايا 32 روزاني عبرت

سماجي ۽ معاشي ترقي لاءِ جامع قانون سازي ۽ مؤثر عملي قدمن تي عمل جاري رکيو آهي هن چيو ته سنڌ هندو ميريج ايڪٽ ۽ سنڌ ريٽل اسٽيٽ/پراپرٽي مئنيجمينٽ اينڊ ڊسپوزل ايڪٽ جهڙن قانونن اقليتي برادرين جي خانداني، سماجي ۽ ملڪيت سان لاڳاپيل حقن کي مضبوط قانوني تحفظ فراهم ڪيو آهي. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خصوصي هدايتن تحت ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر ۽ لاڙڪاڻو سميت مختلف ضلعن ۾ اقليتي معاملن جا آفيسون فعال ڪيا ويا آهن ته جيئن اقليتي برادري کي سندن گهر جي در تي سهولتون فراهم ٿي سگهن هن ٻڌايو ته اقليتي برادري جي مسئلن جي فوري حل لاءِ فيلڊ سطح جو نظام وڌيڪ بهتر بڻايو ويو آهي. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ حڪومت عبادتگاهن جي تحفظ لاءِ مندرن، گرجا گهرن ۽ ٻين مذهبي هنڌن تي جديد سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون آهن جڏهن ته سيڪيورٽي ادارن سان گڏيل حڪمت عملي تحت انهن جي حفاظت کي وڌيڪ مؤثر بڻايو ويو آهي.

بقايا 33 روزاني عبرت

پروگرام مستحق خاندانن جي معاونت ۽ عورتن کي معاشي ۽ سماجي زندگي ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ڪن ٿا. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري پارليامينٽ هائوس ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد ۽ بي آءِ ايس پي جي سيڪريٽري عامر علي احمد پاران ڏنل بريفنگ ۾ شرڪت ڪئي جتي کيس پروگرام جي اڳڀرائي، جاري سڌارن ۽ سڄي ملڪ جي مستحق خاندانن تي ان جي اثرن بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. خاتون اول کي ٻڌايو ويو ته مالي سال 26 — 2025ع دوران بي آءِ ايس پي جي لاءِ 716 ارب رپيا رکيا ويا هئا جڏهن ته مالي سال 27 — 2026ع جي لاءِ 844 ارب روپين جي بجيٽ تجويز ڪئي وئي آهي. کيس آگاهه ڪيو ويو ته بينظير ڪفالت پروگرام تحت هن وقت 1 ڪروڙ 20 لک خاندانن کي ٽه ماهي بنيادن تي 14500 رپيا روڪ امداد فراهم ڪئي پئي وڃي جڏهن ته جنوري 2027ع کان ان وظيفي کي وڌائي 18000 رپيا ڪرڻ جو منصوبو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته بينظير تعليمي وظيفا پروگرام تحت 1 ڪروڙ 24 لک ٻارن کي تعليمي معاونت فراهم ڪئي پئي وڃي جنهن جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 70 سيڪڙو اسڪول حاضري جي شرط رکي وئي آهي. اهڙي طرح بينظير نشونما پروگرام جي ذريعي اٽڪل 20 لک حاملا ۽ کير پياريندڙ عورتن ۽ ٻن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي مدد ڪئي پئي وڃي جڏهن ته پائليٽ مرحلي تحت 52 هزار ننڍي عمر جي ڇوڪرين کي پڻ پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو آهي. خاتون اول کي ٻڌايو ويو ته صدر آصف علي زرداري ۽ بي بي آصفه ڀٽو زرداري پاران شروع ڪيل بينظير هنرمند پروگرام مستحق ماڻهن کي مفت فني تربيت فراهم ڪري رهيو آهي جنهن ۾ هيستائين 7 هزار کان وڌيڪ ماڻهو داخلا وٺي چڪا آهن. ڊيجيٽل شعبي ۾ وزيراعظم جي "ڪيش ليس اڪانومي" قدم تحت هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ مستحقين کي ڊيجيٽل سوشل پروٽيڪشن والٽس جي ذريعي باضابطا مالياتي نظام سان ڳنڍيو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ 85 لک کان وڌيڪ مفت سمز ورهائي والٽس سان ڳنڍيون ويون آهن جڏهن ته 4 لک 10 هزار کان وڌيڪ مستحقين کي ڊيجيٽل ۽ مالياتي خواندگي جي تربيت پڻ ڏني وئي آهي. وڌيڪ ٻڌايو ويو ته قومي سماجي ۽ معاشي رجسٽري ۾ 3 ڪروڙ 87 لک خاندانن جي ڊيٽا موجود آهي جڏهن ته 2 ڪروڙ 30 لک خاندان ڊائنامڪ رجسٽري تحت پنهنجي معلومات اپ ڊيٽ ڪري چڪا آهن. تازي تصديقي عمل جي نتيجي ۾ 35 لک کان وڌيڪ نئين ممڪن طور تي خاندانن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. خاتون اول کي عالمي بئنڪ جي هڪ تحقيق بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو جنهن موجب بي آءِ ايس پي 1 ڪروڙ 3 لک کان وڌيڪ خاندانن جي مدد ڪري رهيو آهي جيڪو پاڪستان جي اٽڪل 24 سيڪڙو خاندانن جو احاطو ڪري ٿو تحقيق موجب پروگرام تحت ورهائي ويندڙ هڪ هڪ رپئي جي بدلي مقامي معيشت ۾ 2.34 رپين جي حقيقي آمدني پيدا ٿئي ٿي. وڌيڪ اهو ته ڪل آمدني ۾ اضافي جو 68 سيڪڙو حصو معاشري جي غريب ترين 40 سيڪڙو خاندانن کي حاصل ٿئي ٿو جڏهن ته اهو پروگرام 16 لک 60 هزار ڪل وقتي برابر روزگار جي موقعن جي حمايت ڪري ٿو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته بي آءِ ايس پي جي ذريعي پيدا ٿيندڙ معاشي سرگرمي قومي خزاني کي ساليانو اٽڪل 174 ارب رپيا واپس فراهم ڪري ٿي ان موقعي تي ڳالهه ٻولهه ڪندي بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ان ويزن جي هڪ پائيدار عڪاسي آهي جنهن جو مقصد معاشري جي ڪمزور ۽ مستحق طبقن کي سهارو ڏيڻ ۽ موقعا فراهم ڪرڻ هو هن شفافيت، مالي شموليت ۽ خدمتن جي فراهمي کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ جاري سڌاراتي قدمن کي ساراهيندي چيو ته مؤثر سماجي تحفظ جا پروگرام مستحق خاندانن جي مدد ۽ عورتن کي معاشي ۽ سماجي زندگي ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ان کان اڳ پنهنجي آجياڻي واري خطاب ۾ بي آءِ ايس پي جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد چيو ته اهو پروگرام 2008ع ۾ صدر آصف علي زرداري شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن موجب شروع ڪيو هو ۽ اهو معاشري جي ڪمزور طبقن جي لاءِ باوقار سماجي تحفظ فراهم ڪرڻ جي عزم جو عملي اظهار آهي. هن چيو ته بي آءِ ايس پي هاڻي رڳو روڪ امداد تائين محدود نه آهي پر هڪ جامع ڊيجيٽل ۽ بااختيار بڻائيندڙ سماجي تحفظ جي نظام طرف وڌي رهيو آهي. ان موقعي تي قومي اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه قومي اسيمبلي ميمبر شازيه مري، قومي اسيمبلي ميمبر مير غلام علي ٽالپر ۽ قومي اسيمبلي جي غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو چيئرمين پڻ موجود هئا.

اڱارو 23 جون 2026 ع
Tuesday 23 june 2026
روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ڪارونجهر: ٿر جي سڃاڻپ، ثقافت ۽ بقا جو نشان
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
نهرو جو مقابلو موديءَ سان ۽ هندستان جا سنڌي مسلمان!
صفحو 4

ڪربلا جو واءِ ڏاڍو واقعو
زوار عبدالستار
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — 23 جُون
صفحو 4

حيدرآباد ۾ هاري هلچل تحريڪ پاران شهيد مائي بختاور جي ورسي تقريب

ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي سميت سياسي سماجي ادبي اڳواڻن پاران لفظن جي پيٽا پيش

نامياري هارياڻي مائي بختاور هاري هلچل جي سچ واري واٽ تي هلندي شهادت ماڻي: مقرر

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌهاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي شهيد مائي بختاور جي ورسي ۾ ڪانفرنس کي صدارتي خطاب ڪندي چيوته سنڌ ۾ هارين مزدورن سان اڄ به ظلم ناانصافي ٿي رهي آهي هارين کي سندن حق نه ملي رهيا آهن هاري ڪارڊ جونالو استعمال ٿيو پر هڪ به هاري کي اڄ ڏينهن تائين هاري ڪارڊ ناهي مليو اها هارين سان تمام وڏي ناانصافي آهي هارين جي حقن لاءِ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جهنڊو بلند ڪيو سندس هاري هلچل جي سچ واري واٽ تي هلندي نامياري هارياڻي مائي بختاور هاري جي حق لاءِ جهاد ڪندي شهيد ٿي وئي شهيد بختاور جي جدوجهد کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا اڄ به هارين سان ظلم جاري آهي زراعت جي شعبي ۾ سڀ کان وڌيڪ محنت هاري ڪري ٿو پر هارين کي سندن زرعي فصلن جا اگهه نه ٿا ملن جنهن سبب هاري ترقي ڪرڻ بدران اڄ به غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهي هارين وٽ علاج ڪرائڻ ٻارن کي تعليم ڏيارڻ بجلي جا بل ڏيڻ لاءِ پئسا ڪونه آهن هارين کي ريليف ڏيڻ لاءِ وفاق توڙي صوبائي حڪومتون خاص پيڪيج ڏيڻ لاءِ اعلان ڪن ته جيئن هاري پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي چيوته مهانگائي سبب هارين سميت سڀ ماڻهو سخت پريشان آهن حڪمران آءِ ايم ايف کي خوش ڪرڻ لاءِ هرشي تي ٽئڪس لڳائي مهانگائي جوطوفان آڻي ڇڏيو آهي اسان عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون هن چيوته سنڌ ۾ پاڻي جي سخت ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ سنڌو درياءَ ۾ واري اڏامي رهي آهي سنڌ ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ سبب زرعي فصل سڪي رهيا آهن ۽ هاڻ پيئڻ جي لاءِ به پاڻي جي ڪوٽ پيدا ٿي وئي آهي ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي خطاب ڪندي چيوته ميڊيا مٿان پيڪاآرڊيننس وسيلي پابندي مڙهي آزاد صحافت مٿان وڏا وار ڪيا پياوڃن هن چيوته جيڪو صحافي سچ لکي ٿو ان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ان کي جيل ۾ قيد ڪيووڃي ٿو اسان مطالبو ڪريون ٿا ته ميڊيا کي آزاد ڪيووڃي هن چيوته اسان شهيد مائي بختاور کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا ڪانفرنس کي نامياري ليکڪا سياسي اڳواڻ حميده گهانگهرو خطاب ڪندي چيوته شهيد مائي بختاور بهادري سان حق لاءِ وڙهندي شهيد ٿي وئي سندس ڪيل جدوجهد تاريخ ۾ هميشه امر رهندي مائي بختاور پنهنجي جان جي قرباني ڏئي هارين جي جدوجهد لاءِ اهو پيغام ڏنو ته پنهنجي حق لاءِ سچائي سان جدوجهد ڪريو ان لاءِ جيڪڏهن جان قربان ڪرڻي پئي ته ڪري ڇڏيو عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ نظير قريشي خطاب ڪندي چيو ته ڪامريڊ شهيد مائي بختاور سنڌ جي اها سورمي آهي جنهن حق لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري اهوثابت ڪري ڇڏيو ته سنڌ جي هارياڻي به بهادر آهي طبقاتي جدوجهد جي اڳواڻ ايرس داس خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي پورهيتن هارين مزورن کي سندن حق اڄ به نه ملي رهيا آهن حقن لاءِ گڏيل طور پورهيو نموني سان جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيوته شهيد بختاور کي سرخ سلام پيش ڪريان ٿو نامياري اديب ادريس جتوئي خطاب ڪندي چيوته هاري جدوجهد ۾ جتي هاري مرد پنهنجي بهادري سان جدوجهد ڪئي آهي اتي سنڌ جي هارياڻي به پنهنجي حق لاءِ بهادري سان وڙهندي سڄي دنيا آڏو پنهنجو پيغام ڏنو آهي ته سنڌ جي هارياڻي به ميدان ۾ آهي شهيد مائي بختاور به هاري انقلاب جي امر ڪردار آهي سنڌصوفي فورم جي سرواڻ ڊاڪٽر بدر چنا خطاب ڪندي چيوته شهيد مائي بختاور سنڌ جي حق لاءِ سچائي سان جدوجهد ڪئي مائي بختاور هاري انقلاب جي بهادر عورت اڳواڻ هئي جنهن ظالم کي للڪاريندي مهاڏو اٽڪايو ۽ حق خاطر وڙهندي شهيد ٿي وئي کيس سرخ سلام پيش ڪريون ٿا ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي هارين جي حق لاءِ مائي بختاور سچائي سان حق لاءِ وڙهندي شهادت ماڻي آهي کيس سنڌ سدائين سلام پيش ڪندي رهندي ان موقعي تي اڳواڻ آفتاب جتوئي وحيد ڪوڪر سميت سياسي سماجي ادبي اڳواڻن خطاب ڪيو

حيدرآباد: سنڌ هاري ڪاميٽي پاران شهيد هارياڻي مائي بختاور جي ورسي ملهائيندي پيٽا پيش ڪري رهيا آهن

حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ ڪيل گهٽتائي جو فائدو ڏکڙي واسين کي نه ٿي سگهيو

سرڪاري ادارا ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ گهٽتائي سميت روزاني استعمال جي شين جي اگهن ۾ لاٽ آڻڻ ۾ ناڪام

گذريل هڪ مهيني دوران ڊيزل جي قيمت ۾ سئو رپين کان وڌيڪ گهٽتائي ٿيڻ باوجود ٽرانسپورٽرن ڀاڙن ۾ ڪا لاٽ نه آندي

لاڳاپيل ادارا ايئرڪنڊيشنڊ آفيسن مان نڪري عملي قدم کڻن ۽ سرڪاري رليف واقعي عوام تائين پهچائڻ لاءِ مؤثر ڪارروائي ڪن: شهري

ڏکڙي(ن ع) ڏکڙي سميت آس پاس جي علائقن جي عوام حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ ڪيل گهٽتائي جو فائدو حاصل ڪرڻ کان محروم سرڪاري ادارا ٽرانسپورٽ ڀاڙن ۾ گهٽتائي سميت روزاني استعمال جي شين جي اگهن ۾ لاٽ آڻڻ ۽ حڪومتي رليف عوام تائين پهچائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام نظر اچي رهيا آهن اٽو گيهه دالين ٽرانسپورٽ ڀاڙن ۽ ٻين ضروري استعمال وارين شين جي قيمتن ۾ ڪا به نمايان گهٽتائي نه اچي سگهي آهي جنهن سبب عوام رليف کان محروم آهي تفصيل موجب پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي گهٽتائي باوجود پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن اٽي دالين چانورن گيهه کنڊ ۽ ٻين روزمره استعمال وارين شين جي اگهن ۾ گهٽتائي نه اچي سگهي آهي جڏهن ته ماضي ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي ئي انهن شين جا اگهه فوري طور وڌائي ڇڏيا ويا هئا، پر هاڻي حڪومت پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ وڏي گهٽتائي ڪرڻ باوجود عوام کي ان جو ڪو به فائدو نه ملي سگهيو آهي گذريل هڪ مهيني دوران ڊيزل جي قيمت ۾ سئو رپين کان وڌيڪ گهٽتائي ٿي چڪي آهي جنهن حساب سان ٽرانسپورٽ ڀاڙن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويهه سيڪڙو گهٽتائي ٿيڻ گهرجي ها، پر ٽرانسپورٽ مافيا طرفان اڃا تائين ڪا به گهٽتائي نه ڪئي وئي آهي ٻئي طرف سنڌ حڪومت، آر ٽي اي ۽ مقامي انتظاميا پڻ ان معاملي تي مجرماڻي خاموشي اختيار ڪري ويٺي آهي عوام مطالبو ڪيو آهي ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا ايئرڪنڊيشنڊ آفيسن مان نڪري عملي قدم کڻن ۽ سرڪاري رليف واقعي عوام تائين پهچائڻ لاءِ مؤثر ڪارروائي ڪن جيئن ماڻهن کي وڌندڙ مهانگائي ۽ معاشي پريشانين مان ڪجهه ڇوٽڪارو ملي سگهي

ننگرپارڪر کان عزادارن جو سيد الشهداءُ حضرت امام حسين عليه السلام قافلو سامي ويري پهتو

واقعي ڪربلا حق ۽ باطل جي وچ ۾ هڪ فيصلائتي معرڪو هو صبر، استقامت، قرباني ۽ سچائيءَ جو درس ملي ٿو: ذاڪرين

حضرت امام حسين عليه السلام جي تعليمات تي عمل ڪري ئي معاشري ۾ انصاف، اخوت ۽ انسانيت جا قدر فروغ ڏئي سگهجن ٿا

ننگرپارڪر کان 65 ڪلوميٽر پري سرحدي علائقي ۾ مجلسِ امام حسين عليه السلام جو اهتمام پڻ عقيدتمندن لاءِ توجهه جو مرڪز بڻيو

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر کان عزادارن جو سيد الشهداءُ حضرت امام حسين عليه السلام قافلو سامي ويري ڏانهن روانو ٿيو قافلو رستي ۾ امام بارگاهه جهونڊن گونگڙي ۾ حاضري جي سعادت حاصل ڪئي وئي. ان موقعي تي منعقد ٿيل مجلس عزا کي مولانا ذيشان حسن رند ۽ مولانا رضا حسين رضواني خطاب ڪندي حضرت امام حسين عليه السلام جي لازوال قرباني، دين اسلام جي بقا ۽ واقعي ڪربلا جي عالمگير پيغام تي تفصيلي روشني وڌي. بعد ۾ قافلو سامي ويري پهتو جتي وڏي تعداد ۾ عقيدتمندن جي شرڪت سان مجلسِ عزا منعقد ڪئي وئي. مجلس کي علامه رضا حسين رضواني، مولانا ذيشان حسن رند ۽ مولانا عبدالستار خطاب ڪندي چيو ته واقعي ڪربلا حق ۽ باطل جي وچ ۾ هڪ فيصلائتي معرڪو هو جنهن مان صبر، استقامت، قرباني ۽ سچائيءَ جو درس ملي ٿو هنن زور ڏنو ته حضرت امام حسين عليه السلام جي تعليمات تي عمل ڪري ئي معاشري ۾ انصاف، اخوت ۽ انسانيت جا قدر فروغ ڏئي سگهجن ٿا. ان موقعي تي الهرکيو کوسو پاران ننگرپارڪر کان 65 ڪلوميٽر پري سرحدي علائقي ۾ مجلس امام حسين عليه السلام جو اهتمام پڻ عقيدتمندن لاءِ توجهه جو مرڪز بڻيو. ٻي طرف ننگرپارڪر ۾ مجاهد حسين دوداڻي پاران ننگرپارڪر ۾ مجلس عزا منعقد ڪرائي وئي، ننگرپارڪر ۾ ستين محرم تي جلوس پڻ ڪڍيو ويو مجلسن ۽ جلوسن دوران سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

ميرپورخاص ۾ ڳوٺ هريار واسڻ بيواهه عورت جو احتجاج

ڏير ۽ علائقي جي بااثر زوري لڄالت جو نشانو بڻايو: نيلان ڪولهي

شڪايت ڪرڻ تي پيٽرول مٿان هاري ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ڏير ۽ علائقي جي بااثر زوري لڄالت جو نشانو بڻايو شڪايت ڪرڻ تي پيٽرول مٿان هاري ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي ٻڪريون ۽ ٻار ڦري ورتا آهن تحفظ فراهم ڪيو وڃي اهڙو اظهار چاچرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ هريار واسڻ بيواهه عورت نيلان ڪولهي ٻين گهر ڀاتين سميت ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو بيواهه عورت وڌيڪ چيو ت 07 سال اڳ مڙس ڀلاج فوت ٿي ويو هو ٻڪريون چاري گذر سفر ڪندي آهيان ٻڪريون چارڻ دوران 02 ڏينهن ڀريان ڏير موهن ڪولهي ۽ سوائي ٺڪر زوري لڄالت جو نشانو بڻايو اهڙي شڪايت ڳوٺ جي معزز ماڻهن کي ڏني جنهن تي موهن جيوراج، تارو شنڪر ۽ سوائي ٺڪر مونجي ٻيا منهنجي گهر ۾ گهڙي مونکي رسن سان ٻڌي مون مٿان پيٽرول هاري ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي رڙين تي پاڙيوارن پهچي جان بچائي ڄاڻايل ماڻهن پاران منهنجون 08 ٻڪريون ۽ ٻار ڦري ورتا آهن اهڙي شڪايت حد جي ٿاڻي تي ڪئي ويس پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ لا تيارناهي ڄاڻايل ماڻهو موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن زندگي کي خطرو آهي بيواهه عورت واسطيدار اختياريزن کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ت معاملي جو نوٽس وٺي ڄاڻايل ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ٻڪريون ۽ ٻار واپس ڏياري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ميرپورخاص: ڳوٺ هريار واسڻ بيواهه عورت احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار، هٿيار هٿ

ڪراچي(اي پي پي) ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائيم ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار، هٿيار هٿ. تفصيل موجب سائيٽ سپرهاءِ وي نيو سبزي منڊي پوليس چوڪي اسٽريٽ ڪرائيمز ۾ ملوث 2 مبينه جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان ايميونيشن سميت 2 عدد پسٽول هٿ ڪيا. چنچر ڏينهن ضلعي اولر پوليس ترجمان موجب گرفتار جوابدارن ۾ ساجد ولد بادشاهه خان ۽ حفيظ الله ولد لال سعيد شامل آهن پوليس جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني آهي

چور جي يونين ڪائونسل ٽوين واري جي چيئرمين خلاف اينٽي ڪرپشن عمرڪوٽ ۾ درخواست داخل

چور (ن ع) عمرڪوٽ ضلعي يونين ڪائونسل ٽوين واري جي چيئرمين جي زيادتين ۽ مبينه ڪرپشن خلاف اينٽي ڪرپشن عمرڪوٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي تعلقي سامارو جي يونين ڪائونسل ٽوين واري جي رهواسي قاضي حاجي امتياز پاران يوسي ٽوين واري جي چيئرمين قاضي محمد سليم جي مبينه ڪرپشن ۽ زيادتين خلاف چيئرمين اينٽي ڪرپشن سنڌ ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن عمرڪوٽ جي آفيس ۾ درخواست داخل ڪرائي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته چيئرمين قاضي سليم پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو کڻي منهنجي گهر شميم اختر ڌي قاضي عبدالرزاق جي 21 ايڪڙ 30 گهنٽا زرعي زمين جا ڪوڙا دستاويز ٺهرائي پنهنجي ۽ پنهنجي ڀاءُ جي نالي جعلي رجسٽري ڪرائي قبضو ڪري ورتو آهي انهي جعلسازي ۽ فراڊ ۾ روينيو کاتي جا عملدار ۽ ٻيا پڻ ملوث آهن منهنجي گهر واري شميم اختر اڃا حياتي آهي ڪوڙن دستاويزن ۾ انهن فراڊين ڄاڻايو آهي ته شميم اختر پنهنجي زمين 1998ع ۾ اسان کي بخشش طور ڏني جڏهن ته ان وقت سندس ڄمار صرف ست سال ٿئي ٿي اهڙي فراڊ جي ڄاڻ ملڻ بعد اسان متعلقه ادارن سان رابطن ۾ اچي پنهنجو جائز قانوني حق گهري رهيا آهيون جنهن تان سڄرجي بااثر چيئرمين مون کي منهنجي گهرواري کي موتمار ۽ سخت نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي پيو انهي کان علاوه سندس دور ۾ حڪومت طرفان مليل نلڪا ۽ ٻيو سامان توڙي ڪجهه سرڪاري فنڊ به پنهنجن من پسندن کي ڏئي ۽ ڪجهه وڪرو ڪري هڙپ ڪرڻ جون به شڪايتون آهن انهي جي جانچ ڪرائي اسان سان ٿيندڙ زيادتين ۽ جعلسازي فراڊ جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

مشهور نوحه خوان حسن صادق ٽنڊو محمد خان پهتو

ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪندي نوحه خواني ڪئي

سخي برهان شاهه درگاهه وٽان سوين سال قديمي پيرو ۽ بخاري جي علم پاڪ کان برآمد

ٽنڊومحمدخان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان جي مشهور نوحه خوان حسن صادق مرڪزي مير جي پڙ پهچي ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪندي نوحه خواني ڪئي ويئي هر ياحسين ياحسين جون صدائون بلند ان موقعي تي سڄي سنڌ جي مختلف ضلعن جي لکين عزادارن مرڪزي مير جي پڙ ۾ ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن جي اسلام خاطر ڏنل قرباني جي ياد تازه ڪئي ويئي ٻي طرف ٽنڊومحمدخان ۾ مجلسن ۽ ماتمي جلوسن عزادارين جو سلسلو پڻ جاري آهي جڏهن ته سخي برهان شاهه درگاهه وٽان سوين سال قديمي پيرو ۽ بخاري جي علم پاڪ کان برآمد ڪيو ويو جيڪو شهر جي مختلف پڙن تي پهتو جي عزارن پاران زنجيرن سان ماتم ڪيو ۽ عزاداري شهيد ڪربلا ڪرڻ ڪانيوءَ نهر ڪيو ويو ٻئي پاسي شهر ۽ آس پاس وارن علائقن ۾ پڻ مجلسو منعقد ڪيو ويو ۽ ڳوٺ نصر خان لنجواڻي ۾ بارگاهه حسيني تي مجلس برپا ڪئي ويئي جنهن کي مولانا علي نقوي خطاب ڪيو ۽ انجمن الحسيني مير جو پڙ تي مجلس عزا منعقد ڪئي ويئي،جنهن کي علامه شفقت عباس قمي مرڪزي ۽ امام بارگاهه حسيني ۾ مجلس عزا کي علامه ارشاد علي عرفاني خطاب ڪيو جڏهن شهر جي مختلف پڙ تان پڻ ننڍا ننڍا سوين ماتمي جلوس برپا ڪيا ويا انهي موقعي تي پوليس رينجرز پاران سيڪيورٽي انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا شهر جا داخلي ۽ خارجي رستن تي سيڪيورٽي سخت ڪئي ويئي آهي

شهيد راڻي جو سياسي پروگرام اسان لاءِ مشن آهي: آصف علي لغاري

بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: عبدالخالق چانڊيو/ دريا خان مستوئي

شهيد راڻي عوام جي حقن لاءِ جان جي قربان ڏيئي امر ٿي وئي: اعتبار چانڊيو/ قربان سومرو

شهدادڪوٽ(ڊ ر) پ پ پ جي اڳواڻن تعلقه صدر مير آصف علي لغاري جنرل سيڪريٽري رئيس واجد خان چانڊيو نائب صدر مير دريا خان مستوئي يونين ڪائونسل اعتبار خان چانڊيو جي چيئرمين رئيس عبدالخالق خان چانڊيو پ پ سٽي جي جنرل سيڪريٽري سرائي قربان علي سومرو شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيوته سنڌ جو سياسي پروگرام اسان لاءِ مشن آهي جنهن جي تڪميل لاءِ پارٽي کو چيئر مين آصف علي زرداري چيئرمين بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پنهنجي گڏيل بيان ۾ پ پ پ شهدادڪوٽ جي اڳواڻن شهيد راڻي محترمه بي نظير ڀٽو جي 73 سالگره جي موقعي تي رٿيل تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو ته شهيد راڻي وطن جي ترقي استحڪام ۽ عوام جي حقن لاءِ جان جي قربان ڏيئي امر ٿي وئي هر وقت جي يزيدن سان ڪوبه سمجهوتو نه ڪري ثابت ڪئي ته ظالمن جي اڳيان جهڪڻ بجاءِ موت کي ترجيح ڏجي سندن جي سياسي زندگي مان اسين سبق پرايون

شهدادڪوٽ پ پ اڳواڻ صحافين سان ڳالهائيندي

محرابپور ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ عزاداري جو سلسلو جاري

حضرت شهزادي قاسم ع جي دستاربندي جا ٻه وڏا ماتمي جلوس برآمد

المصطفيٰ اسڪائوٽ جي رضاڪارن ۽ انتظاميه پوليس پاران حفاظتي انتظام سخت ڪيا ويا

محرابپور (ٽ-ر) محرابپور ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ عزاداري جو سلسلو بدستور جاري آهي ان ڏس ۾ شهر جي قديمي مرڪزي امام بارگاهه انجمن نوجوان شيعه ۽ امام بارگاهه جاگير مهدي جي ميزباني هيٺ حضرت شهزادي قاسم ع جي دستاربندي جا ٻه وڏا ماتمي جلوس برآمد ٿيا جيڪي مختلف روڊن کان ٿيندا حسيني چوڪ تي پهتا جتان نوحه خواني سينا زني هٿ جو ماتم ڪيو ويو جنهن ۾ نامور نوحه خوانن شهيدن کي عقيدت جي پيٽا پيش ڪئي جڏهن ته ماتمي جلوس شاهي بازار اسٽيشن روڊ هالاڻي روڊ لوڌي چوڪ تي پهتا ته زنجيرن تلوارن ڪرڙن ۽ چاڪن سان ماتم ڪيو ويو جنهن سبب ڪيترائي عزادار زخمي بيهوش ٿي پيا جن کي صحت کاتي جي ڪيمپون پاران طبي امداد فراهم ڪئي وئي جڏهن ته ماتمي جلوس پنهنجي منزل طرف روان دوران ٿيندي اختتام پذير ٿيا هوڏانهن المصطفيٰ اسڪائوٽ جي رضاڪارن ۽ انتظاميه پوليس پاران حفاظتي انتظام سخت ڪيا ويا

محرابپور: حضرت قاسم ع جي دستاربندي ماتمي جلوس ڪڍيو پيو وڃي

عمرڪوٽ ۽ ڪنري ۾ شهيد راڻي جي 73 هين سالگره جون تقريبون

شهيد راڻي جي 73 هين سالگره جون تقريبون محرم جي ڪري سادگي سان ملهايون ويون

آصف زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد راڻي جي مشن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن: اڳواڻ

عمرڪوٽ (ڊ ر)عمرڪوٽ ۽ ڪنري ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 73 هين سالگره جون تقريبون محرم جي ڪري سادگي سان ملهايو ويون جنهن ۾ قران خواني ڪري دعا گهري ۽ نياز خيرات ورهائي وئي ڪنري ۾ ٽائون صدر مهر غلام مصطفيٰ آرائين طرفان مهر هائوس تي ۽ عمرڪوٽ ۾ ضلعي سينئر نائب صدر برهان ڪنبر طرفان تقريبون رکيون ويون جن ۾ ضلعي صدر ڊاڪٽر نور علي شاهه ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو تعلقه ڪنري جي سينئر نائب صدر غلام حسين درس،جنرل سيڪريٽري سيد منظور شاهه،تعلقه انفارميشن سيڪريٽري عباس علي رند،ٽائون چيئرمين حاجي شڪيل باجوا،يوسي چيئرمين حاجي امير حسن خاصخيلي سميت وڏي انگ ۾ عهديدارن ورڪرن شرڪت ڪئي اڳواڻن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ڏنل قربانين ۽ ڪيل خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته محترمه بينظير ڀٽو بهادر ۽ نڊر اڳواڻ هئي جنهن ملڪ جي بقاءَ ۽ ترقي لاءِ جان جي پرواهه نه ڪئي صدر آصف زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد راڻي جي مشن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن

عمرڪوٽ: شهيد راڻي جي 73 هين سالگره جي موقعي تي دعا گهري پئي وڃي

مٽياري جي ڳوٺ حاجي خان سڪندرآباد جي رهواسي جو احتجاج

والد جي فوت ٿيڻ بعد ڀائرن ملڪيت تي قبضو ڪري ورتو آهي: عبدالوحيد جمالي

مان ڪارخاني ۾ پورهيو ڪري پنهنجا ٻچا پاليان ٿو ڀائر ملڪيت جي ڪري مارڻ چاهين ٿا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) مٽياري جي ڳوٺ حاجي خان سڪندرآباد جي رهواسي عبدالوحيد جمالي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي بيمار پٽ ۽ ٻار سان گڏ ڀائرن جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته مرحوم پيءُ حاجي حسين جمالي جي ڇڏيل ملڪيت ۾ ساڍا 3ايڪڙ زرعي زمين هڪ گهر ۽ هڪ ڪار آهي والد جي فوت ٿيڻ بعد ڀائرن خان محمد جمالي،عبدالحفيظ جمالي گذريل 25ورهين کان گهر پيءُ جو ڇڏيل گهر ڪرائي تي ڏئي ڪرايو پاڻ کائي رهيا آهن جڏهن ته زمين جو فصل به پاڻ کڻي رهيا آهن هن چيو ته مان ڪارخاني ۾ پورهيو ڪري پنهنجا ٻچا پاليان ٿو جڏهن ته ڀائرن کان پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو گهرڻ تي مونکي قتل ڪرڻ لاءِ هٿيار تاڻي وٺن ٿا.هن چيو ته منهنجو پٽ سخت بيمار آهي ۽ ان جي علاج مٿان 3لک رپيا خرچ ڪري چڪو آهيان پر ڪو به فائدو ناهي جڏهن گهر به ڪرائي تي آهي جنهن ۾ اسان رهون ٿا.هن چيو ته پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت ۾ منهنجو قانوني حق آهي ۽ مونکي پٽ جي علاج ڪرائڻ لاءِ پيسن جي ضرورت آهي جڏهن ته ڀائر پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن هن ڊپٽي ڪمشنر مٽياري،ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڀائرن کان پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو ڏياري انصاف ڪيو وڃي

سيٺارجا ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ مختلف مجلسون

ڏيپارجا،سٽي گنس، ٽري ميرواهه، محسن شاهه سميت ٻين هنڌن تي ذڪرِ حسين جون محفلون

امام حسين عليه السلام جي عظيم قرباني ۽ اهلِ بيت اطهار جي بي مثال جدوجهد تي روشني وڌي وئي

سيٺارجا(ن ع) عشره محرم الحرام جي حوالي سان عشره مجلسون منعقد، امام حسينؑ جي قربانين کي پيٽا پيش ڪئي وئي تفصيلي خبر موجب ڪربلا جي ميدان ۾ اسلام جي بقا، حق ۽ سچائي جي سربلندي لاءِ عظيم قرباني ڏيندڙ نواسه رسول صه حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس وفادار جانثار ساٿين جي ياد ۾ سيٺارجا ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ڏيپارجا،سٽي گنس، ٽري ميرواهه، محسن شاهه سميت ٻين هنڌن تي عشره محرم الحرام جي حوالي سان مختلف مجلسون ۽ ذڪر حسين جون محفلون جاري آهن ان سلسلي ۾ مرڪزي الحسيني امام بارگاهه سيٺارجا،علي ولي الله امام بارگاهه، لهڻو خان لنڊ امام بارگاهه ٻن ليڊيز امام بارگاهن سميت مختلف امام بارگاهن ۾ مجلسون منعقد ڪيون ويون جن کي علماءِ ڪرام ۽ ذاڪرن خطاب ڪندي واقعي ڪربلا جي فلسفي حضرت امام حسين عليه السلام جي عظيم قرباني ۽ اهلِ بيت اطهار جي بي مثال جدوجهد تي روشني وڌي ۽ وڌيڪ چيو ته حضرت امام حسين عليه السلام ظلم جبر ۽ باطل قوتن خلاف حق جو علم بلند رکندي اسلام کي نئين حياتي بخشي سندن قرباني رهندي دنيا تائين انسانيت، حق، انصاف ۽ استقامت جو روشن مثال بڻيل رهندي مجلسن ۾ عزادارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ شهيدن ڪربلا کي پيٽا پيش ڪئي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي، امن پائيداري ۽ امت مسلمه جي اتحاد لاءِ خاص دعائون پڻ گهريون ويون

حيدرآباد جي ڪوڪر محلا جي رهواسڻ جو مڙس خلاف احتجاج

مڙس عبدالخالق ڪوسو بيگناهه تشدد جو نشانو بڻائيندو رهيو آهي: سائره

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي ڪوڪر محلا جي رهواسڻ سائرا زال رٽائر پوليس اهلڪار عبدالخالق ڪوسو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي مڙس جي مبينا تشدد خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو هن الزام هنيو ته مڙس عبدالخالق ڪوسو بيگناهه تشدد جي نشانو بڻائيندو رهيو آهي جڏهن قتل جي اراداي سان مٿس هٿيار به تاڻيا آهن جنهن سبب خوف مان مڙس جو گهر ڇڏي ڀيڻ جي گهر پناهه ورتي آهي هن چيو ته مڙس کان جاني خطري سبب خلع لاءِ حيدرآباد جي عدالت ۾ درخواست جمع ڪرائي آهي

سيٺارجا ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جون ڪارروايون، سامان ضبط، دڪاندارن ۽ عملدارن وچ ۾ منهن ماري

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سنڌ خيرپور فوڊ اٿارٽي اعجاز احمد گوپانگ جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌن تي ڪارروايون

ڪارروائي دوران بغير لائسنس هلندڙ ڪاروبارن، غير رجسٽرڊ ۽ مبينا غير معياري مشروبات (بوتلن) جي وڪري خلاف ايڪشن

واپاري پنهنجا ڪاروبار قانون موجب رجسٽرڊ ڪرائين ۽ عوام کي معياري ۽ محفوظ شيون فراهم ڪن: اعجاز احمد گوپانگ

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا ۾ سنڌ فوڊ اٿارٽي جون ڪارروايون غير رجسٽرڊ مشروبات ضبط، دڪاندارن ۽ عملدارن وچ ۾ منهن ماري تفصيلي خبر موجب اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سنڌ خيرپور فوڊ اٿارٽي اعجاز احمد گوپانگ جي اڳواڻي ۾ سيٺارجا شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ کاڌي پيتي جي شين جي معيار کي يقيني بڻائڻ لاءِ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون ويون ڪارروائي دوران بغير لائسنس هلندڙ ڪاروبارن غير رجسٽرڊ ۽ مبينا غير معياري مشروبات (بوتلن) جي وڪري خلاف قدم کنيا ويا. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم مختلف دڪانن ۽ وڪرو ڪندڙن جو معائنو ڪيو جتي ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا، جڏهن ته غير رجسٽرڊ ۽ مشڪوڪ شيون پڻ هٿ ڪيون ويون جيڪي وڌيڪ جاچ لاءِ آفيسرن کي موڪليون آهن ان موقعي تي فوڊ سيفٽي آفيسر پرويز احمد مگنهيجو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران خوراڪ جي حفاظت بابت قانونن تي سختي سان عملدرآمد ڪرايو پيو وڃي ۽ بغير لائسنس يا غير معياري شين جو ڪاروبار ڪندڙن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون هن ٻڌايو ته سيٺارجا شهر جي هڪ بوتل ايجنسي تي ڪارروائي دوران غير رجسٽرڊ بوتلون هٿ آيون جن کي وڌيڪ جاچ ۽ ليبارٽري ٽيسٽ لاءِ لاڳاپيل آفيسرن ڏانهن موڪليو ويو آهي.هن واپارين کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجا ڪاروبار قانون موجب رجسٽرڊ ڪرائين ۽ عوام کي معياري ۽ محفوظ شيون فراهم ڪن ٻي صورت ۾ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ڪارروائي دوران علي مراد ۽ فهد نواز پڻ موجود هئا. ڪاروائي دوران دڪاندار ۽ فوڊ اٿارٽي جي عملدارن وچ ۾ تلخ ڪلامي ۽ منهن ماري پڻ ٿي

سيٺارجا: فوڊ اٿارٽي جا عملدار بوتل چيڪ ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ محرم الحرام دوران ڏينهن توڙي رات جي وقت بجلي جي فراهمي بند

بجلي جي فراهمي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بند ڪرڻ ۽ لوڊشيڊنگ جي شيڊول تي عمل نه ڪرڻ خلاف احتجاج

محرم الحرام جي ماتمي جلوسن ۽ مجلسن دوران بجلي جي فراهمي بند هجڻ جو ڪو به نوٽيس نه ورتو وڃي ٿو: شهري

بجلي جي فراهمي بند هجڻ سان علائقي جي اندر پيئڻ جي پاڻي جو شديد بحران ٿي ويو آهي، ڪو دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي

ٽنڊومحمدخان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ محرم الحرام دوران ڏينهن توڙي رات جي وقت بجلي جي فراهمي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بند ڪرڻ ۽ لوڊشيڊنگ جي شيڊول تي عمل نه ڪرڻ شهر توڙي ٻهراڙين اندر 16 کان 18 ڪلاڪ بجلي بند ڪرڻ واري سلسلي خلاف شهرين جو احتجاج شهرين جو چوڻ هو ته ٽنڊو محمد خان ۾ سخت گرمي باوجود واپڊا جي جبر شهرين جي عام زندگي به عذاب بڻائي ڇڏي آهي هنن چيو ته رات توڙي ڏينهن بجلي جي فراهمي 16 کان 18 ڪلاڪ بند ڪئي وڃي ٿي، محرم الحرام جي ماتمي جلوسن ۽ مجلسن دوران بجلي جي فراهمي بند هجڻ جو ڪو به نوٽيس نه ورتو وڃي ٿو جڏهن ته بجلي جي فراهمي بند هجڻ سان علائقي جي اندر پيئڻ جي پاڻي جو شديد بحران ٿي ويو آهي ڪيترن ئي علائقن جي اندر بجلي بند هجڻ ڪري شهري پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشانين ۾ مبتلا ٿي پئسن تي پاڻي خريد ڪري رهيا آهن پاڻي جي فراهمي سان گڏ وڻج واپار کي به نقصان رسي رهيو آهي جڏهن ته بجلي جي طويل لوڊشيڊنگ جو سلسلو بند نه ڪيو ويو ته واپڊا جي آفيسن جا گهيراءُ ڪري ڌرڻا هنيا ويندا.

ٽنڊو محمد خان: مشهور نوحه خوان حسن صادق مرڪزي مير جي پڙ پهچي ڪربلا جي شهيدن کي پيٽا پيش

دادو جي ٽرانسپورٽرن جي هڪ هٽي، تيل اگهن ۾ لاٽ باوجود ڀاڙن ۾ گهٽتائي نه ڪئي

پيارو اسٽيشن کان دادو لنڪ تي روڊ هلندڙ ڪوسٽرن جو ڪرايو وڌائي 200 رپيا ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڊيزل جي اگهن ۾ لاٽ ڪرڻ باوجود دادو پيارو لنڪ روڊ تي هلندڙ ڪوسٽرن وارن ڪراين ۾ گهٽتائي نه ڪئي آهي: ڳوٺاڻ

ڊي سي دادو، سيشن جج دادو، ٽرانسپورٽ جو وزير ۽ ٻين لاڳاپيل ادارا کان نوٽيس وٺي، ٽرانسپورٽرن خلاف ايڪشن کڻن

پيارو اسٽيشن (رپورٽ: عبدالستار ڪلوئي) پيارو اسٽيشن کان دادو پيارو لنڪ تي روڊ هلندڙ ڪوسٽرن جو ڪرايو وڌائي 200 رپيا ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻو ڳوٺ اولاد ڪلري واسي قربان علي ملاح پيارو اسٽيشن پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ڏينهن وزير اعظم شهباز شريف پاران 74 رپيا في ليٽر پيٽرول ۽ 67 في ليٽر ڊيزل جي اگهن ۾ لاٽ ڪرڻ باوجود دادو پيارو لنڪ روڊ تي هلندڙ ڪوسٽرن وارن ڪراين ۾ گهٽتائي نه ڪئي آهي اڄ مان دادو پنهنجي ڪم سان ويجهي رهيو هيس ته مونکان 200 رپيا ڪرايو ورتو ويو ايترو نه هڪ عورت ڪوسٽر واري کي چيو مان غريب مسڪين آهيان مون وٽ صرف 2 سوءَ آهن مونکي صرف 30 رپيا واپس ڏيو ته ٻار کي پاڻي پياريان تنهن تي ڪوسٽر جي منشي عورت کي [illegible] ان ڪوسٽر مان هيٺ لاهي ڇڏيو جيڪو غريب ماڻهن سان سراسر ظلم آهي غريب طبقو سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهي هن ڊي سي دادو سيشن جج دادو ٽرانسپورٽ جي وزير ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان نوٽيس وٺي پيارو دادو لنڪ روڊ تي هلندڙ ڪوسٽر مافيا خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

چين- يورپ مال بردار ريل سروس جي سالياني انگ ۾ هڪ ڏهاڪي دوران 10.8 ڀيرا اضافو

بيجنگ (اي پي پي) چين- يورپ مال بردار ريل سروس جي سالياني انگ 2016ع ۾ 1702 ريل گاڏين مان وڌي 2025ع ۾ 20 هزار 22 ريل گاڏين تائين پهچي ويو ريل سروسز ۾ سالياني 10.8 ڀيرا اضافو ٿيو آهي چيني ميڊيا چائنا اسٽيٽ ريلوي گروپ جي انگن اکرن جي حوالي سان ٻڌايو ته ان عرصي ۾ سالياني سراسر شرح 31.5 سيڪڙو رهي، جڏهن ته 2020 کان هن وقت تائين هر سال چين- يورپ مال بردار ريل گاڏين جو انگ 10 هزار کان وڌيڪ برقرار رهيو آهي هن وقت چين جي 129 شهرن کان چين- يورپ مال بردار ريل سروسز هلائيون پيون وڃن جيڪي يورپ جي 26 ملڪن جي 236 شهرن تائين رسائي فراهم ڪن ٿيون

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن چنچر ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو هڪ لک 40 هزار100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 46 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 50 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو50 هزار 700 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو هڪ لک 99 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو هڪ لک 99 هزار 700 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 35 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 37 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 29 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 7 هزار ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو بئراجن جي صورتحال موجب گڊو بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک51 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 15 هزار 100 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 7 هزار100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 64 هزار 800 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 16 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو ٻڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1444.44 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو0.849 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1171.85 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.667 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 643.00 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.086 ملين ايڪڙ فوٽ

مسوڀرڳڙي لڳ جام شاخ جي پوڇڙي وارن علائقن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ

شاخ تي مبينا ڪرپشن، پاڻي جي چوري ۽ آبپاشي عملي جي نااهلي خلاف احتجاج

جام شاخ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي واٽر ڪورسن جا منهن مقرر ماپ کان وڌيڪ کليل رکيا ويا آهن: آبادگار

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي لڳ جام شاخ جي پوڇڙي وارن علائقن ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ، شاخ تي مبينا ڪرپشن، پاڻي جي چوري ۽ آبپاشي عملي جي نااهلي خلاف سخت احتجاج ڪندي اينٽي ڪرپشن ۽ نيب کان فوري جاچ جو مطالبو ڪيو آهي احتجاج ڪندڙ آبادگارن الزام هنيو آهي ته جام شاخ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي واٽر ڪورسن جا منهن مقرر ماپ کان وڌيڪ کليل رکيا ويا آهن، جنهن سبب پاڻي جي ورڇ جو سڄو نظام متاثر ٿي رهيو آهي آبادگارن موجب شاخ تي غيرقانوني لفٽ مشينون لڳائي پاڻي جي کلي عام چوري ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته ماڊيول به مقرر ماپ کان وڌيڪ کليل رکيا ويا آهن، جنهن سان پاڻي جو وڏو حصو بااثر آبادگارن ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي آبادگارن جو چوڻ آهي ته شاخ جي ذميوار داروغي ۽ ٻيو عملو پنهنجي بنيادي فرضن جي ادائيگي بدران مبينا طور مال ميڙڻ ۾ مصروف آهي جنهن سبب پاڻي جي منصفاڻي ورڇ جو نظام مڪمل طور تي تباهه ٿي ويو آهي سندن چوڻ آهي ته رشوت، سفارش ۽ سياسي اثر رسوخ جي بنياد تي پاڻي ورهايو پيو وڃي، جڏهن ته قانون ۽ ضابطن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ الزام لڳايو ته جام شاخ جي منڍ وارن بااثر آبادگارن کي پاڻي پئسن عيوض وڪرو ڪيو پيو وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ شاخ جي پوڇڙي وارن سوين آبادگارن تائين پاڻي نه ٿو پهچي پاڻي جي ڪوٽ سبب پوڇڙي جي زمينن ۾ بيٺل فصل سڪي تباهه ٿي ويا آهن جنهن ڪري هارين کي لکين رپين جو معاشي نقصان برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي آبادگارن خاص طور تي مقرر داروغي امداد عاقلاڻي خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪندي چيو ته جيڪڏهن شاخ تي هلندڙ مبينا ڪرپشن، پاڻي جي چوري ۽ رشوت خوري جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ته ڪيترائي اهم انڪشاف سامهون اچي سگهن ٿا هنن الزام هنيو ته آبپاشي کاتي جا ذميوار اهلڪار بااثر ماڻهن سان ملي ڀڳت ڪري غريب آبادگارن جو پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙن سنڌ حڪومت، سيڪريٽري آبپاشي، چيف انجنيئر آبپاشي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ۽ نيب کان مطالبو ڪيو آهي ته جام شاخ تي هلندڙ مبينا ڪرپشن، پاڻي جي غيرقانوني چوري، لفٽ مشينن ۽ مقرر ماپ کان وڌيڪ کليل ماڊولن جي فوري جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو آبادگارن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي ڌيان نه ڏنو ويو ته هو ضلعي سطح کان وٺي صوبائي سطح تائين احتجاجي تحريڪ هلائڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

سيٺارجا ٿاڻي جي حد ۾ امن بحال رکيو ويندو: مولا بخش ٻگٽي

منشيات وڪرو ڪندڙ سماج دشمن عنصرن کي ڪڏهن به بخش نه ڪيو ويندو

سماج دشمن عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي جاري آهي

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهارين،منشيات وڪرو ڪندڙ سماج دشمن عنصرن کي ڪڏهن به بخش نه ڪيو ويندو سيٺارجا شهر ۽ آس پاس جي علائقن اندر امن امان جي صورتحال کي هر حال ۾ بهتر ۽ برقرار رکيو ويندو ڏوهارين، منشيات فروشن ۽ سماج دشمن عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي سخت ڪارروائي جاري آهي ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو ايس ايڇ او سيٺارجا مولا بخش ٻگٽي صحافين سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گشت، نگراني ۽ سرچ آپريشنز کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويو آهي ته جيئن عوام کي تحفظ فراهم ڪري سگهجي هن چيو ته سيٺارجا ۾ تازو ٿيل ڌاڙو صحافي شوڪت سولنگي سميت ٻين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن تائين پهچڻ لاءِ پوليس مختلف رخن کان جاچ ڪري رهي آهي ۽ جلد ئي ملوث ڏوهارين کي گرفتار ڪري مسروقه مال واپس ڪرائڻ لاءِ سختي سان منهن ڏنو پيو وڃي مولا بخش ٻگٽي چيو ته پوليس عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. جڏهن ته شهرين کي به گهرجي ته هو ڏوهن، منشيات فروشي ۽ مشڪوڪ سرگرمين بابت پوليس سان تعاون ڪن ته جيئن سيٺارجا کي پرامن ۽ محفوظ شهر بڻائي سگهجي

گولاڙچي ۾ سومار ملاح کي مبينا طور ڪنبي گم ڪرڻ خلاف مظاهرو

جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) پاران احمد راڄو روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

گولاڙچي(ن ع) گولاڙچي ۾ قوم پرست اڳواڻ سومار ملاح کي مبينا طور ڪنبي گم ڪرڻ واري عمل خلاف جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) پاران احمد راڄو روڊ تي سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي لال چانڊيو محفوظ نوتڪاڻي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي جڏهن ته ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي ڪندي سومار ملاح جي فوري بازيابي جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته سياسي ۽ قوم پرست ڪارڪنن کي ڪنبي گم ڪرڻ انساني حقن ۽ آئين جي خلاف ورزي آهي هنن چيو ته سومار ملاح کي بنا دير ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي ۽ سندس وارثن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي جسقم اڳواڻن حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته سومار ملاح کي فوري طور بازياب ڪرائي قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جو دائرو سڄي سنڌ تائين وڌايو ويندو احتجاج دوران احمد راڄو روڊ تي سخت نعريبازي ڪئي وئي ۽ ڪجهه وقت لاءِ ٽريفڪ پڻ متاثر رهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 23 جُون 2026ع

ڪارونجهر: ٿر جي سڃاڻپ، ثقافت ۽ بقا جو نشان

سنڌ اسيمبلي ۾ بجيٽ تي جاري بحث دوران هڪ ڀيرو ٻيهر ڪارونجهر جبل جو معاملو ايوان جي توجهه جو مرڪز بڻيو. ننگرپارڪر مان چونڊيل نمائندن جي تقريرن ۽ حڪومت پاران پيش ڪيل موقف مان اهو واضح ٿيو ته ڪارونجهر جو سوال رڳو هڪ جابلو سلسلي جي تحفظ جو سوال نه پر ٿر جي ماحوليات، ثقافت، معيشت ۽ مقامي آباديءَ جي بقا سان لاڳاپيل معاملو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪارونجهر بابت ٿيندڙ هر بحث کي رڳو معاشي يا صنعتي مفادن جي تناظر ۾ نه پر وسيع قومي ۽ ماحولياتي مفادن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ گهرجي. ڪارونجهر جبل صدين کان ٿرپارڪر جي سڃاڻپ رهيو آهي. هي جبل نه فقط پنهنجي قدرتي حسن سبب مشهور آهي پر ان سان بيشمار تاريخي، مذهبي ۽ ثقافتي روايتون پڻ وابسته آهن. جين ڌرم جي قديم مندرن کان وٺي مقامي لوڪ ڪهاڻين تائين، ڪارونجهر ٿر جي اجتماعي يادگيريءَ جو اهم حصو آهي. ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ رڳو عمارتن يا شهرن سان نه هوندي آهي پر انهن قدرتي ۽ تاريخي نشانين سان به هوندي آهي، جيڪي ان جي تاريخ ۽ تهذيب جو عڪس هونديون آهن. ڪارونجهر جي اهميت جو هڪ وڏو پاسو ماحولياتي به آهي. ٿر جهڙي خشڪ علائقي ۾ هي جبل برساتي پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ ۽ زميني ماحولياتي نظام کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ڪارونجهر مان وهندڙ پاڻي مقامي ڊيم ڀريندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ زراعت کي هٿي ملي ٿي ۽ هزارين خاندانن جي روزگار جا وسيلا پيدا ٿين ٿا. ماضيءَ ۾ ٿر جي ڪيترن ئي علائقن مان ماڻهو روزگار ۽ پاڻيءَ جي کوٽ سبب لڏپلاڻ تي مجبور ٿيندا هئا، پر ڊيم ٺهڻ ۽ زرعي سرگرمين جي واڌ سان صورتحال ۾ نمايان بهتري آئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو مقامي آبادي ڪارونجهر کي پنهنجي زندگيءَ جي ضمانت سمجهي ٿي.

سنڌ اسيمبلي ۾ ٿيل بحث دوران اهو به واضح ڪيو ويو ته ننگرپارڪر جا ماڻهو سياسي وابستگين کان مٿانهون ٿي ڪارونجهر جي تحفظ تي هڪجهڙو موقف رکن ٿا. اها حقيقت انتهائي اهم آهي. جڏهن ڪنهن علائقي جا ماڻهو متفق طور ڪنهن قدرتي ورثي جي بچاءَ لاءِ آواز اٿارين ٿا ته ان کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ گهرجي. ترقيءَ جي نالي تي اهڙا فيصلا نه ٿيڻ گهرجن، جيڪي مقامي آباديءَ جي خواهشن، ماحولياتي توازن ۽ ثقافتي ورثي کي نقصان پهچائين. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ ماضي ۾ اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن، جتي قدرتي وسيلن جي استعمال يا صنعتي سرگرمين جي ڪري ماحولياتي نقصان ٿيو آهي. جبلن جي کوٽائي، ٻيلن جي تباهي ۽ پاڻيءَ جي وسيلن تي وڌندڙ دٻاءَ ڪيترن ئي علائقن کي متاثر ڪري چڪو آهي. اهڙين حالتن مان سبق وٺندي ضروري آهي ته ڪارونجهر جي معاملي ۾ احتياط، سائنسي تحقيق ۽ عوامي راءِ کي بنيادي اهميت ڏني وڃي. اهو به سچ آهي ته ڪنهن به علائقي جي ترقي لاءِ معدني وسيلن ۽ صنعتي منصوبن جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر جديد دنيا ۾ ترقيءَ جو تصور هاڻي صرف معاشي منافعي تائين محدود ناهي رهيو. پائيدار ترقيءَ جو مطلب اهو آهي ته معاشي مفادن سان گڏ ماحولياتي تحفظ ۽ مقامي آباديءَ جي حقن کي به يقيني بڻايو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن منصوبي سان هزارين ماڻهن جي زندگي، پاڻي جا وسيلا، جهنگلي جيوت ۽ ثقافتي ورثو متاثر ٿيڻ جو خدشو هجي ته پوءِ ان بابت وڌيڪ احتياط سان سوچڻ لازمي آهي.

ڪارونجهر رڳو ٿرپارڪر جو نه پر سڄي سنڌ جو ورثو آهي. ان جي حفاظت حڪومت، سياسي جماعتن، ماحولياتي ادارن ۽ عام شهرين جي گڏيل ذميواري آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ هن معاملي تي ٿيندڙ بحث ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪارونجهر بابت عوامي حساسيت موجود آهي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت واضح پاليسي اختيار ڪري ۽ ڪارونجهر کي مستقل طور تي محفوظ قدرتي ۽ تاريخي ورثي جي حيثيت سان بچائڻ لاءِ عملي قدم کڻي.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪُوفِيَنِ ڦَهَرَ ڪِئُو ٿِئَا جَمَاعِتِي يَزِيدَ جا،
پَرَ ۾ پَلِيتَنِ ڪَي، وَرُنُهه وَرَ پِئُو
سَڌَرَ هُونِ سِهُو شِيرَ شَهَادَتَ رَسِئُو.

پَرَ ۾ = پرديس ۾، وطن کان پري. / پليتن = دغا باز، خبيث، اندر جي ڪارا. / وَرُنُهه = سکيو ستابو سگهڙ ماڻهو، سهڻو ڳڀرو، بهادر جوان، گهوٽ. / وَرِ = ور چڙهيو، ملي ويو. / سَڌَرَ = مضبوط، پهچ وارو سردار، بهادر اڳواڻ. / سِهُو = موقعو، وڄهه، مراد، مقصد. (سُرَ- ڪيڏارو مرتب ڀاٺون خان شيخ)

ڪوفي پنهنجي فطرت مطابق امام حسين عليه السلام سان ڏوڪو ڪري، سندس خلاف يزيد سان هٽ يا ان جا طرفدار ٿي بيٺا. تڏهن ئي لطيف سائين مٿن افسوس واري ملامت ڪندي ڪين چئي ٿو ته اي عقل جا انڌؤ توهان ته قهر ڪري ڇڏيو جو يزيد جا حمايتي ٿي بيٺا! ؟ اي اندر جا پليتئو اوهان کي ته گهر ويٺي هڪ بهادر اڳواڻ، سهڻو ستابو جوان رهبر مليو جو حسب نسب ۾ به سڀ کان اعليٰ ۽ افضل هو، جيتوڻيڪ ڪوفو ان لاءِ پرديس هو. پر هو يعني امام حسين ع توهان کي سِهي سان مليو ويو ته ان جو ساٿ ڏيو ها. سڌر يعني امام حسين ع بهادر هو دلير هو پر توهان ڪوفين جي ڦهري بيوفائيءَ جي ڪري حق سچ جي راهه ۾ سر قربان ڪري شهادت کي وڃي رسيو.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

زندگي مسلسل پوڳنائن جو سفر آهي!


خالد ڀانڀڻ

زندگي مسلسل سفر جو نالو آهي جنهن ۾ غم خوشيون رونقون ترقيون ڪاميابيون ٽرين جي گاڏن وانگر گڏ گڏ سفر ڪن ٿيون. ان سفر دوران هرڪو پنهنجي اسٽيشن تي پهچي لهي هليو ويندو آهي. پر جڏهن گاڏي آخري اسٽيشن تي رسندي آهي ته ان ۾ وڃي چند مسافر بچندا آهن. جيڪي به آخري منزل ڏانهن هليا ويندا آهن. ان جي ڪري اسان کي هن سفر ۾ ڪٿي ٿڪجي پئي پير ناهي ڪرڻو ڇاڪاڻ ته ترقي اهي قومون ڪنديون آهن. جيڪي منزلن جي نت نئين ايجادن سان گڏ هلنديون آهن. هن وقت اسان پرنٽ، ڊجيٽل جي سفر کان اڳتي نڪري آرٽيفيشل انٽيليجنس جي دؤر ۾ داخل ٿي ويا آهيون. ان جا ماپا ماڻ مشڪل ضرور آهن پر وقت جي ضرورت موجب انهن کي نه رڳو تسليم ڪرڻو پوندو پر گڏجي هلڻو به پوندو. ٻي صورت ۾ اسان ترقي جي رفتار کي وڃائي ويهنداسين. ان جو وڏو نقصان پنهنجي مستقبل جي معمارن کي ٿيندو.

مڃيو ٿا هن وقت مهانگائي، معاشي پاليسيون ابتريون ته سخت ۽ پيچده ٿينديون پيون وڃن جو ان ۾ عام ماڻهوءَ جو هلڻ، اٿڻ، ويهڻ ۽ جيئڻ مشڪل ٿي ويو آهي. ليڪن شعور جي اک کان به انڪار ناهي ڪرڻو ان جي دامن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکڻو آهي. تڏهن ته چوندا آهن تعليم انسان جي ٽئين اک آهي، جيڪا زندگي گذارڻ جا ڪامياب گس ڏيکاري ۽ سيکاري ٿي، پنهنجي پرائي مستقبل جي پروڙ پرک ڏيئي ٿي. پر اسان وٽ وري حال هيٺو درد هيٺو آهي.

وفاقي بجيٽ ۾ تعليم جي زيور کي ڦهلائڻ جي لاءِ رڳو ٽي سؤ ارب رپيا جڏهن ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي لاءِ 838 ارب روپيا رکيا ويا آهن. ظاهر آهي ڊاڪٽر انجنيئر سائنسدان، اديب، دانشور، وڪيل، جج ڪٿان پيدا ٿيندا. توهان جو ڪري ٿو ڪو عقل شعور ڪم؟ صحت، تعليم رلي پئي آهي. باقي گداگري عروج تي آهي. وري به سنڌ جي بجيٽ ۾ تعليم جي لاءِ 620 ارب روپيا رکيا ويا آهن. جيڪڏن ان رقم جو خرچ بهتر انداز ۾ ڪيو ويو ته اسان شعور جي سڻن ادارن کي جوڙي سگهون ٿا.

بس پاڻ ته هرو ڀرو وارين اوپارين لهوارين ڳالهيون جيڙي پڙهندڙن کي پيا پريشان ڪريون. پريشان ڪريون به ڇو، ڇوته اظهارِ راءِ جي آزادي ته هر انسان جو بنيادي حق آهي. جيڪڏهن وڪر جي مالڪي نه ڪنداسين ته اٺوپيا ٿي وينداسين. ڀلا بک، بدحالي، جهالت، غربت فقط اسان جو مقدر آهي ڇا؟ هي هڪ اهڙو شعوري سوال آهي جنهن جو جواب وقت جي حاڪمن وٽان ضرور ملڻ گهرجي. سدائين مجبوريون سڪتا اعلان ۽ آسرا ڪم ناهن ايندا. ڀيلي ڪا ٻاجهه ڪريو جيئڻ ڏيو بک تي مرڻ نه ڏيو روزگار ڪاروبار جا ذريعا عام ڪريو. هر گهر تائين ترقي ۽ خوشحالي ڪٺي اڄو. هاڻي اهو شارٽ ڪٽ رستو ڪامياب آهي. جيڪو ترقي ڏانهن وڃي ٿو. جنهن سان اقتصادي لاڳاپن ۾ بهتري اچي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ مان ڄاڻان ٿو هتي لفاظي کان ڪم ورتو آهي. پر ڇا ڪريان ڳالهه ته سچي آهي. ان ۾ ڪو به وڏاءُ مرچ مصالحو ناهي ملايو. گهڻن ڏينهن بعد لکڻ تي دل چيو، سوچيو ڪجهه اندر ڪجهه ٻاهر جا سور سنگت سان شيئر ڪجن. باقي لکي لکي ٿڪجي پونداسين پر تبديليءَ جي چاٽ به ڪونه ٿينداسين. ڇوته پاڻ وٽ حالتون ڪجهه اهڙي رخ ۾ رکيون ويون آهن، جن کي اوراڳهڻ ڪبيرا گناهه آهي. اهڙين حالتن جي سرخين ۾ سرنوائي هلو. ڪن ڪپائي هلو زبان سپائي هلو بس هلندا ٿي هلو. نه ڪنهن سان مِلو نه ڪنهن سان ڪلو، مرڪون ماڻا فقط محبوبن کي سونهندا آهن. باقي اهي دل لڳي جون واڌايون ڏيڻ وٺڻ جي رسي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو. جيڪڏهن رسي مان هٿ نڪري ويو ته رستي ۾ رلي ويندؤ. مٿان پوءِ جڳ کي ميارون ڏيو ته اوهان اسان جي پرگهور ڪونه لڌي، اسان کي راهن ۾ رولي هليا ويا. بس ايئن ڪٿي سمجهو تلاشِ روزگار تلاشِ ڪاروبار، تلاش يار ۽ تلاش منزل اڃان جاري آهي.

هتي ته پيٽرول جا اگهه ڪڏهن زمين جي تهن ۾ آهن ته ڪڏهن وري آسمان جي بلندين کي وڃي ڇهن ٿا. خيريت جي بازار ۾ ڪا خوشيءَ جي خبر ڪونهي ڪا، جيڏانهن نگاهه ڪريو تيڏانهن سڄڻن جا چهرا مرجهايل آهن. اڄڪلهه ته آواز ڪرڻ به سخت ڏوهه ٿي ويو آهي. هر روز اوهان کي هيسائڻ ڌمڪائڻ تي بس نت نوان نوان قانون پيا متعارف ڪرايا وڃن پر خيريت خوشحاليءَ جي ڪا خبرچار ڪونهي ڪا. ان طريقي سان ڪاميابي جي ڪاڪ محل کي ڪونه رسنداسين. جيستائين سمورن رخن کي صحيح رخ سان ڪٿي نه هلنداسين. ٻيو مڙئي خير لڳو پيو آهي.

نهرو جو مقابلو موديءَ سان ۽ هندستان جا سنڌي مسلمان!

مير اعظم علي ٽالپر

هلندڙ سال جو اڌ سفر جُون جو ڇهون مهينو اڄڻ شرط مڪمل ٿي ويو ته آخرڪار 21 جون جو سج اڀرڻ ۽ لهڻ ڪانپوءِ ڏينهن ننڍو ۽ رات وڏي ٿيڻ وارو قدرتي عمل هميشه جيان شروع ٿي ويو. ٻين لفظن ۾، سيارو جڻ ماءَ جي پيٽ ۾ ويهي ويو آهي. ننڍن ڏينهن ۽ ڊگهن راتين جو احساس آهستي آهستي وقت گذرڻ سان سج جي پاڇن مان ظاهر ٿيندو ۽ پوءِ راتين جي طويل ٿيڻ جو عمل به وڌيڪ نمايان ٿيندو البته 'طويل' جو ذڪر نڪتو آهي ته پاڙيسري ملڪ هندستان پنهنجو پاڻ کي جمهوريت جو چيمپئن چئي ٿو. اڄڪلهه هندستان ۾ سڀ کان وڏو هُل هنگامو اُن ڳالهه تي متل آهي ته 10 جون اڄڻ شرط وزيراعظم مودي اقتدار ۾ رهڻ جا 12 سال مڪمل ڪري ورتا آهن. جنهن کي بطور هڪ وزيراعظم اعزاز سمجهيو پيو وڃي. اڳوڻي ۽ پهرئين وزيراعظم جواهر لال نهرو جي اقتدار ۾ رهڻ جو طويل رڪارڊ 4398 ڏينهن آهي. جيڪو مودي چانهه ڪپائڻ ڪانپوءِ ۽ هوٽل هلائڻ بعد وزيراعظم ٿي 4399 ڏينهن اقتدار ۾ رهي نئون رڪارڊ قائم ڪيو آهي. جڏهن ته مسز اندرا گانڌي جو اقتدار ۾ رهڻ جو رڪارڊ 4077 ڏينهن آهي. هاڻ مودي ۽ اُن جا همنوا 12 سالن جو اقتداري جشن ملهائي رهيا آهن. ڪانگريس اُن کي جشن بدران پنهنجي پروپيگنڊا چئي رهي آهي. حالانڪ جواهر لال نهرو اصل ۾ 26 جنوري 1950ع تي هندستان جو وزيراعظم مقرر ٿيو هو ۽ پوءِ 1952ع، 1957ع ۽ 1962ع جي چونڊن ۾ واضح اڪثريت سان ڪامياب ٿي مسلسل وزيراعظم رهيو. ٻئي طرف 2024ع جي چونڊن ۾ نريندرا موديءَ کي سادي اڪثريت حاصل نه ٿي سگهي. بهرحال بحث جو اصل نڪتو ڊگهي عرصي تائين وزيراعظم رهڻ کان وڌيڪ اهو آهي ته مودي ۽ نهروءَ جي قيادت ۽ پاليسين جو مقابلو ڪيو وڃي. ڪجهه حلقا نهرو جي سيڪيولر پاليسين جي پيٺ ۾ موجوده حڪومت جي پاليسين کي مختلف نظر سان ڏسن ٿا. اڄڪلهه هندستان ۾ مختلف رياستن ۾ اقليتي برادرين بابت خدشا ۽ سياسي بحث جاري آهن. جن تي مختلف سياسي ۽ سماجي حلقن جا مختلف موقف موجود آهن. خاص طور تي اتر پرديش، بهار، بنگال، گجرات ۽ ٻين علائقن ۾ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ سان لاڳاپيل مسئلا به بحث هيٺ آهن.

هندستان ۾ هندو-مسلم فساد ماضيءَ کان ٿيندا رهيا آهن پر بابري مسجد جي شهيد ڪرڻ کان پوءِ ۽ خاص ڪري بي جي پي جي حڪومت ۾ اچڻ ڪانپوءِ ته مسلمانن لاءِ جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي، اهو به جنهن، جنهن صوبي ۾ ڊبل سرڪار يعني مرڪز جيان صوبي ۾ بي جي پي جي حڪومت آهي، اتي مسلمانن لاءِ ته زمين تامو بڻيل آهي. تازو بنگال بي جي پي فتح ڪرڻ بعدبنگالي مسلمانن کي بنگلاديشي چئي تنگ ڪيو پيو وڃي، پر گذريل هڪ هفتي کان راجستان ۾ سنڌي مسلمانن خلاف 'ڪلين آپريشن' شروع ڪيو ويو آهي، هن کان اڳ ڪڏهن به سنڌي مسلمانن سان هندو-مسلم جهيڙو نه ٿيو آهي. تازو پارٽي گهرو وزير اميت شاهه پاران هندستان جي سرحدي علائقن ۾ 15 ڪلو ميٽرن کي بلڪل محفوظ بڻائڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ اُن تحت سول آباديءَ کي نوٽيس ڏئي هٽائڻ جو چيو ويو هو پر وري اُن کي 15 ڪلو ميٽرن مان وڌائي 50 ڪلو ميٽر جي دائري ۾ آندو ويو آهي ۽ اُن ۾ سڀ کان وڏو ٽارگيٽ سنڌي مسلمانن جا ڳوٺ آهن. جن ۾ مسجدون ۽ مدرسا ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن. انهن حالتن کي ڏسندي پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري، هندستان جي اهڙي غير انساني عمل ۽ هڪ طبقي کي نشانو بڻائڻ جي مذمت ڪندي چيو هو ته مسلمانن جا ماڳ مڪان ڊاهڻ غلط آهي. صدر آصف علي زرداريءَ جو بيان 21 جون جي "عبرت" ۾ پهرئين صفحي تي شايع ٿيل آهي، پر چوندا آهن ته ڏاڍي هٿي ڏهه ته توڙو هٿي تيرنهن وانگر هندستان سرڪار جي ترجمان رنڌير جيسوال بجائي سنڌي مسلمانن کي تحفظ ڏيڻ جي صدر جي بيان کي مداخلت چيو آهي. جڏهن ته بيريسٽر اسد الدين اويسي راجستان جي سرحدي ضلعن ۾ مسجدن کي شهيد ڪرڻ ۽ مسلمانن کي نشانو بڻائڻ جي مذمت ڪئي آهي. بيڪانير ۾ چار، ڦالودي، جسلمير ۽ ٻاڙ مير ۾ 12 کان مٿي مسجدون ۽ درگاهون ڊاهي پٽ ڪيون ويون آهن. جن ۾ جسلمير اندر رام ڳڙ تنوٽ هائي وئي 250 سال پراڻي حضرت محمود شاهه جيلانيءَ جي درگاهه به شامل آهي. ياد رهي ته راجستان ۽ سنڌ سان لڳل سرحدي پٽيءَ ۾ سنڌي مسلمانن جي ڳوٺن جو صفايو ڪيو پيو وڃي. اُن لاءِ ٻاڙ مير ضلعي انتظاميا مختلف ڳوٺن ۾ گهر ڊاهي ڇڏيا آهن. اُن تي ٻاڙ مير ۽ جيلسمير جي پارليامينٽ ميمبر رام بنيوال مذمت ڪئي آهي. هن چيو آهي ته هيءَ ته انڌي سياست سبب جنگ جو ميدان بڻجي ويل آهن. انتظاميا وڏي چالاڪي سان گهر خالي ڪرڻ ۽ مسجدون ڊاهڻ جو نوٽيس جمعي جي ڏينهن ڏئي ٿي ۽ موڪل واري ڏينهن ڊاهي ٿي. جيئن عوام ڪورٽن ۾ موڪل جا ڏينهن هئڻ سبب وڃي نه سگهي. حالانڪ هتان جا رهواسي 80 سيڪڙو هندو ڀيل آهن. 20 سيڪڙو مسلمانن جي آبادي آهي پر نوٽيس ۽ ڊاهڻ جو ڪم صرف مسلمانن خلاف آهي. هندن جي مندر کي هٿ نه لاتو ويو آهي، ڳوٺ ۾ امن سان رهن ٿا پر سرڪار کي مسئلو آهي. ڳوٺ حضرت سيد موز علي بورڊ ۾ به مسجدون شهيد ٿيون، پنج پيڙهيون رهيل آهن. هڪ ڳوٺ راجستان ۽ گجرات سان گڏ سنڌ جي سرحد تي آهي. اُن ۾ بابا رام ديو جو به مندر آهي. اهو ناهي ڊاٺو ويو پر مسلمانن جو پلي گهر نه هجي پر خالي قبر به ڊاٺي وئي آهي. راجستان ۾ پنج سال اڳ ڪانگريس جي حڪومت هئي، وزيراعليٰ اشوڪ گهلوت هو اُن وقت حالتون بهتر هيون ۽ ڪالهه به اڳوڻي وزيراعليٰ اشوڪ متاثر ڳوٺ جو دورو ڪيو آهي ۽ بي جي پي حڪومت جي مذمت ڪئي آهي. هن ظالمانه ڪارروائيءَ ۾ صوبائي سرڪار سان گڏ مرڪزي حڪومت جي به نيت شامل آهي. سنڌ جي پرواري سرحد سان گڏ مگريا، هاليپوتا، خاصخيلي، درس، بلوچ ۽ ٻين سنڌين جا ڳوٺ آهن. جيڪي مسلمان آهن. راجستان جي گادي واري شهر جئه پور ۾ 45 سالا پراڻي مسجد کي روڊ رستي سبب شهيد ڪيو ويو پر ٻاڙ مير ۽ ٿر ۾ دفاع جي نالي تي مسجدن کي نشانو بڻايو پيو وڃي. انهن مسجدن ۽ درگاهن لاءِ چوڻ ٿا ته اهي ڳٺيون چراگاهن تي ٺهيل آهن يا سرڪاري زمين تي قبضو ڪيل آهن. ڪانگريس جو اشوڪ گهلوت ٽي دفعا وزيراعليٰ رهيو آهي پر هن نوراني مسجد لاءِ ڪجهه نه چيو ۽ راهول گانڌي به ڪجهه نه ٿو چوي. جڏهن ته ڪانگريس حڪومت وقت ۾ محمد صالح ڪلر اقليتي وزير جي اجازت تحت مسجد ناهي وئي، اها به ڊاٺي وئي آهي. جيڪا ٻه يا ٽي سال اڳ جي ڳالهه آهي. ٻاڙ مير ۾ ڪڏهن به هندو-مسلم فساد نه ٿيو پر هن وقت ٻاڙمير جي ڪليڪٽر شيلا صاحبه چئي ٿي ته مون کي ڪا گهٽي خبر نه آهي پر دفاعي ڪم آهي. اميت شاهه چئي ٿو ته سرحد ويجهو مذهبي ڪابه شيءِ نه هجي ته پوءِ رڳو اُن لاءِ مسلم آبادي ڇو؟ ڳوٺ چنيسر گڊڙا روڊ ۾ مسجد شهيد ٿي، اُن لاءِ 15 لک اقليتي وزير صالح ڪلر راجستان سرڪار پاران ڏنا هئا. اهو احوال مولانا هاشم ٻڌايو آهي. هر ڳوٺ ۾ احتجاج ڪندڙ مونا ٻائي، گڊڙا روڊ تي سميع قاسمي، مولوي جالدين، حاجي سميجو، بادل سميجو وغيره سڀ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پاتل نظر اچن ٿا. هنن چيو ته رات جو نوٽيس ملي ٿو ۽ صبح جو مسجد شهيد ڪئي وڃي ٿي، اُن لاءِ ڀيلو بلڊوزر اچي وڃي ٿو ۽ اُن جو پنجو سڀ ڪجهه ڊاهي ٿو. اوله راجستان ۾ سنڌي مسلم آبادي بي جي پي جي پاليسين سبب ٿر وارو هندستاني مسلم سنڌي علائقو ظلم هيٺ آهي. صالح محمد ڪانگريس جي اڳوڻي وزير به مذمت ڪئي آهي. بي جي پي جو هڪ ليڊر الزام هڻي ٿو ته ٻارڊر تي جيسلمير ۾ هڪ مسجد 5 ڪلو ميٽر پري آهي. آبادي ۾ سئو کن مسلمانن تي مشتمل آهي. اُن لاءِ اڳوڻي ڪانگريس سرڪار سئو ڪلو ميٽر تي ڪروڙن جو روڊ ناهي ڏنو ۽ مسجد 7 ڪروڙ جي آهي. هن وقت راجستان وزيراعليٰ ڀڄن لال ته قبرستان به ختم ڪرڻ چاهي ٿو. اهڙي حالت تي هڪ متاثر چئي ٿو 'قانون بهي تمهارا هي، سرڪار بهي تمهاري هي، جهوٽ ڪو سچ لک دو، اخبار بهي تمهارا هي، اس دور کي فريادي جائين تو ڪهان جائين.' هندستان ۽ پاڪستان جي بارڊر وٽ ٻاڙ مير ۽ پاڪستان جي سنڌ واري شهر ڇاڇري کان 6 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي درگاهه گل محمد شاهه غازي واقع آهي. سائين جي درگاهه سرحد جي هن پار به آهي. اُن کي ٻاڙ مير انتظاميا ڊاهڻ جو انتظام ڪري چُڪي آهي. حالانڪ پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ هيءَ اهڙي درگاهه آهي، جنهن تي سنڌ واسي وڃي سگهن ٿا. اُن لاءِ ٻنهي حڪومتن جو ناهه هجي ته جيئن سک پاڪستان اچن ٿا. بهرحال فقير گل محمد شاهه غازي پاڪستان واري پاسي رڪيل آهي. هن وقت راجستان جا هندو به راجستان ۾ خاص ٽارگيٽ طور مسجدن کي شهيد ڪرڻ جي سخت مذمت ڪري رهيا آهن اُن لاءِ سرڪار جي سرڪاري بهاني ٻاڙيءَ کي ڪير به قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. اُن سلسلي ۾ هندستاني ميڊيا توڙي سوشل ميڊيا تي بربار مذمت ڪئي پئي وڃي پر پاڪستان جي قومي اردو ميڊيا اُن سلسلي ۾ بلڪل چُپ آهي. شايد اُن ڪري جو هن وقت هندستان ۾ جيڪا تڪليف مسلمانن کي ٿي رهي آهي، آهي سڀ مٿي تي سنڌي ٽوپي پاتل ۽ ڪلهن ۾ اجرڪ اوڍي بيٺل نظر اچن ٿا. بهرحال صدرِ پاڪستان جو بيان ته 'هندستان ۾ مسلمانن جي ماڳن ۽ مقامن کي تحفظ ڏنو وڃي'، اهميت رکندڙ آهي. ان سلسلي ۾ اردو ميڊيا کي پنهنجو رول نڀائڻ گهرجي ۽ هندستان ۾، خاص ڪري هڪ صوبي راجستان ۾ ۽ سنڌي مسلم ڪميونٽي جا ڊهندڙ گهر، شهيد ٿيندڙ مسجدون ۽ مسمار ٿيندڙ درگاهن لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي. راجستان کانپوءِ ممڪن آهي ته اهڙي ڪارروائي صوبي گجرات ۾ به آباد مسلمانن جي ڳوٺ ۾ به ڪئي وڃي ۽ گجرات ۾ سنڌي مسلمانن جا گهر، مسجدون ۽ مدرسا ڊاهي پٽ ڪيا وڃن. گجرات ۾ مسلم-هندو فساد ٿيندا رهيا آهن پر راجستان ۾ ڪو به اهڙو واقعو نه ٿيو آهي پر هاڻ بي جي پي حڪومت خود صوبي ۾ هندو-مسلم فساد ڪرائڻ چاهي ٿي.

پارٽي گهرو وزير اميت شاهه پاران هندستان جي سرحدي علائقن ۾ 15 ڪلو ميٽرن کي بلڪل محفوظ بڻائڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ اُن تحت سول آباديءَ کي نوٽيس ڏئي هٽائڻ جو چيو ويو هو پر وري اُن کي 15 ڪلو ميٽرن مان وڌائي 50 ڪلو ميٽر جي دائري ۾ آندو ويو آهي ۽ اُن ۾ سڀ کان وڏو ٽارگيٽ سنڌي مسلمانن جا ڳوٺ آهن. جن ۾ مسجدون ۽ مدرسا ڊاهي پٽ ڪيا ويا آهن. انهن حالتن کي ڏسندي پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري، هندستان جي اهڙي غير انساني عمل ۽ هڪ طبقي کي نشانو بڻائڻ جي مذمت ڪندي چيو هو ته مسلمانن جا ماڳ مڪان ڊاهڻ غلط آهي. صدر آصف علي زرداريءَ جو بيان 21 جون جي "عبرت" ۾ پهرئين صفحي تي شايع ٿيل آهي، پر چوندا آهن ته 'ڏاڍي هٿي ڏهه ته توڙو هٿي تيرنهن' وانگر هندستان سرڪار جي ترجمان رنڌير جيسوال بجائي سنڌي مسلمانن کي تحفظ ڏيڻ جي صدر جي بيان کي مداخلت چيو آهي. جڏهن ته بيريسٽر اسد الدين اويسي راجستان جي سرحدي ضلعن ۾ مسجدن کي شهيد ڪرڻ ۽ مسلمانن کي نشانو بڻائڻ جي مذمت ڪئي آهي.

7 محرم الحرام ڪربلا جو واءِ ڏاڍو واقعو

زوار عبدالستار درس

الله تعاليٰ پنهنجي لاريب ڪتاب قُرآن حڪيم جي سوره التوبة جي آيت نمبر 9 ۾ فرمائي ٿو ته "۽ انهن خدا جي آيتن جي بدلي ٿوري قيمت (دنياوي فائدو) حاصل ڪري ماڻهن کي ان راهه کان روڪي ڇڏيو، بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي ڪجهه به ڪن ٿا اهو تمام خراب آهي". قُرآنِ حڪيم جي سوره الاعراف جي آيت نمبر 146 ۽ 147 ۾ هي فِرمان خداوندي به موجود آهي ته "جيڪي ماڻهو (خدا جي) زمين تي ناحق آڪڙجي هلن ٿا، انهن کي آئون پنهنجي آيتن تان جلد ڦيرائي ڇڏيندس (۽ آئون جا ڦيرائيندس) خود انهن جون دليون، ايتريون سخت ٿي ويون آهن جو اگر (دنيا جهان جا) سڀ مُعجزا به ڏسي وٺن تڏهن به هي انهن تي ايمان نه آڻيندا ۽ اگر سِڌو رستو ڏسندا ته به ان تي نه هلندا ۽ گُمراهيءَ وارو رستو ڏسندا ته جهٽ پٽ اُن تي هلڻ لڳندا. اها خرابي ان ڪري پيدا ٿي جو انهن ماڻهن منهنجي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ انهن کان غفلت ڪندا رهيا ۽ جن ماڻهن اسان جي آيتن ۽ آخرت واري حُضوريءَ کان انڪار ڪيو، انهن جو ڪيل سڀ ڪجهه ضايع ٿي ويو. انهن کي بس انهن ئي اعمالن جي جزا (يا سزا) ڏني ويندي جيڪي هو بجا آڻيندا رهيا". سوره آلِ عمران جي آيت نمبر 77 ۾ ته اهو به چٽي طرح فرمايو ويو آهي ته "بيشڪ جيڪي ماڻهو پنهنجي عهد (جيڪو خدا تعاليٰ سان ڪيو هئائون) جي بدلي ٿورڙو دنياوي معاوضو حاصل ڪن ٿا، انهن جي لاءِ آخرت ۾ ڪوبه معاوضو نه آهي. انهن سان قيامت واري ڏينهن الله تعاليٰ ڪلام نه ڪندو ۽ نه ئي انهن ڏانهن (رحمتَ واري) نظر ڪندو نه ئي انهن کي (گناهن واري غلاظت کان) پاڪ ڪندو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي". هنن واضح قرآني حُڪمن جي موجودگيءَ ۾ اُمتَ امام حُسين ع سان سڀ ناتا ٽوڙي بيگناهه سندس رت جي اُڃايل ٿي بيهي رهي. اُن امام حُسين ع جي رت جي اُڃايل ٿي بيٺي جنهن جي باري ۾ حضور ختمي المرتبت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہ وسلم جن جو فرمان آهي ته، حُسن ع ۽ حُسين ع منهنجا فرزند آهن. آئون ئي هنن جو پيءُ آهيان. آگاهه رهو ته قيامت واري ڏينهن سڀني جا حسب ۽ نسب وارا سلسلا مُنقطع ٿي ويندا، سواءِ منهنجي حسب ۽ نسب جي. ها اُن بلند حسب و نسب رکندڙ حُسين ع جو ڪربلا جي رڻ ۾ پاڻي به بند ڪيو ويو هو. مورخين لکن ٿا ته، ابنِ زياد جي حڪم تي عمل ڪندي يزيدي لشڪر 6 محرم الحرام کان ئي حُسيني قافلي تي پاڻي مڪمل طرح بند ڪري ڇڏيو هو جنهن سبب 7 محرم تي صبح جو ئي حُسيني خيمن ۾ پاڻي ختم ٿي چڪو هو ۽ پاڻيءَ جي بندش اُڃايل حسيني مجاهدن ۽ بالخصوص معصوم ٻارڙن لاءِ سخت اضطرابيت جو سبب بڻجي رهي هئي. هڪ طرف ڪربلا جي تَتل صحرا جي ساڙيندڙ اُس ته ٻئي طرف خيمن ۾ پاڻيءَ جي اڻ هوند حُسيني قافلي جي هر فرد کي تڙپائي رهي هئي. معصوم ٻارڙن جون پاڻيءَ لاءِ لڳندڙ صدائون حسيني قافلي جي بيچينيءَ ۾ مسلسل اضافو ڪنديون رهيون، جڏهن ته فرات درياءَ تي يزيدي لشڪر جو مڪمل ۽ سخت پهرو موجود هو. فرات درياءَ تي پهرو ڏيندڙ يزيدي فوج جا سپاهي فرات درياءَ مان پاڻي ڀري حُسيني قافلي کي ڏيکاري ڪربلا جي تتل صحرا ۾ هاري رهيا هئا، پر امام حُسين ع ۽ سندن ساٿين کي ان درياءَ مان هڪ قطرو پاڻي کڻڻ جي به اجازت نه هئي. امام حُسين ع هنن جي سڀني گستاخين کي صبر سان برداشت ڪيو ۽ هنن جي سمورين گستاخانه حرڪتن جي جواب ۾ مڪمل خاموشي اختيار ڪيائون.

صِحرا جي ساڙيندڙ گرمي ۽ اُڃ واري شديد اضطرابي ڪيفيت ۾ جڏهن سڄو ڏينهن گذري ويو ۽ شام ٿي ته پوڙهن، جوانن، ٻارن ۽ عورتن جي حالت انتهائي متغير ٿيڻ لڳي. اها ڪيفيت ڏسي امام حُسين ع پنهنجي ڀاءُ حضرت عباس ع کي حڪم ڏنو ته ڪجهه اصحابن کي گڏ وٺي کوهه کوٽيو وڃي. حضرت عباس ع ڪجهه ساٿين کي گڏ وٺي کوهه کوٽڻ شروع ڪيو. تمام وڏي محنت سان کوهه کوٽيو ويو پر تمام اونهائيءَ ۾ وڃڻ کانپوءِ به کوهه مان پاڻي نه نڪتو. ان بعد وري ٻي جڳهه تي کوهه کوٽيو ويو، وڏي مشقت کانپوءِ کوهه ته کوٽجي ويو پر ان کوهه مان پاڻي بدران رڳو پٿر نڪتا. ان صورتحال اُڃ جي ستايل حُسيني مجاهدن جي اُڃ ۾ اڃان به وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو، جو جو هو هڪ ته اڳ ۾ ئي سخت اُڃايل هئا، مٿان وري کوهه جي کوٽائيءَ واري مشقت هنن جي اُڃ واري احساس کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيو ۽ هاڻي ته خيمن مان معصوم ٻارن جون العطش العطش جون صدائون به بلند ٿيڻ لڳيون. معصوم ٻارڙن جون بيچين ڪندڙ صدائون ٻڌڻ کان پوءِ امام حُسين ع حضرت عباس علمدار ع کي حڪم ڏنو ته، 30 سوار ۽ 20 پيادل ماڻهن کي گڏ وٺي وڃي فرآت درياءَ مان پاڻي ڀري اچو. حضرت عباس ع اهڙو حڪم ملڻ شرط 30 سوارن ۽ 20 پيادل ماڻهن کي وٺي فرآت درياءَ ڏانهن روانو ٿي ويو.

هر طرف رات جي ڪارائڻ ڦهلجي چڪي هئي ۽ عمر ابن الحجاج پنهنجي ساٿين سان گڏ فرات درياءَ تي پهرو ڏئي رهيو هو. حضرت عباس ع ۽ سندن ساٿي جڏهن فرات درياءَ تي پهتا ته عمر ابن حجاج پڇيو ته، توهين ڪير آهيو؟ هلال بن نافع جواب ڏنو ته، آئون تنهنجو سئوٽ هلال بن نافع آهيان. اهو ٻڌي عمر ابن الحجاج چيو ته، تون ڀلي پاڻي پي وٺ باقي امام حُسين ع ۽ ان جي ساٿين تي پاڻي بند آهي. هلال هن جي ڳالهه ٻڌي چيو ته "حيف هجي توتي جو تون مون کي ته پاڻي پيئڻ جي اجازت ڏئي رهيو آهين پر فرزندِ رسول ص تي پاڻي بند ڪيو اٿئي". عمر ابن حجاج جواب ڏنو ته، تون صحيح ٿو چوين پر مون کي جيڪو حڪم مليل آهي آئون ته ان تي ئي عمل ڪرڻ جو پابند آهيان.

هلال پنهنجي ساٿين کي پاڻي ڀرڻ لاءِ سڏيو. جڏهن هو پاڻي ڀرڻ لڳا ته عمر ابن الحجاج وري پنهنجي پهرو ڏيندڙ ساٿين کي سڏي ورتو. حضرت عباس ع پنهنجي ساٿين سان گڏجي پهرو ڏيندڙ يزيدي لشڪر سان مقابلو شروع ڪيو ۽ اهڙي ته بهادريءَ جو مظاهرو ڪيائون جو هنن لعينن کي پٺيان هٽڻ تي مجبور ٿيڻو پئجي ويو. ايئن ويڙهه جاري هئي ته اصحاب حُسين ع پاڻيءَ جون مشڪون ڀري ورتيون ۽ 50 ئي ڄڻا بالحفاظت پاڻيءَ جون مشڪون کڻي خيمن ۾ اچي پهتا ۽ عمر ابن الحجاج ۽ سندس ساٿي حضرت عباس ع جي اهڙي دليرانه جرئت آڏو شڪست کائي پٺتي هٽي وڃڻ سبب ڏاڍا نادم ٿيا.

تاريخي ڪتابن ۾ اهو به تذڪرو موجود آهي ته ان رات جو دير سان امام حُسين ع حُجت تمام ڪرڻ لاءِ عمر بن سعد سان آخري ڀيرو ڳالهه ٻولهه ڪرڻ چاهي ۽ ڪيس پيغام موڪليائون ته مون سان ٻنهي لشڪرن جي وچ تي ملاقات ڪر. عمر بن سعد اها ڳالهه قبول ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ امام حُسين ع پنهنجي ڀاءُ حضرت عباس ع، فرزند شهزاده علي اڪبر ع ۽ 20 ساٿين سان گڏ خيمن کان اڳيان وڌيا ۽ عمر بن سعد وري پنهنجي پٽ ۽ غلام سميت 20 ماڻهن سان گڏجي اڳيان وڌيو. جڏهن ٻئي گروهه هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيا ته امام حُسين ع، عمر بن سعد کي مخاطب ٿي فرمايو ته "اي سعد جا پٽ، ڪجهه خدا جو خوف ڪر، آئون تنهنجي نبي ص جو ڏوهٽو ۽ خاتونِ جنت ع جو فرزند آهيان ۽ تون مون کي قتل ڪرڻ چاهين ٿو، خدا ته صرف ان ۾ راضي ٿيندو جو تون مون سان نيڪي ڪرين".

عمر بن سعد پنهنجو گهر لٽجڻ مال و متاع ڦُرجڻ ۽ اولاد جي قتل ٿيڻ جو خوف ظاهر ڪيو. امام حُسين ع هن کي گهڻوئي اطمينان ڏياريو پر هن کي ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. امام حُسين ع اهو سمجهي ورتو ته جان و مال جو خوف ته محض بهانو آهي پر اصل ۾ هو ايندڙ سونهري ڏينهن جي خوابن ۾ گرفتار آهي. ان ڪري هو پنهنجو اختيار ڪيل رستو ڪونه بدلائيندو. امام حُسين ع هن سان گفتگو جو سلسلو ختم ڪندي فرمايو ته "تون مون کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار آهين ۽ اهو سمجهي رهيو آهين ته ابنِ زياد توکي (ري ۽ گرگان) جي حڪومت ڏئي ڇڏيندو پر خدا جو قسم توکي اها حڪومت نصيب نه ٿيندي. هيءَ هڪ عهد آهي جيڪو مون سان ڪيو ويو آهي. هاڻي تون جيڪو چاهين اهو ئي ڪر، پر آئون ڏسي رهيو آهيان ته تنهنجي وڍيل سر کي نيزي تي چاڙهي ڪوفي ۾ ڦيرايو پيو وڃي ۽ ٻارن جو هجوم ان کي پٿر هڻي رهيو آهي".

امام حُسين ع جي ڳالهه ٻڌي عمر بن سعد جو سڄو جسم ڪنبي ويو، پر ان هوندي به دنياوي لالچ هن تي غالب رهي، جنهن سبب هو خاموش ٿي ويو ۽ امام حُسين ع جن پنهنجي خيمي ڏانهن واپس هليا ويا. رات وچ ۾ اها خبر لشڪر مان ڪنهن ابنِ زياد تائين پهچائي ڇڏي ۽ عمر بن سعد به هڪ خط لکي ابنِ زياد کي روانو ڪري ڇڏيو.

مسجد ويجهو شهيدن جي قبرستان ۾ موجود آهي

اڄوڪو ڏينهن ..... 23 جُون

نواب محمد دلاور خان جي

اڄ سنڌ جي 11هين گورنر دلاور خانجيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 23 جون 1918ع تي جهوناڳڙهه ۾ پيدا ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي ڄمڻ جو سال 1922ع به لکيو ويو آهي سندس والد محمد محبت خان (ٽيون) جهوناڳڙهه رياست جو آخري نواب هو. هن ڪيپٽن هاروي جونس وٽ ابتدائي انگريزي تعليم حاصل ڪئي 1936ع کان 1943ع تائين برطانيه ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين وطن واپسيءَ تي سول سروسز ۾ شامل ٿي جهوناڳڙهه جي مختلف علائقن ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيائين 1947ع ۾ پاڪستان آيو 1959ع ۾ والد جي وفات بعد هن پاڪستان ۾ رهندي جهوناڳڙهه جي نواب بڻجڻ جي دعويٰ ڪئي پر اها فقط زباني دعويٰ هئي ۽ جهوناڳڙهه مڪمل طور هندستان جو حصو بڻجي چڪو هو پهرين مارچ 1976ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي هن کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو، 5 جولاءِ 1977ع ۾ ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ٿيڻ بعد هن کي گورنر جي عهدي تان هٽايو ويو هن 30 جولاءِ 1989ع تي وفات ڪئي

ساجده چانڊيو

ساجده چانڊيو ٿئين ٽهيءَ جي مشهور شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ ڪالم نويس آهي هن جو جنم 23 جون 1985ع تي ڳوٺ جوابپور چانڊيو ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو سندس اصل نالو حسنه پروين آهي ۽ سندس والد جو نالو اعتبار علي چانڊيو آهي هن 1998ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو، سندس لکڻيون سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن ظفر عباسيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب "چونڊ سنڌي شاعرائن جي چونڊ شاعري" ۾ پڻ سندس شاعري شامل آهي

سيد يوسف علي شاهه

هن فقير منش انسان جو جنم 18 نومبر 1942ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ٻهتڙا ۾ ٿيو. سندس والد سيد شهنشاهه بخاري پنهنجي ٽر جو وڏو هڪ برگزيده بزرگ هو جنهن جا سنڌ ۽ بلوچستان ۾ هزارين مريد هئا. سيد يوسف علي شاهه پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا ۽ ان بعد سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين هن نوڪري ڪرڻ بجاءِ فقيري راهه اختيار ڪئي سنڌ جي صوفي بزرگن جي مزارن جي حاضري ڀريندو رهندو هو. سيوهڻ شريف کان پنڌ سفر ڪري لاهوت لامڪان جو سفر ڪيائين. ايران ۽ عراق جو سفر ڪري زواري ڪيائين ۽ گڏوگڏ سعودي عرب جو سفر ڪري حج جي سعادت ماڻيائين. شاهه لطيف جو سچو عاشق هو ۽ شاهه جو رسالو سدائين گڏ کڻي هلندو هو. راڳ رنگ ۽ موسيقيءَ سان به چاهه هئس. هو هارمونيم تي سُر پڻ وکيريندو هو. پنهنجي والد جي مزار تي هر سال ميلو به لڳرائيندو هو. هن بزرگ 23 جون 1988ع تي هيءَ جهان ڇڏيو.

عبدالرحمان محمد قريشي

اڄ ڪراچيءَ جي مشهور ڪاروباري ۽ علم دوست شخصيت عبدالرحمان محمد قريشيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن کي عام طور تي اي ايم قريشيءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. اي ايم قريشي موجوده هندستان جي گجرات رياست ۾ راجڪوٽ ڪاٺياواڙ ۾ ڄائو. غربت سبب هن ڪنهن به اسڪول ۾ باقاعدي ڪا تعليم حاصل نه ڪئي. ڪاٺياواڙ ۾ روزگار جي تنگيءَ سبب هو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ 1938ع ڌاري ڪراچيءَ لڏي آيو ۽ محنت مزدوري ڪري پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالڻ لڳو. هن 1939ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ ٽرانسپورٽ جو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سندس شمار ڪراچيءَ جي وڏين ڪاروباري شخصيتن ۾ ٿيڻ لڳو. پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه عرصو پهرين هن سنڌ جي بااثر سياستدانن سان گهرا لاڳاپا قائم ڪري ورتا. 1946ع ۾ هو ايوب کهڙي، سَر غلام حسين هدايت الله ۽ يوسف هارون جهڙن وڏن سياستدانن سان گڏ سنڌ اليڪشن ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1948ع ۾ ڪراچي مسلم ليگ جو صدر ۽ 1949ع ۾ پاڪستان مسلم ليگ جو خزانچي چونڊيو ويو. 1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ ۽ 1962ع ۾ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هن ڪراچيءَ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ اسلاميه لا ڪاليج ۽ اسلاميه ڪامرس ڪاليج جو بنياد رکيو، جيڪو سندس هڪ وڏو تعليمي ڪارنامو مڃيو وڃي ٿو. هن 23 جون 1989ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو. کيس سندس قائم ڪيل اسلاميه ڪاليج جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو.

حاجي سعدالله سپاهي ابڙو

هن ناليواري اديب ۽ استاد جو جنم 7 جنوري 1925ع تي سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو گل محمد ابڙو هو. سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ پهريائين پرائمري استاد ۽ پوءِ هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪم ڪيائين. هو مختلف اسڪولن جو هيڊماستر به رهيو. هن 1941ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي علي محمد عاجز ميمڻ کان شاعريءَ ۾ اصلاح وٺندو هو. شاعريءَ ۾ "سپاهي" سندس تخلص هو. شاعريءَ سان گڏ مضمون ۽ مقالا به لکندو هو. سندس لکيل ڪتابن ۾ "عروس القرآن" (سورت الرحمان جو منظوم ترجمون)، "گل بهار عرف ۾ معصوم مڪڙيون" (ناول)، "ٽيپو سلطان" (ناٽڪ) ۽ "ريفريشم" (ناٽڪ) شامل آهن. 23 جون 1997ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

سيد فيروزشاهه دڙائي بوبڪائي

مختيار اثر

سيد فيروز شاهه جو جنم تعلقي سيوهڻ جي مشهور شهر بوبڪ ويجهو ڳوٺ دڙي ۾ ٿيو هو هڪ سٺو شاعر هو، سياسي سرگرمين ۾ به چڱو حصو ورتائين هن جو جنم 24 جنوري 1925ع تي سيد ذوالفقار علي شاهه لڪياريءَ جي گهر ۾ ٿيو ابتدائي تعليم مولوي عبدالقادر بوبڪائيءَ جي مدرسي ۾ ورتائين هن جا وڏا خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جا مريد هئا. ان ڪري ننڍپڻ ۾ ئي مرشد جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مرشد جي ڪراچيءَ واري بنگلي تي وڃي رهيو. مرشد وٽ رهڻ دوران هن گورڊن ڪراچيءَ جي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. اڳتي هلي پهريائين حيدربخش جتوئيءَ جي هاري ڪميٽيءَ ۾ ۽ بعد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين پاڻ پ پ سيوهڻ جو صدر پڻ رهيو هن بزم باب الاسلام جي نالي سان هڪ ادبي تنظيم جو بنياد وڌو شاعريءَ ۾ "دڙائي" تخلص استعمال ڪندو هو هن 23 جون 1999ع تي وفات ڪئي

مولانا قاضي عزيزالله جروار



اڄوڪو ڏينهن خلافت تحريڪ ۽ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي سرگرم ڪارڪن ۽ اڳواڻ مولانا قاضي عزيزالله جروار جون ساروڻيون کڻي آيو آهي جيڪو اڄوڪي ڏينهن تي 2004ع ۾ اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. هو موجوده قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ گل محمد جروار ۾ ڄائو. سنڌ جي مختلف مدرسن مان ديني تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو پاڻ سنڌيءَ سان گڏ عربي ۽ فارسي ٻولين جو ماهر هو مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ويجهڙائي هئس هن خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور بهرو ورتو 1937ع ۾ جڏهن سندس ڳوٺ ۾ خلافت تحريڪ ڪميٽي ٺهي ته انهيءَ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين اڳتي هلي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿي هارين جي حقن جي بحاليءَ واري جدوجهد جو حصو بڻجي ويو پاڻ اڳتي هلي انهيءَ ڪاميٽيءَ جي چيئرمين طور پڻ ڪم ڪيائين هن مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي رهنمائيءَ ۾ شهداد ڪوٽ ۾ "محمد قاسم ولي الله ٿيولوجيڪل اسڪول" قائم ڪيو جنهن جو افتتاح 1943ع ۾ ٿيو هن مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪيترن ئي ڪتابن کي پنهنجي هٿن سان لکي محفوظ ڪيو، جيڪي بعد ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا هن 23 جون 2004ع تي وفات ڪئي سندس آخري آرامگاهه بڻجي شريف تعلقي پنو عاقل جي جامع

قاضي شفيق مهيسر

اڄ مشهور سياستدان قاضي شفيق مهيسر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن ناميارو سياستدان 19 جولاءِ 1947 تي ڳوٺ قاضي عارف تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو مئٽرڪ جو امتحان ميهڙ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين ان کان علاوه حيدرآباد لا ڪاليج مان قانون جي ڊگري پڻ حاصل ڪيائين قاضي صاحب 1980ع وارين بلدياتي چونڊن ۾ سوڀ ماڻي پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي 1985ع وارين غيرجماعتي چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1988ع ۽ 1990ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ قومي اتحاد جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهيو پر ڪاميابي ماڻي نه سگهيو ان بعد پي اين پي (بزنجو گروپ) ۾ شموليت اختيار ڪيائين پاڻ انهيءَ پارٽيءَ جو سنڌ ۾ صدر پڻ رهيو اڳتي هلي پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ۾ شموليت اختيار ڪيائين انهيءَ پارٽيءَ ۾ شموليت سبب ڪيس ڇهه مهينا قيد به ڪاٽڻو پيو 2002ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهيو پر ڪاميابي نه ماڻي سگهيو هن 23 جون 2012ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

تاج ملتاني



اڄ مشهور راڳيءَ تاج ملتانيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 1944-45ع ڌاري لوڌران ضلعي جي ڳوٺ کهروڙ پڪا ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 28 اپريل 1945ع ڄاڻايل آهي ڳائڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس هن استاد سلامت علي خان کان راڳ ۽ موسيقيءَ جون رمزون سکيون پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ريڊيو تي ڳائڻ شروع ڪيائين ۽ ملتان ڇڏي ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين سندس ڳايل ڪيترائي سرائيڪي، سنڌي، اردو ۽ پنجابي گيت، غزل ۽ ڪلام اڄ به ريڊيو پاڪستان جي لائبريريءَ ۾ موجود آهن 1965ع واري جنگ دوران سندس ڳايل وطن جو گيت "اپني قوت اپني جان، جاگ رها هي پاڪستان" تمام گهڻو مشهور ٿيو ريڊيو سان گڏ هن پاڪستان ٽيليويزن تي به پنهنجا سر وکيري داد حاصل ڪيو هن ڪجهه پاڪستاني فلمن لاءِ به گيت ڳايا هن جي گهرواري نگهت سيما به ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور گلوڪاره هئي آواز جي دنيا لاءِ سندس ڪيل خدمتن کي مڃتا ڏيندي پاڪستان سرڪار کيس حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو تاج ملتانيءَ 23 جون 2018ع تي هيءَ جهان ڇڏيو

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

ڪري فرار ٿي ويا. ڦر جي واردات کان پوءِ شاهي بازار جي واپارين ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. جڏهن ته ڪاروباري حلقن ۾ ڳڻتي جي لهر ڊوڙي وئي ان موقعي تي شاهي بازار جي واپارين وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪندي جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو ڪيو. واپارين جو چوڻ آهي ته شهر ۾ ڦر چوري ۽ ڌاڙن جي وارداتن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي، جڏهن ته پوليس عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي احتجاج ڪندڙ واپارين خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

هٿياربندن متن فائرنگ ڪري ڏني جنهن ڪري ٻه ڄڻا گل محمد ۽ شان چانڊيو سخت زخمي ٿي پيا. زخمين کي ڪي اين شاهه تعلقه اسپتال آندو ويو جتي طبعي امداد ڏيڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت هئڻ سبب کين لاڙڪاڻو چانڊڪا اسپتال ريفر ڪيو ويو آخري اطلاعن موجب پوليس طرفان ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي ۽ نه ئي ڪو ڪيس داخل ٿي سگهيو

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

موجب پهريون پوليس مقابلو جعفرآباد لنڪ روڊ ويجهو ٿاڻو آباد جي حدن ۾ ٿيو جتي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. پوليس موجب ڌاڙيل واردات جي ارادي سان روڊ تي موجود هئا، جن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس جي جوابي ڪارروائي ۽ پيچي دوران هڪ ڌاڙيل نصرالله ميراڻي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا.ٻيو پوليس مقابلو ٿاڻو صالح پٽ جي حدن ۾ اسلام آباد ٽڪري پرسان پيش آيو پوليس گشت دوران ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو جتي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڌاڙيل ياسين ميراڻي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس موجب گرفتار زخمي ڌاڙيل اسنيچنگ، چوري، ڦر پوليس مقابلن سميت ٻين ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث ۽ گهربل هئا. زخمي ڌاڙيلن کي علاج لاءِ لاڳاپيل اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ترجمان سکر پوليس موجب فرار ٿيل ڌاڙيلن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي جڏهن ته زخمي ڌاڙيلن جو ڪرمنل رڪارڊ مختلف ٿاڻن ۽ ٻين ضلعن کان حاصل ڪيو پيو وڃي.ٻئي پاسي اظهر خان ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

سليمان پٺاڻ خلاف ايف آر ڪٽي قانوني ڪارروائي ڪري اسان جي نوجوان ڇوڪري ونڌو سوچي کي واپس ڪرائي وڃي اسان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو هوڏانهن ڊوڙ پوليس جو چوڻ آهي ته متاثر ڌر جوابدارن جي خلاف ايف آر داخل نه ڪرائي آهي اسان انهن خلاف ڪيس داخل ڪري ڪارروائي ڪالوني ڪنداسين

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

ڪلوڙ رڳو چند گاڏيون پٿر لهرائڻ بعد روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڪروڙين روپين جو بل پاس ڪرائي فرار ٿي ويو آهي جنهن سبب ڳوٺاڻا سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ٺيڪدارن آڏو هرسٽيج وٺڻ سبب بيوس بڻيل آهي جنهن سبب ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو آهي جڏهن ته احتجاج دوران ڳوٺاڻن پ پ اڳواڻ بابر علي خان لنڊ ضلع ڪائونسل جي چيئرمين بنگل خان مهر ۽ حمزه خان سندراڻي جي رستا روڪ ڪري سخت احتجاج ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته روڊ جو ڪم فوري طور مڪمل ڪري ٺيڪيدار انور ڪلوڙ جي جعلي ڪمپني سميت ٻين روڊن جا ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿيندڙ ٺيڪدارن کي بليڪ لسٽ ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ لائحه عمل جوڙي گو ڊي سي گو احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي ٻي پاسي ياد رهي ته ڊي سي گهوٽڪي ضلع ڪائونسل پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ آبپاشي کاتي جي ملازمن جي فرضي ڪمپنين جي نالن تي گذريل چند سالن دوران اربين روپيا اسڪيمون مڪمل ڪرائڻ لاءِ جاري ٿي چڪا آهن پر هن وقت تائين ڪابه اسڪيم مڪمل نه ٿي سگهي آهي ۽ نه ئي احتساب ڪندڙ ادارن پاران ڪا جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

تدارڪ ناهي ڪيو ويو؛ عورت اهلڪار شهزادي ملاح وڌيڪ چيو ته مان سخت ذهني تڪليف ۾ مبتلا آهيان جيڪڏهن مون کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار ايس ايڇ او پٺائي نگر ۽ اي ايس آءِ هوندا. هن ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کان گهر ڪئي ته ساڻس انصاف ڪيو وڃي

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

ايڇ او ڊوڙ غفوراحمد نائچ مرڪزي امام بارگاهه سجاديه محله علي آباد امام بارگاهه النور امام بارگاهه باب زينبيه سميت ڊوڙشهر ۾ نڪرندڙ 11محرم الحرام جي قديمي مرڪزي جلوس سميت مختلف وقتن تي نڪرندڙ جلوسن جي روٽن جو جائزو ورتو ويو ۽ منتظمين سيد فياض حسين شاهه صفدر عباس ڪربلائي علامه ضمير حسين مولائي زوار حاجي غلام شبير واسواڻه زوار ميرحسن واسواڻه زوار نيازحسين واسواڻه زوار عباس علي رستماڻي زوار روشن علي واسواڻه زوار سالڪاڻي سميت مختلف شيعه تنظيمن جي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري مڪمل صورت حال جو جائزو ورتو ۽ فوري هدايتون جاري فرمايون ٻئي شهر جي روڊن رستن جلوس جي روٽن سميت لاءِ چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ڊوڙ چوڌري وسيم افضل راجپوت ۽ سندس ٽائون ڪاميٽي جي ٽيم جي بهترين ڪارڪردگي جي پڻ ساراهه ڪئي

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

هيو جتي نينگري اوچتو ڪُليل گٽر ۾ ڪري پئي جنهن کي موقعي تي موجود ماڻهن بچائي ورتو هو اهڙي وڊيو پڻ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي ۽ شهرين ڪارروائي جو مطالبو ڪيو هو جنهن تي سي ايم او نوٽيس وٺندي لاڳاپيل انچارج کي عهدي تان هٽائي معطل ڪري ڇڏيو آهي چيف ميونسپل آفيسر هڪ سرڪيولر جاري ڪندي محرم الحرام دوران شهر ۾ صفائي سٿرائي، پيئڻ جي پاڻي، گٽرن تي ڍڪ هڻڻ سميت سمورا انتظام بهتر نموني مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي سمورين برانچز جا انچارج ۽ ملازم پنهنجون ڊيوٽيون سرانجام ڏيڻ ۾ غفلت ۽ لاپرواهي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي ماتمي روڊن ۽ امام بارگاهن جي آس پاس وارن علائقن جي صفائي جو خاص خيال رکيو وڃي ته جيئن عزادارن کي سهولتون فراهم ڪري سگهجن.

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ريڙهي دوڪانن پاچي فروٽ جي ريڙهن تي ماواڪٽڪا، سفينا، زيڊ 21، چرس، ڀنگ، ڊوڏي، آفيم هيروئن آئيس ۽ ٻي منشيات وڪر جيان سرعام وڪرو ٿيڻ لڳي ڪوهستان جي مڙني ننڍن وڏن شهرن ڳوٺن ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ ڪرو ڪچو شراب جون بليون قائم منشيات جو سرعام وڪرو ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙا، پوڙها پڪا، ڳڀرو نوجوان ۽ عورتون به منشيات جا عادي بڻيل منشيات واپرائڻ سبب ڪيترائي مرد عورتون معصوم ٻارڙا نوجوان ڳڀرو پنهنجي قيمتي زندگي تان هٿ ڌوئي ويٺا ۽ ڪيترائي ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا نشو واپرائڻ سان پيٽ ۽ جگرجي موذي مرضن ۾ مبتلا منشيات جاعادي موالي نشي جاپئسا نه هجڻ جي ڪري چوريون ڪرڻ تي مجبور ڪوهستان جي غريب عوام آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد اينٽي نارڪوٽيڪس جي اعلي اختيارين کان پرزوراپيل ڪندي گهرڪئي آهي ته تعلقي ٿاڻوبولاخان جي مڙي ڄاڻايل شهرن ڳوٺن ۾ منشيات جوسرعام وڪرو بند ڪرايو وڃي منشيات جي اڏن ۽ پوليس عملي خلاف فوري قدم کڻي قيمتي جانيون بچايون وڃن ماڻهو مار پوليس عملي کي هٽائي ايماندارپوليس عملو ڏنو وڃي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

اسان هڪ سال اڳ پوليس ڪانسٽيبل جي ڀرتين لاءِ سمورا امتحان پاس ميرٽ تي پورا لٿا آهيون پر اڃان تائين آفر آرڊر نه ڏيڻ زيادتي آهي جنهن سبب سخت پريشاني ۽ مايوسي جو شڪار ٿيون پيا، هنن چيو ته ڀرتي واري عمل ۾ غير ضروري دير سبب ڪيترائي اميدوار ذهني دٻاءَ ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن حڪومت سنڌ، وزير قانون ۽ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ويو ته عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر جي ڪامياب اميدوارن کي جلد کان جلد آفر آرڊر جاري ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي. مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو احتجاج دوران الله والا چوڪ بند ٿيڻ سبب ڪجهه وقت لاءِ ٽريفڪ معطل رهي

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

رکيون ويون جن ۾ ضلعي صدر ڊاڪٽر نور علي شاهه، ضلعي جنرل سيڪريٽري صوفي نواز سومرو تعلقه ڪنري جي سينئر نائب صدر غلام حسين درس جنرل سيڪريٽري سيد منظور شاهه ،تعلقه انفارميشن سيڪريٽري عباس علي رند ،ٽائون چيئرمين حاجي شڪيل باجوا ،يوسي چيئرمين حاجي امير حسن خاصخيلي سميت وڏي انگ ۾ عهديدارن ورڪرن شرڪت ڪئي اڳواڻن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ڏنل قربانين ۽ ڪيل خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته محترمه بينظير ڀٽو بهادر ۽ نڊر اڳواڻ هئي جنهن ملڪ جي بقاءِ ۽ ترقي لاءِ جان جي پرواهه نه ڪئي صدر آصف زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد راڻي جي مشن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

مختلف زمينن کي پڻ قبرستان ۾ شامل ڪري زرعي مقصدن ۽ فش فارم لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته جعلي دستاويزن ذريعي قبرستان جي زمين وڪرو ڪرڻ جون ڪوششون پڻ جاري آهن. سندس چوڻ موجب عدالتي حڪمن ۽ ڪيترين ئي شڪايتن باوجود لاڳاپيل پوليس ۽ ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن. هن چيو ته شڪايتون داخل ڪرائڻ تي جوابدار کين سنگين نتيجن جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن.فتح علي ڪاڪڙ اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ ۽ قبرستان جي زمين تان قبضا ختم ڪرائڻ جو پرزور مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

محبوب شاهه محلي مان فقير سيهر علي گلاباڻي جي گهران فقير امتياز علي گلاباڻي غلام عباس حر عباس گلاباڻي جي اڳواڻي هيٺ قافلو نڪتو ان موقعي تي سيج شهزادا قاسم عليه السلام جي ۽ معصوم علي اصغر جو جهولو برآمد ٿيو جيڪو دولت پور جي مختلف رستن ٿيندو رات دير سان محبوب شاهه محلي پهتو ان موقعي تي ان موقعي تي ملڪ جي نالي واري نوحا خوانن امجد علي سمون جاني شاهه ارشاد علي رند منصور شاهه ساجد علي زرداري انجمن غلام حسين سيد سجاد علي شاهه انجمن شهزاد قاسم ڳوٺ چاڪر خان لغاري انجمن جانثار عباس شفقت حسين لانگاهه انجمن الحيدري آصف لاڙڪاڻي وارن سميت مختلف شيعا اڳواڻن نوڙي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي نوحا خواني پڻ ڪئي وئي ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ مختلف چوڪن رستن تي ملي ٿڌي ۽ کير جون سبيلون پڻ لڳايون ويون آن موقعي تي دولت پور پوليس پاران سڪيورٽي سخت ڪئي وئي جڏهن ته لنگر نياز جو پڻ بندوبست ڪيو ويو

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مين روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو تي ڌرڻو هنيو ويوانهي موقعي تي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي خزانچي علي محمد پرويز ميمڻ مرڪزي اڳواڻ ساگر پرهياڙ عوامي تحريڪ ضلعي سجاول جي صدر عزيز ميمڻ جنرل سيڪريٽري نواز ڏيگو سنڌي هاري تحريڪ ضلعي سجاول جي صدر محمد ڏيگو جنرل سيڪريٽري عثمان ٿهيم تعلقي صدر مير ٽڪڙ عبدالرزاق ٻانيڌاڻ عمر ڏيگو مهراڻ ملاح ۽ ايوب ٻانيڌاڻ ۽ ٻين چيو ته امڪاني 28هين ترميم جناح جي پاڪستان تي حملو آهي. هن ترميم وسيلي جناح جي آئيڊيالاجي کي مڪمل طور ختم ڪري سردار پٽيل ۽ جنرل ايوب جي تصور مطابق مرڪزيت پرست رياست قائم ڪئي پئي وڃي هنن چيو ته هڪڙي پاسي ارسا ذريعي پنجاب سرڪار سنڌ جو پاڻي مڪمل طور تي بند ڪيو آهي پنجاب جا ڊيم ڀري ۽ پنجاب جي واهن ۾ پاڻي ڇڏي سنڌ جو پاڻي گهٽايو ويو 1991ع جي ٺاهه موجب سنڌ 60 سيڪڙو کان وڌيڪ پاڻي کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي، مٿان وري جيڪو ٿورو گهڻو پاڻي پهچي ٿو سو حڪومتي وڏيرا قبضو ڪري ويٺا آهن هنن چيو ته پيپلز پارٽي جي وڏيرن زميندارن بند لڳائي يزيد وانگر باقي خلق خدا جو پاڻي مڪمل طور تي بند ڪري ڇڏيو آهي بلوري تعلقي جي شاخن گنج بحر واهه جعفرا واهه محمودا واهه گهاڙي واهه شاهه واهه ۽ ٻين واهن ۾ پاڻي جي شديد کوٽ پيدا ڪئي وئي آهي آبڪلائي جي موسم دوران شاخن ۾ ٻه ڏينهن پاڻي هلائي وري هفتي تائين پاڻي بند ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته پاڻي جو گيج به انتهائي گهٽ رکيو وڃي ٿو ان صورتحال سبب موهڙ وارا زميندار مشينن ذريعي پاڻي کڻي پنهنجي ٻيجاري کي بچائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جنهن ڪري پوڇڙي وارن آبادگارن تائين پاڻي نٿو پهچي ۽ انهن جا پوکيل سارين جا ٻج سڪي تباهه ٿي رهيا آهن،اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪري زراعت کي تباهه ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب هزارين آبادگار ۽ هاري معاشي بدحالي جو شڪار بڻجي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته بلوري تعلقي جي سمورن شاخن ۾ فوري طور تي مڪمل گيج سان پاڻي فراهم ڪيو وڃي ۽ پوڇڙي وارن آبادگارن کي سندن حصي جو پاڻي يقيني بڻايو وڃي.هنن وڌيڪ چيو ته ضلعي سجاول جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ منشيات جو ڪاروبار نوجوان نسل کي تباهي ڏانهن ڌڪي رهيو آهي جڏهن ته بدامني ۽ عورتن تي وڌندڙ تشدد جا واقعا ڳڻتي جوڳا آهن اڳواڻن ڪورواهه پرسان آمنا خاصخيلي جي قتل ۽ ٻن عورتن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي جي سخت مذمت ڪندي جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

وڏيون گاڏيون، مسافر ڪوچون ۽ مال بردار ٽرانسپورٽ گذرندي آهي روڊ سنگل هجڻ سبب ٽريفڪ جو دٻاءُ وڌي ويو آهي ۽ حادثن ۾ به مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي جنهن ڪري عوام کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.هن اسيمبلي ۾ موجود وڏي وزير سنڌ مراد علي شاهه کان مطالبو ڪيو ته عوامي مفاد کي نظر ۾ رکندي ڏگهڙي کان ميرپورخاص روڊ کي ڊبل ڪرڻ واري منصوبي کي ترجيحي بنيادن تي شروع ڪيو وڃي، جيئن ٽريفڪ جا مسئلا گهٽجن، روڊ حادثن تي ضابطو اچي ۽ علائقي جي واپار زرعي ۽ معاشي سرگرمين کي هٿي ملي.ٻئي طرف ڏگهڙي، جهڏو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي عوام صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر پاران سنڌ اسيمبلي ۾ هن اهم عوامي مسئلي کي اجاگر ڪرڻ کي ساراهيندي چيو آهي ته هن پنهنجي تڪ جي عوام جي صحيح نمائندگي ڪئي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته ڏگهڙي - ميرپورخاص روڊ جي توسيع وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي ۽ ان سان لکين ماڻهن کي سڌو سنئون فائدو پهچندو

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

عزا منعقد ٿي مجلس عزا کي علامه مبشر مهدي خطابت ڪئي ٻي پاسي عزا خانو زهره سلام الله عليها ۾ علامه ولي محمد چانڊيو عشري جي مجلس کي خطاب ڪيو مجلس عزا بعد انجمن سفينه اهلبيت جي سرپرست رئيس حبيب خان مري ۽ اڪبر حسين چغدائي جي سرپرستيءَ ۾ مرڪزي ماتمي قافلو برآمد ٿيو جيڪو روايتي رستن ساڻين جي پڙ جمن شاهه جي پڙ علي شاهه جي پڙ حاجي شاهه جي پڙ چانهيين جي پڙ ساڻين جي پڙ مڱڻهارن جي پڙ تان ٿيندو واپس مرڪزي امام بارگاهه وڏي پڙ تي نهر ٿيو ماتمي قافلي ۾ روايتي ڊوٿري پٽ، گرڙن خنجرن ۽ سينه زني جو ماتم ڪيو ويو شهر جي مختلف انجمنن پاران نوحه خوانيون پڻ منعقد ڪيون ويون جڏهن ته اڄ 7 محرم الحرام جي ڏينهن حاجي ڪانڌيرو چانهيون ۽ معشوق علي خاصخيلي ۽ 7 محرم جي ڏينهن ۽ 8 محرم جي رات رئيس عاشق حسين مري، ڏٺي بخش چانهيون سيد اسماعيل شاهه غلام عباس بوزدار منظور ڪوري، محمد هاشم لوهار شوڪت علي چانهيون اصغر پنجابي، آصف علي مري، ممتاز علي خاصخيلي اعجاز علي خاصخيلي اعجاز علي صبح پوٽو وسيم خاصخيلي اريس علي مري، حاجي احمد علي چاڪراڻي مظفر علي چانهيون سيد والين عباس شاهه زاهد علي خاصخيلي طاها عباس هاشمي راڄا خاصخيلي پاران ذوالجناح برآمد ڪرڻ سميت مختلف ماتمداريون ڪيون وينديون ان حوالي سان انتظاميه پاران سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا ويا آهن جڏهن ته مختلف تنظيمن جا رضاڪار پڻ پنهنجيون ذميواريون نڀائي رهيا آهن

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

شفيق ڪوڪر نديم ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ يوسي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازيون موقعي تي احتجاج ڪندڙن ڳالهائيندي چيو ته نااهل يوسي سمي جو چيئرمين ميان مٺل پيرزادو يوسي سمي ۾ ڪي به ترقياتي ڪم نه ڪرايا آهن ۾ سمي شهر جي نالين جي صفائي نه ٿيڻ سبب نالين جو گندو پاڻي گهرن ۽ گهٽين ۾ تلائن جي صورت ۾ بيٺل هئڻ ڪري رهواسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن نااهل يوسي چيئرمين ميان مٺل پيرزادو هر مهيني ڏهن لکن کان وڌيڪ اينڊڙ بجيٽ ڪٽي ٿو استعمال ڪري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته يوسي سمي ۾ ملازم به ناهن ۾ يوسي چيئرمين ڪاغذي خانه پوري ڪري يوسي جي هر مهيني اينڊڙ بجيٽ هڙپ ڪري رهيو آهي هن محرم الحرام ۾ به نه صفائي ڪرائي آهي نه ئي ماتمي روڊن ۽ امام بارگاهن تي لائيٽنگ جو بندوبست ڪيو ويو آهي جنهن سبب عزادارن کي ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي نااهل يوسي چيئرمين جي ڪيل ڪرپشن جي جاچ شروع ڪري سندس خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سمي شهر ۾ نالين جي صفائي ڪرائي بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

چڪاسڻ بعد کين مفت دوائون فراهم ڪيون ۽ نظر کان چشمان پڻ ڏنا آن موقعي تي سگا شاخ دولت پور جي صدر جام جاويد اڻ حافظ غلام رسول آرائين وحيد ڪوڪر محمد فرياد جٽ محمد فيصل ڪوڪر محمد رمضان محمد حفيظ محمد اسلم محمد سليمان چيئرمين شاهد اقبال آرائين صحافي فيض فريد ڪوڪر شرڪت ڪئي ۽ ڪيئمپ جو دؤرو ڪيو ۽ سگا شاخ دولت پور جي ٽيم کي ساراهيو جڏهن ته ڊاڪٽرن پاران 500 کان وڌيڪ مريضن کي مفت چڪاسڻ بعد کين دوائون پڻ ڏنيون

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

گهارو ٿاڻي تي سرڪار جي مدعيت هيٺ داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ گذريل رات پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڏوهاري بلوچستان جي اوستا محمد واري علائقي جي رهواسي جوابدار حضور بخش عرف رضوان ابڙو ۽ سندس فرار ٿيل ٻن ساٿي جوابدارن سبي واسي بنگل مغيري ۽ بلوچستان جي باغ ناڙي واري علائقي جي رهواسي ڪفايت الله عرف چوڪو بليدي کي مُک جوابدار نامزد ڪيو ويو ڪيس ۾ جوابدارن جي سهولتڪاري ڪري کين پناهه ڏيڻ جي الزام هيٺ گهارو ويجهو ٻاٻڙا پرسان زميندارَي ڪندڙ بلوچستان جي اوستامحمد واري علائقي سان تعلق رکندڙ بااثر شخصيت نظير بروهي کي پڻ نامزد ڪيو ويو پوليس پاران داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته مذڪوره هٿياربند ڏوهارين کي نظير بروهي پنهنجي زمين تي رهائي سندن پشت پناهي ڪندو رهي ٿو ۽ سندن سهولتڪار بڻيل آهي

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

ڪيو ان موقعي تي مسمات نيامت، مسمات رضيه مسمات حوا خاصخيلي عمر خاصخيلي،علي نواز خاصخيلي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته آمنه کي قتل ڪندڙ جوابدار امير بخش علي گل علي حسن حسين ۽ نظيران هم صلاح ٿي شهرو کي گهران نڪرڻ جي سهولتڪاري جي الزام ۾ بيگناهه قتل ڪيو ويو ۽ روزينه ۽ شهرو کي زخمي ڪيو آهي،پوليس مبينا ڳري رقم وٺي هڪ جوابدار حسين خاصخيلي کان اعترافي بيان ڏياري هڪ ئي جوابدار تي ڪيس داخل ڪري ٻين جوابدارن کي بچايو ويو آهي ۽ گرفتار مڪ جوابدار علي گل کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي جيڪو اسانکي مارڻ لاءِ تاڙ ۾ آهي،ڪيڏي مهل به ڪو وڏو واقعو پيش اچي سگهي ٿو جنهن جي ذميوار ڪورواهه پوليس ٿي آهي،هنن چيو ته اسپتال ۾ داخل روزينه ۽ شهرو به جوابدارن جي چنبي ۾ آهن جيڪي حراس ۾ آهن شهرو يتيم آهي ۽ روزينه کي سندس ماءُ پيءُ کي گڏ رهڻ نٿو ڏنو وڃي، زخمي عورتن کان مرضي جا بيان ڏياري ڪيس لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي،هنن مطالبو ڪيو ته شفاف جاچ ڪرائي اصل جوابدارن تي ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪري آمنه جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

اجتماعي جنازي نماز انتهائي ڏک ۽ غم واري ماحول ۾ ادا ڪئي وئي. علائقي جي فضا سوڳوار رهي، جڏهن ته سوين شهرين، وارثن دوست احباب ۽ علائقي واسين جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي. گذريل ڏهاڙي امام بارگاهه ۾ اسٽيل جو علم پاڪ نصب ڪرڻ دوران علم 11 هزار وولٽ جي هاءِ ٽينشن بجلي جي تارن سان ٽڪرائجي ويو جنهن سبب ڪرنٽ پکڙجي ويو. حادثي جي نتيجي ۾ 8 عزادار فوت ٿي ويا، جڏهن ته 15 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي ٿي پيا. فوت ٿي ويل هدايت الله لولائي عبدالوحيد لولائي خالد حسين لولائي زاهد لولائي، شفيق احمد لولائي دين محمد لولائي، ارباب لولائي ۽ محمد حسن عرف حسنو سولنگي جي اجتماعي جنازي نماز عبدالمجيد بهشتي جي امامت ۾ ادا ڪئي وئي جڏهن ته جنازي نماز کان پوءِ مرحومن جي تدفين مقامي قبرستان ۾ ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ ضلعي ڪائونسل چيئرمين ذوالفقار خان ڪماريو ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم ملڪ سميت شيعه علماءِ ڪائونسل ۽ مجلس وحدت المسلمين جي اڳواڻن اصغر سيٺار علي محمد ٻرڙو سميت مختلف سماجي ۽ مذهبي شخصيتن شرڪت ڪئي ۽ متاثر خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪيو.

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪئي وئي خودڪشي جو ڪارڻ معلوم ٿي نه سگهيو جڏهن ته واقعي بابت پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو آهي هن ايس ايس پي دادو سيشن جج دادو ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

بچي سگهن ۽ علائقي ۾ امن بحال ٿي سگهي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

گرفتار جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن گرفتار ڌاڙيلن جو ڏوهاري رڪارڊ خيرپور سميت ٻين ضلعن مان پڻ معلوم ڪيو پيو وڃي.ٻي طرف ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي طرفان پوليس ٽيم کي شاباشي جو پيغام ڏنو ويو

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

واري علائقي واسي سنڌو درياهه ۾ وهنجڻ ۽ ننڍي عمر جا ڇوڪرا 15 ورهين جو علي حسن ميراڻي ۽ 13 ورهين جو ذوهيب علي ميراڻي، گهري پاڻي ۾ وڃڻ سبب ٻڏڻ لڳا. پاڪستان نيوي جي ريسڪيو ٽيم تڙت ڪارروائي ڪندي ٻنهي ٻارن کي بچائي ورتو ريسڪيو ڪيل ٻنهي ڄڻن کي ابتدائي طبي امداد ۽ ضروري طبي معائني کان پوءِ سندن وارثن حوالي ڪيو ويو. علائقي واسين ۽ متاثر خاندانن پاڪستان نيوي جي بروقت، اثرائتي ۽ پيشهورانه ڪارروائي کي ساراهيندي ريسڪيو اهلڪارن جي فرض شناسي مهارت ۽ انساني جانين جي تحفظ لاءِ جذبي جي واکاڻ ڪئي پاڪستان نيوي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته درياهن واهن ۽ ٻين آبي هنڌن تي وهنجڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪن ۽ گهري پاڻي يا تيز وهڪري وارن علائقن ۾ وڃڻ کان پاسو ڪن ته جيئن ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کان بچي سگهجي سکر جي يوسي 9 جو سيڪريٽري روڊ حادثي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

جلوسن جي گذرگاهن تي صفائي سٿرائي پاڻي ۽ اسٽريٽ لائيٽ جا ڪي به قدم ناهن کنيا، هنن چيو ته سجاول ضلع جون 4 ٽائون ڪميٽين ۽ 37 يونين ڪائونسلن جي انتظاميا طرفان محرم الحرام جي حوالي سان خصوصي انتظام ڪيا ويا آهن پر واحد دڙو ٽائون ڪميٽي آهي جتي عزادارن کي ڪابه سهولت ميسر ناهي، هنن ٽائون انتظاميا کي خبردار ڪندي چتاءُ ڏنو آهي ته سمورا مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ اڄ پڻ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

ايم اين سيد جاويد علي شاهه جيلاني، ريجنل يونين آف جرنلسٽس سنڌ جي صدر غلام عباس پنهور اتر سنڌ جي صدر خان محمد خان سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور شاهنواز ڪلهوڙي ۽ ٻين مرحوم لال بخش منگي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

روڊ تان مجلس عزا بعد ماتمي جلوس صدر سيد عنايت علي شاهه نائب صدر غلام شبير شاهه جنرل سيڪريٽري سيد مظهر علي شاهه جي قيادت ۾ برآمد ٿيو هوڏانهن شاهه جو مجلس عزا بعد ماتمي جلوس حسيني امام بارگاهه کان سردار غلام نبي شاهاڻي جي قيادت ۾ برآمد ٿيو ۽ مولا غازي عباس جي علم پاڪ جو ماتمي جلوس سيد فداحسين ڪاظمي جي اڳواڻي ۾ مرڪزي امام بارگاهه حيدري مارڪيٽ روڊ تان برآمد ٿيو ماتمي جلوس علم پاڪ ذوالجناح سان مومن عزادارن ماتم حسين جا جلوس ڪڍي پرسو ڏنو ماتمي جلوسن ۾ عزادارن جي وڏي انگ شرڪت ڪري پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو ماتمي جلوسن ۾ انتهائي سخت سڪيورٽي جا انتظام پڻ ٿيل نظر آيا ۽ ميونسپل ڪاميٽي دادو چيئرمين پير دانش علي طرفان صفائي جو پڻ بندوبست ٿيل نظر آيو جڏهن ته عورتن جو ماتم ۽ مجلس عزا جو سلسلو روزاني بنياد تي جاري آهي علم سينگارڻ جا شوق وڌي ويا آهن

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

ٿيا ڪيٽي ڪوٽ چانڊڪا کان نڪتل ماتمي جلوس پنهنجي روايتي رستن سوهوديرو نواڙو ونگ شريف، سڳيون سٽي کان ٿيندو امام بارگاهه شاهه نجف تي پهتو جلوس جي رستن تي ٿڌي پاڻيءَ جي سبيلن ۽ پاڻي جي ڇڙڪاءُ جو بندوبست ڪيو ويو هو عزادارن چاقن زنجيرن ، ڪرڙن ۽ تلوارن سان ضرب جو ماتم ڪري ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي ماتمي عزادارن جي مرهم پٽي جا پڻ جوڳا انتظام ٿيل هئا جلوس جي سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا سيڪيورٽي جا فرائض جي ايس او يونٽ لاريب مصطفي جي ايس او يونٽ رسول بخش هيسباڻي ۽ پوليس جي جوانن سرانجام ڏنا پروگرام جي اختتام تي دعائي الخير ٿي لنگر نياز تقسيم ڪيو ويو

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

بارگاهن ۽ جلوسن جي روٽن جا دورا ڪري انتظامن جو جائزو ورتو آهي جڏهن ته بلديا طرفان سمورا انتظام پورا ڪيا ويا آهن هن چيو ته ميونسپل ڪميٽي طرفان ماتمي جلوسن جي گذر گاهن تي لائيٽنگ ، صفائي سٿرائي رکڻ سان گڏ بجلي وڃڻ جي صورت ۾ هيوي جنريٽر پڻ لڳايو ويندو جيئن محرم الحرام جي ڏهاڙن ۾ عزادارن کي ڪا به تڪليف نه پهچي هن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ جلوسن جي گذرگاهن تي موجود حدخلين کي پڻ هٽايو ويو آهي اسان جو عملو ماتمي جلوسن سان گڏ هوندو ۽ انشاءالله خير خيريت سان محرم الحرام جا ڏهاڙا گذري ويندا ان موقعي تي سي ايم او عابد ولي ڪوسو، وائس چيئرمين سليم جاني خانزادو ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ هئا

اطلاع عام

پاران منقولهخرم خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نواب خان شناختي ڪارڊ نمبر 4220119508113 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. خرم خان (پٽ) 2. نعيمه (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد عمران /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد شان شناختي ڪارڊ نمبر 3840336997215 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ريحانه ياسمين (ڀيڻ) 2. محمد عمران (ڀاءُ) 3. محمد احسان (ڀاءُ) 4. ڪرن شهزادي (ڀيڻ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
SHAHEEN COMPLEX
SARGODHA

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد عاطف /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شميم بانو شناختي ڪارڊ نمبر 4240173382414 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حناء شبير (ڌيءَ) 2. محمد ڪاشف مبشر (پٽ) 3. محمد عاطف (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
DSFU KARACHI CENTRAL
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهگلزار بي بي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم رفيق مسيح شناختي ڪارڊ نمبر 4250115639175 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. تنوير مسيح (پٽ) 2. گلزار بي بي (زوج) 3. سوبينه (ڌيءَ) 4. رميز مسيح (پٽ) 5. فريحه (ڌيءَ) 6. رضوان مسيح (پٽ) 7. نعمان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهبخش علي جونيجو /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم رحيم بخش جونيجو شناختي ڪارڊ نمبر 4520369870463 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. صائمه خاتون (ڌيءَ) 2. امينه (ڌيءَ) 3. حميران (ڌيءَ) 4. عشرت بانو (ڌيءَ) 5. غلام بانو (ڌيءَ) 6. عصمت بانو (ڌيءَ) 7. عبدالحڪيم (پٽ) 8. بخش علي جونيجو (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
KHAIRPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهفضه فاطمه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيد راشد علي شناختي ڪارڊ نمبر 4210114082121 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فضه فاطمه (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
DSFU KARACHI CENTRAL
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهاقبال احمد سڏايو /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبداللطيف سڏايو شناختي ڪارڊ نمبر 4330476836269 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. احسان احمد سڏايو (پٽ) 2. حليمان خاتون (ڌيءَ) 3. شمشاد خاتون (ڌيءَ) 4. اقبال احمد سڏايو (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
SHIKARPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهذهابيه ڪوٽه والا /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالحسن مانڊوي والا شناختي ڪارڊ نمبر 4220103974597 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ذهابيه ڪوٽه والا (ڌيءَ) 2. سڪينه عبدالحسن (زوج) 3. اميمه عمار ڪوٽه والا (ڌيءَ) 4. مرتضىٰ مانڊوي والا (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهياسين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم وزير شناختي ڪارڊ نمبر 4510343335029 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ياسين (پٽ) 2. دادن (پٽ) 3. اسران خاتون (ڌيءَ) 4. ڪرمه خاتون (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
GHOTKI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسليم حسين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مسمات منظور بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4310226320422 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سليم حسين (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
JOCCOABBAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهحشام بن منير /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد منير شناختي ڪارڊ نمبر 3630204129153 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ميمونه منير (زوج) 2. حشام بن منير (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
DSFU ABBOTROAD
LAHORE

اطلاع عام

پاران منقولهغلام حيدر /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم لعل بخش شناختي ڪارڊ نمبر 4320313656115 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فتح محمد (پٽ) 2. غلام حيدر (پٽ) 3. اصغر علي (پٽ) 4. رضيه خاتون (ڌيءَ) 5. ريحانه گل (ڌيءَ) 6. ثمرين (ڌيءَ) 7. سجاد علي شيخ (پٽ) 8. زينت خاتون (ڌيءَ) 9. نظيران (ڌيءَ) 10. نجمه (ڌيءَ) 11. فرزانه (ڌيءَ) 12. دريا خان شيخ (پٽ) 13. جميلا خاتون (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
LARKANA ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهامتياز احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم اعجاز احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4200033887885 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ممتاز احمد (ڀاءُ) 2. رفعت سلطانه (ڀيڻ) 3. امتياز احمد (ڀاءُ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
BIG CENTER EAST ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشڪيل زبير /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم زبير احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4250113836847 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. اسماء زبير (ڌيءَ) 2. وجيهه النساء (زوج) 3. ياسمين شاهد (ڌيءَ) 4. تشڪيل زبير (پٽ) 5. شڪيل زبير (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
BIG CENTER EAST ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهثروت جبين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حسب النساء شناختي ڪارڊ نمبر 4210148870504 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مسرت جبين (ڌيءَ) 2. محمد سيف الحق (پٽ) 3. ثروت جبين (ڌيءَ) 4. محمد حبيب الحق (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
PHQ KARACHI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهغلام نبي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حسين بخش شناختي ڪارڊ نمبر 4110257988217 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سوني (زوج) 2. نازيه (ڌيءَ) 3. غلام نبي (پٽ) 4. لطف علي (پٽ) 5. زاهدان (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
BADIN ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهخالد مسيح /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ايگنس خالد شناختي ڪارڊ نمبر 4250147269626 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. خالد مسيح (زوج) 2. وقاص فارس (پٽ) 3. زرش خالد (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعلي حمزه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم رستم پرويز اعوان شناختي ڪارڊ نمبر 4220198769035 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سلمىٰ فردوس (زوج) 2. سعيده ڪلثوم (ڌيءَ) 3. مديحه ڪلثوم (ڌيءَ) 4. علي حمزه (پٽ) 5. خديجه ڪلثوم (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهريحان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مشابدين شناختي ڪارڊ نمبر 4240149053431 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. لعل دوره بي بي (ماءُ) 2. علينه (ڌيءَ) 3. مشابده بي بي (زوج) 4. نهاده بي بي (ڌيءَ) 5. فائزه (ڌيءَ) 6. اسماء (ڌيءَ) 7. شبانه (ڌيءَ) 8. ريحان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
MEGA , SEIMENS
CHOWRANGI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمدپرويزحسين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فضل بي بي شناختي ڪارڊ نمبر 4130441176640 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شاهده (ڌيءَ) 2. ڪشورسلطانه (ڌيءَ) 3. محمدپرويزحسين (پٽ) 4. منور حسين (پٽ) 5. غلام حسين (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
BIG NRC HYDERABAD
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهڪمال عرفان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم برجيس عرفان شناختي ڪارڊ نمبر 4220102846812 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ڪمال عرفان (پٽ) 2. ثمينه سعود پاشا (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهفرحان الله /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيف الله شناختي ڪارڊ نمبر 1420227457523 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ذبيح الله (ڀاءُ) 2. نصرت فاطمه (ڀيڻ) 3. بماٿل اختر (زوج) 4. فرحان الله (ڀاءُ) 5. فريال گل (ڀيڻ) 6. مجيدالله (ڀاءُ) 7. عصمت بي بي (ماءُ) 8. نازيه ثناء (ڀيڻ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
KARAK ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهانور ڪمال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سردار بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4220129858164 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ممتاز بيگم (ڌيءَ) 2. انور ڪمال (پٽ) 3. پروين حنيف (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهباغ علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم راڻي شناختي ڪارڊ نمبر 4130422354122 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. باغ علي (ڀاءُ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
BIG NRC HYDERABAD
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهگل حسن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سلطان مهر شناختي ڪارڊ نمبر 4510409934667 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سمون خان (پٽ) 2. حياتان خاتون (زوج) 3. غلام رسول (پٽ) 4. ماني شريفان (ڌيءَ) 5. ماني سليمي (ڌيءَ) 6. ماني ملوڪان (ڌيءَ) 7. گل حسن (پٽ) 8. نعمت (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
MIRPUR MATHELO

اطلاع عام

پاران منقولهشمائله /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم انيله شناختي ڪارڊ نمبر 4130291883676 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. بينش (ڀيڻ) 2. راحيله (ڀيڻ) 3. بشرىٰ (ڀيڻ) 4. شمائله (ڀيڻ) 5. دانش علي (ڀاءُ) 6. نبيله فاطمه (ڀيڻ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
STATE LIFE BUILDING
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهزين العابدين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم علي نٿو راجپر شناختي ڪارڊ نمبر 4520153757913 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. زين العابدين (پٽ) 2. خير النساء (زوج) 3. سورث (ڌيءَ) 4. احمد خان (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
KHAIRPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمنيب احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم منصور احمد موتي شناختي ڪارڊ نمبر 4230170714583 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مصطفىٰ احمد (پٽ) 2. عائشه منصور (زوج) 3. منيب احمد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
NRC EPO KARACHI
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسرتاج احمد سيلرو /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم احمد علي شناختي ڪارڊ نمبر 4320699298563 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. خير محمد (پٽ) 2. سرتاج احمد سيلرو (پٽ) 3. شبنم (ڌيءَ) 4. رخسانه سيلرو (ڌيءَ) 5. عابده پروين (ڌيءَ) 6. سرفراز احمد سيلرو (پٽ) 7. سارنگ علي (پٽ) 8. جنيد احمد (پٽ) 9. ناظم علي (پٽ) 10. زيب النساء (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
SHAHDAD KOT

اطلاع عام

پاران منقولهنثار احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم غلام رسول شناختي ڪارڊ نمبر 4420547209209 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ولي محمد (پٽ) 2. رحيمان (زوج) 3. مسمات صحت (ڌيءَ) 4. لال خاتون (ڌيءَ) 5. حفيظان (ڌيءَ) 6. علي گل (پٽ) 7. فرزانه (ڌيءَ) 8. وقار احمد (پٽ) 9. نثار احمد (پٽ) 10. مسمات پروين (ڌيءَ) 11. آمنه (ڌيءَ) 12. علي محمد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
SINJHORO ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعابد علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم معشوق علي شناختي ڪارڊ نمبر 4520772754577 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. واجد علي (پٽ) 2. ڪلثوم بيگم (ڌيءَ) 3. ساجدعلي ملاح (پٽ) 4. غلام فريده ملاح (زوج) 5. عابد علي (پٽ) 6. راشد علي (پٽ) 7. تبسم ناز (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
KHAIRPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهنرگس بانو /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالجبار شناختي ڪارڊ نمبر 4230108012397 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نرگس بانو (زوج) 2. بي بي مريم (ڌيءَ) 3. عبدال آذان (پٽ) 4. عبدالقيوم (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهناصر خان لودهي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عظمت خان لودهي شناختي ڪارڊ نمبر 4240115459867 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. غوثيه خرم (ڌيءَ) 2. غزاله حفيظ (ڌيءَ) 3. ناصره بيگم (ڌيءَ) 4. فوزيه يوسف (ڌيءَ) 5. شائسته عليم (ڌيءَ) 6. عامر خان لودهي (پٽ) 7. حامد خان لودهي (پٽ) 8. ناصر خان لودهي (پٽ) 9. طاهره بيگم (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
LIAQATABAD-KHI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد طلحه طاهر /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيماطاهر شناختي ڪارڊ نمبر 4220127052202 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ثناء طاهر (ڌيءَ) 2. عائشه علي (ڌيءَ) 3. محمد صهيب طاهر (پٽ) 4. محمد طاهر جانگڙه (زوج) 5. محمد طلحه طاهر (پٽ) 6. حاجي جان محمدطيب (پيءُ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهحسن علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم زيتون شناختي ڪارڊ نمبر 4210178518814 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حسن علي (پٽ) 2. راحيله (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
MEGA , NORTH NAZIMABAD
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهملڪ لاکاڻي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمود لاکاڻي شناختي ڪارڊ نمبر 4220148246773 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شيلا لاکاڻي (ڌيءَ) 2. ملڪ لاکاڻي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
NRC EPO KARACHI
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهالله دته /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم رحمت علي شناختي ڪارڊ نمبر 4530424315665 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. زرينه (ڌيءَ) 2. خورشيده بي بي (زوج) 3. الله دته (پٽ) 4. صوفيه (ڌيءَ) 5. اصغر علي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
NOSHEROFEROZ ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهڪمال الدين ڪبريو /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مسمات الله بچائي شناختي ڪارڊ نمبر 4520748584662 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مسمات ريحانه خاتون (ڌيءَ) 2. غلام نبي (پٽ) 3. شاهيده (ڌيءَ) 4. حرمت (ڌيءَ) 5. فهميده (ڌيءَ) 6. ڪمال الدين ڪبريو (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
KHAIRPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسيد عزير احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شمع يوسفي شناختي ڪارڊ نمبر 4550485980490 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيد عزير احمد (پٽ) 2. انيقه نثار (ڌيءَ) 3. طوبىٰ نثار (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
SUKKUR CITY ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسلمان علي خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نديم شناختي ڪارڊ نمبر 4210118752239 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سلمان علي خان (پٽ) 2. زاهده نديم (زوج) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
NRC EPO KARACHI
ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهنصير احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم صاحب خاتون شناختي ڪارڊ نمبر 4350307050296 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. وجيا بيگم (ڌيءَ) 2. بشير احمد (پٽ) 3. ثريا خاتون (ڌيءَ) 4. عزيزالله (پٽ) 5. شفيم خاتون (ڌيءَ) 6. وزير احمد (پٽ) 7. نصير احمد (پٽ) 8. نذيراحمد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
KANDHKOT ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعلي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد ايوب ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4540220976747 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. بلال ميمڻ (پٽ) 2. ريشم محمد علي (ڌيءَ) 3. سلمىٰ عرف شهزادي (زوج) 4. علي (پٽ) 5. سوبني اويس (ڌيءَ) 6. شان ميمڻ (پٽ) 7. فضا (ڌيءَ) 8. سحر انجم ميمڻ (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
EXECUTIVE SHAHEED
BANIZERABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهڪمال عرفان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عرفان الحق شناختي ڪارڊ نمبر 4220103122469 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ڪمال عرفان (پٽ) 2. ثميله سعود پاشا (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهجونيل يعقوب /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم يعقوب مسيح شناختي ڪارڊ نمبر 4220190003705 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. جونيل يعقوب (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد جنيد اقبال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد اقبال شناختي ڪارڊ نمبر 4240193390295 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد شعيب اقبال (پٽ) 2. زليخا بي بي (زوج) 3. فرحين اقبال (ڌيءَ) 4. محمد جنيد اقبال (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
MEGA , SEIMENS
CHOWRANGI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد طيب /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم امير افسر شناختي ڪارڊ نمبر 4230109405959 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نگهت سيما (زوج) 2. عائشه رفعت (ڌيءَ) 3. محمد طيب (پٽ) 4. محمد سديس (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشهناز /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم پروز ٻٿواني شناختي ڪارڊ نمبر 4510138971859 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شهناز (زوج) 2. شمائله (ڌيءَ) 3. شهباز علي (پٽ) 4. گلشن (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
SUKKUR-1 ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمداظلال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سنجيله شناختي ڪارڊ نمبر 4230185470090 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد نعيم (زوج) 2. محمداظلال (پٽ) 3. محمدمعيز ڀوجاڻي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهاشرف خاتون /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم پناڻي شناختي ڪارڊ نمبر 4310322793226 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عبدالهادي (پٽ) 2. اشرف خاتون (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۾ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA
KANDHKOT ONEAPP

URAAN PAKISTAN
PID(I)10290/25

خيرپور ۽ پرياسي بدامني چوٽ چڙهيل، هٿيارٻندن جي دڪان تي چڙهائي، لکين رپين جي ڦرلٽ

پريالو شهر ۾ ٽن هٿياربند جوابدارن راجيش ڪمار جي دڪان تي چڙهائي ڪري يرغمال بڻايو

هٿياربند25 لک رپيا روڪ رقم، موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا

شاهي بازار جي واپارين پاران وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪندي جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو

سکر: عباسي برادري جا ماڻهو تحفظ جي فراهمي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان پريالو شهر ۾ هڪ موبائل فون جي دڪان تي هٿياربند ڌاڙيلن واردات ڪري لکين رپين جو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا تفصيل موجب پريالو شهر مان ٽي هٿياربند جوابدارن راجيش ڪمار جي دڪان ۾ داخل ٿي 25 لک رپيا روڪ رقم موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سڳيون: ڪنهيي پر ماتم ۾ زخمين جو علاج ڪيو پيو وڃي

پنوعاقل ۾ بائيجي ۾ ڊاڪٽرن تي حملي خلاف شهرين جي احتجاجي ريلي

پنوعاقل(ن ع) پني عاقل ۾ بائيجي ٿاڻي جي حد ۾ ڊاڪٽرن تي حملي خلاف شهرين جي ريلي احساس خلق فائونڊيشن، قائد عوام فائونڊيشن ۽ سول سوسائٽي طرفان عيد گاهه کان سينيما ٿائين ريلي ڊاڪٽر عبدالسميع ۽ ڊاڪٽر عبدالعليم ميراڻي تي حملو ڪندڙن کي گرفتار ڪيو وڃي: نجيب الله ميراڻي، ناصر حسين، وڪيل مقصود سماٽو ۽ ٻين جو مطالبو

خيرپور ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب پوليس اهلڪار فوت، گهر ۾ ڪهرام

اهلڪار نوجوان بابر آريجو گهر جي بجلي ٺاهيندي ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

نوجوان جي لاش کي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اي ون سٽي جو رهواسي پوليس اهلڪار نوجوان بابر آريجو جيڪو گهر جي بجلي ٺاهي رهيو هو ته اوچتو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو آهي لاش سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

خيرپور ۾ ايل پي جي گيس بليڪ تي وڪرو ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج

شهرين شاهنواز ڪلهوڙو، اسد الله ناريجو نويد عباسي، عامر عباسي ۽ ٻين احتجاج

ٺهرادو اگهه مقرر ڪري ايل پي جي گيس وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ ايل پي جي گيس بليڪ تي وڪڻو ٿيڻ لڳي ان سلسلي ۾ ايوان صحافت خيرپور آفيس اڳيان خيرپور جي شهرين شاهنواز ڪلهوڙو، اسد الله ناريجو نويد عباسي، عامر عباسي، احسان الله پنهور، وزير ٽانوري ۽ ٻين احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته ايل پي جي گيس جي سرڪاري ريٽ308 روپيا في ڪلو آهي پر دڪاندار بليڪ تي500 روپيه في ڪلو وڪرو ڪرڻ لڳا آهن شهرين ڪمشنر سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کان مطالبو ڪيو ته خيرپور جي دڪانن تي ٺهرادو اگهه مقرر ڪري ايل پي جي گيس وڪرو ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

سکر پوليس پاران ڌار ڌار ٻن مقابلن ۾ ٻن زخمي ڌاڙيلن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جعفرآباد لنڪ روڊ ويجهو واردات جي ارادي سان بيٺلن ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني: پوليس

جوابي فائرنگ ۾ نصرالله ميراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو سندس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا

اسلام آباد ٽڪري پرسان فائرنگ جي ڏي وٺ بعد ياسين ميراڻي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس ڌار ڌار ڪارروايون دوران پوليس مقابلن ۾ ٻن زخمي ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتا، جڏهن ته سندن ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سکر پوليس جي ترجمان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: ڪوٽڙي جي رهواسڻ پنهنجي مڙس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

خيرپور ۾ کُليل گٽر ۾ نينگري ڪرڻ جو سي ايم او نوٽيس ورتو، انچارج معطل

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي اوستاگاهي واري علائقي ۾ ٻه ڏينهن اڳ رات جو کُليل گٽر ۾ نينگري ڪرڻ واري واقعي جو سي ايم او خيرپور نوٽيس ورتو انچارج معطل چيف ميونسپل آفيسر خيرپور پاران لاپرواهي ۽ غفلت ڪرڻ تي زون ون جي انچارج کي معطل ڪري ڇڏيو جڏهن ته سندس جاءِ تي ڪاشف علي کي انچارج مقرر ڪري ڇڏيو آهي اوستاگاهي ۾ گٽر تي ڍڪ موجود نه

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

دوڙ مان سوچي برادري جي ڇوڪري مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج

عثمان ڪالوني واسين اجو مل، مسمات پناٿي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثر 13 ورهين جي ونده سوچي کي اغوا ڪري ويو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

دوڙ(ن ع) دوڙشهر مان سوچي(هندو) برادري جي نوجوان 13سالن جي ڇوڪري اغوائي وڃڻ تي سوچي برادرين جي ماڻهن مردن ٻارن ٻچن جو دوڙ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڌرڻو جويدارخلاف سخت نعريبازي خبر موجب دوڙ شهرجي عثمان ڪالوني جي رهواسي سوچي برداري جا ماڻهون اجو مل سوچي مسمات پناٿي سوچي برجومل سوچي پپوسوچي پنهون سوچي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ دوڙ پريس ڪلب اڳيا احتجاجي مظاهرو ڪري چيو ته اسان جي13 سالن جي نو جوان ڇوڪري ونده سوچي کي سلماڻ پناڻ اغوا ڪيو آهي جنهن کي دوڙ پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري دوڙ ٿاڻي وٺي آئي آهي معاشرين الزام هڻندي چيو ته دوڙ پوليس جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي پرانهن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي هئڻ چيو ته جويدار

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو5

سڳيون: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽاڻو بولا خان تعلقي ۾ منشيات سرعام وڪرو ٿيڻ لڳي، نوجوان نسل تباهه، پوليس تماشائي بڻيل

شهر سميت سري، ٿماچ، ڪاپٽ، ٿاڻواحمدخان، هيڪاڻي، مول ۽ ٻين هنڌن تي منشيات جا اڏا قائم

منشيات جا عادي موالي نشي جاپئسا نه هجڻ سبب چوريون ڪرڻ لڳا، عوام آزار ۾ اچي ويو

سجاڳ ڌرين پاران شهرن ۽ ڳوٺن ۾ منشيات جو سرعام وڪرو بند ڪرائڻ ۽ پوليس عملو تبديل ڪرڻ جو مطالبو

سري (رپورٽ: درگا داس شرما) ڪوهستان جي تعلقي ٿاڻوبولاخان سميت سري، ٿماچ، ڪاپٽ، ٿاڻواحمدخان، هيڪاڻي، گل شاهه مول اسٽاف، مول شريف ۽ ٻين ڏورانهن وارن علائقن ۾ گهرن هوٽلن پان جي ساندٽين

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو5

عمرڪوٽ ۾ ڪانسٽيبل جي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن جو آفر آرڊر لاءِ احتجاج

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بئنر کڻي مظاهرو ڪري مين روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا

غير ضروري دير سبب ڪيترائي اميدوار ذهني دٻاءُ ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن:مظاهرين

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ٿرپارڪر SPD01 پوليس ڪانسٽيبل جي نوڪري لاءِ فزيڪل ٽيسٽ، لکت واري امتحان ۽ انٽرويو وارا ٽئي مرحلا ڪاميابي سان مڪمل ڪندڙ اميدوارن کي هڪ سال کان آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف اميدوارن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بئنر کڻي الله والا چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري مين روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿي احتجاج ڪندڙ نوجوانن رجب منگريو غلام مرتضيٰ پلي، محمد آدم مهر وقاص ڪنيس راحيل طاهر آرائين جمال چوهاڻ مرتضيٰ منگريو ۽ ٻين چيو ته

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5

عمرڪوٽ ۽ ڪنري ۾ شهيد راڻي جي 73 هين سالگره سادگي سان ملهايو ويون

عمرڪوٽ (ڊ ر)عمرڪوٽ ۽ ڪنري ۾ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 73 هين سالگره جون تقريبون محرم جي ڪري سادگي سان ملهايو ويون جنهن ۾ قرآن خواني ڪري دعا گهري ۽ نياز خيرات ورهائي وئي ڪنري ۾ ٿاڻون صدر مهر غلام مصطفيٰ آرائين طرفان مهر هائوس تي ۽ عمرڪوٽ ۾ ضلعي سيڪٽر نائب صدر برهان ڪنبر طرفان تقريبون

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو5

سکر ۾ ڳوٺاڻي جو مبينا قبرستان تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) قبرستان جي زمين تي مبينا قبضي خلاف ڳوٺ پرڪڻ جي رهواسي فتح علي ڪاڪڙ پاران سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.احتجاج دوران فتح علي ڪاڪڙ ٻڌايو ته ناڪي چنگي قبرستان نالي قديمي قبرستان تي علائقي جي بااثر ماڻهن جن ۾ عبدالغفار ميو سرفراز ۽ ٻيا شامل آهن غير قانوني قبضو ڪري رکيو آهي. هن الزام هنيو ته قبرستان پرسان موجود

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: پي ايف يو جي جو جنرل سيڪريٽري شڪيل احمد خطاب ڪري رهيو آهي

مير طارق ٽالپر جو سنڌ اسيمبلي اجلاس ۾ ڏگهڙي-ميرپورخاص روڊ ڊبل ڪرڻ جو مطالبو

سنگل روڊ سبب ٽريفڪ دٻاءُ ۽ حادثن ۾ واڌ پئي ٿي، عوام کي سخت مشڪلاتون آهن

ڏگهڙي، جهڏو ۽ پرياسي جي علائقن ۾ عوام پاران وزير جي موقف جي ڀرپور ساراهه

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي سان تعلق رکندڙ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر سنڌ اسيمبلي جي بجيٽ اجلاس دوران ڏگهڙي کان ميرپورخاص روڊ کي فوري طور ڊبل ڪرڻ جو زوردار مطالبو ڪيو ۽ ان کي علائقي جي اهم عوامي ضرورت قرار ڏنو.حلقي جي عوام پاران مطالبي جي ڀرپور حمايت.تفصيل موجب صوبائي وزير نوابزادو مير طارق علي خان ٽالپر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ڏگهڙي - ميرپورخاص روڊ سنڌ جي وڏن شهرن کي ٿرپارڪر سان ڳنڍيندڙ اهم شاهراهه آهي جنهن تان روزانو هزارين ننڍيون

بقايا نمبر15 ڏسو صفحو5

دولت پور جي مختلف امام بارگاهن تي ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مجلس عزا منعقد ڪيون ويون

دولت پور صفن (ن ع) سڄي ملڪ جيان دولت پور ۾ ب ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ دولت پور جي مختلف امام بارگاهن تي ڪربلا جي شهيدن پياري رسول حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي پياري نواسي حضرت سيد تا امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ مجلس عزا منعقد ڪرڻ وارو سلسلو جاري آهي ان حوالي سان هر سال جيئان هن سال به دولت پور جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم ۾ ڪربلا جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري

مختلف امام بارگاهن تان ياحسين ياحسين جي صدائن سان جلوس برآمد

مرڪزي امام بارگاهه تي مجلس عزا کي علامه مبشر مهدي ۽ ٻين خطاب ڪيو

ٽنڊو آدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين پاران اسلام خاطر ڏنل لازوال قربانين کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ماتم ۽ عزاداريءَ جو سلسلو جاري آهي 7 محرم جي رات مختيار علي قمبراڻي گل بهار خاصخيلي، غلام مرتضيٰ لاڪو رئيس نياز حسين مري، طارق رانجهاڻي راجا سمون آصف علي مري، محمد حنيف پنهور مختيار علي مري، لالا سانوڻ منگنهار ڪميل رضا مري، گڏي منگنهار ۽ شڪيل منگنهار پاران ذوالجناح برآمد ڪيا ويا جيڪي وڏي پڙ مرڪزي امام بارگاهه پهتا جتي مجلس

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي سائيٽ: پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

دولت پور صفن پرسان سماجي تنظيم پاران مفت اکين جي ڪيمپ لڳائي مريضن کي دوائون ڏنيون ويون

دولت پور صفن (ن ع) دولت پور پرسان ڳوٺ ديهه فليل ۾ هڪ ڏينهن لاءِ اکين جي مفت ڪيمپ تنظيم صراط الجنت ويلفيئر جي جي تعاون سان لڳائي وئي ا ن موقعي تي ڊاڪٽر علي مصطفيٰ جوکيو رياض حسين صابقي ڊاڪٽر ڪوثر پروين ڊاڪٽر ثانيا ۽ ٻين حصو ورتو ان موقعي تي هڪ ڏينهن جي مفت امدادي ڪيمپ ۾ آيل مرد عورتن ۽ ٻارن کي مفت

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو5

سڳيون ۾ يوسي سمي جي رهواسين جو انتظاميا جي نااهلي خلاف احتجاج

مظاهرين سيد جمن شاهه، ذوالفقار سيال، امتياز سيال ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

نااهل يوسي چيئرمين خلاف ڪارروائي ڪري جلوسن جي رستن تان صفائي ڪرائي وڃي

سڳيون (ن ع) سڳيون پرسان وڏي آبادي رکندڙ يونين ڪائونسل سمي ۾ نالين جي صفائي نه ٿيڻ ۽ محرم الحرام جي سلسلي ۾ لائيٽنگ جو بندوبست نه ٿيڻ ماتمي جلوسن جي رستن تي نالين جو گندو پاڻي بيٺل هئڻ خلاف ضلعي ڪائونسل ميمبر سرائي جهانگير سيال شيعا علماء ڪائونسل تعلقي سيوديرو جي صدر سيد جمن شاهه ذوالفقار سيال امتياز سيال

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو5

عمرڪوٽ: ڪانسٽيبل جي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد: مرڪزي امام بارگاهه مولا علي قدم گاهه تي عزادار مجلس ۾ شريڪ آهن

ڪاڇي ۾ جنازي دوران هٿياربندن جي فائرنگ، ٻه ڄڻا سخت زخمي

ڪارو ڪبڙ قبرستان ۾ لاش دفنائڻ وقت هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني، ڪانڌين ۾ ڀاڄ

زخمين کي ڪلاڪن تائين واقعي واري هنڌ تڙپندو ڇڏيو ويو، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ڪاڇي واري علائقي ڪارو ڪبڙ جي قبرستان ۾ لاش دفنائڻ لاءِ ويلن مهل نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا ڪانڌين ۾ ڀاڄ گولين لڳڻ سبب گل محمد ولد آچر خان ۽ شان علي ولد پنهل خان چانڊيو سخت زخمي ٿي پيا زخمي ڪيتري دير تائين واقعي واري هنڌ تڙپندا رهيا وارثن مطابق سالاري پوليس کي بروقت اطلاع ڏنو ويو پر سالاري پوليس حد جو تڪرار جاڳائي زخمين کي کڻڻ کان انڪار ڪيو ڪيترن ڪلاڪن تائين زخمي واقعي واري هنڌ تڙپيندا رهيا. ياد رهي ته گذريل رات رحمت الله ڪالوني واسي هڪ نينگر محمد شريف چانڊيو فوت ٿي ويو جنهن کي دفنائڻ لاءِ سندس وارث ڪاڇي جي علائقي ڪارو ڪبڙ پهتا ته

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو نوجوان جو 4 ڏينهن پراڻو هٿ پير ٻڌل لاش هٿ

لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

سڃاڻپ جاويد مري طور ٿيڻ بعد پوسٽ مارٽم وارثن حوالي ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ڳجو واسي نوجوان جاويد مري جو هٿ پير ٻڌل لاش هٿ آيو آهي جنهن بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي علائقي واسين لاش ملڻ جي اطلاع پوليس کي ڏني بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ذريعن موجب جاويد مري ڊاڳا ڦيٽا ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ ڪراچي جي جڳهه تي رهائش پذير هو مقتول جي چاچي موجب جاويد ڪراچي جي جڳهه ۾ رهندو هو جڏهن ته شروعاتي جاچ موجب لاش لڳ ڀڳ چار ڏينهن پراڻو ٻڌايو پيو وڃي جڏهن لاش پراڻو هجڻ سبب بدبو پکڙجڻ سبب علائقي خوف هراس پکڙجي ويو پوليس ذريعن موجب واقعي جي وڌيڪ انڪوائري ڪئي پئي وڃي

دوڙ: هندو برادري 13سالن جي ڇوڪري اغوا ٿي وڃڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ميرپور ماٿيلو ۾ ڳوٺاڻن جو روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مختلف ڳوٺن جي رهواسين ٺيڪيدار ۽ ضلعي انتظاميه خلاف ڊي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

20 کان وڌيڪ ڳوٺن لاءِ تعمير ٿيندڙ روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ويو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو لاشاري پمپ مسو واهه کان ڳوٺ جمال خان ڪورائي تائين 20 کان وڌيڪ ڳوٺن کي ملائيندڙ روڊ جو ڪم ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي اڳواٽ ادائيگيون وٺڻ بعد فرار ٿي ويو آهي جنهن سبب گذريل ٽن سالن کان روڊ جو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن ڳوٺ عظمت ڪولاچي ڳوٺ جمال خان ڪورائي سميت 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين پاران ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي آفيس جي مک گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري تتهن اس ۾ ڌرڻو هڻي ٺيڪيدار انور ڪلوڙ ۽ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مفتي نعمت الله ڪولاچي نظير ڪلهوڙو آفاق احمد ڪولاچي ۽ ٻين چيو ته ٺيڪيدار انور

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي ۾ حيدرآباد جي عورت پوليس اهلڪار جو پنهنجن آفيسرن خلاف احتجاج

عورت اهلڪار شهزادي ملاح ايس ايڇ او پٺاڻي نگر ۽ عورت اي ايس آءِ غفرانا خلاف احتجاج ڪيو

ضلعي پوليس جي اختيارين کي شڪايت ڪرڻ باوجود ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو: الزام

ڪوٽڙي (ن ع) حيدرآباد جي عورت پوليس اهلڪار جو ڪوٽڙي ۾ پنهنجن آفيسرن خلاف احتجاج. آفيسرن تي ڊيوٽي دوران توهين آميز رويو اختيار ڪرڻ جو الزام لڳايو عورت اهلڪار شهزادي ملاح ڪوٽڙي پريس ڪلب پهچي ايس ايڇ او پٺاڻي نگر ۽ عورت اي ايس آءِ خلاف احتجاج ڪيو ايس ايڇ او پٺاڻي نگر ۽ عورت اي ايس آءِ غفرانا ڊيوٽي دوران توهين آميز رويو اختيار ڪري بلاجواز تنگ ڪري رهيا آهن. هن چيو ته ايس ايڇ او ۽ اي ايس آءِ جي رويي سبب محرم الحرام جي ڊيوٽي ڪرڻ ۾ سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن ته ضلعي پوليس جي اختيارين کي شڪايت ڪرڻ باوجود ڪو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو5

دوڙ ۽ پرياسي مجلس عزا جلوسن جو سلسلو جاري، ڊي سي پاران سيڪيورٽي جو جائزو

ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي، ايس ايس پي ۽ ٻين جلوسن جي روٽن جو جائزو ورتو

دوڙ (رپورٽ حاجي فيروز علي پناڻ). دوڙشهر ۾محرم الحرام جي حوالي سان پهرين محرم الحرام کان ٻارهين محرم الحرام جي قديمي مرڪزي جلوس تائين جيڪو هرسال جيان هن سال به معمول مطابق شهر جي مختلف وارڊن محلن ۾ روزانه جي بنياد تي مجلس عزا جلوسن جو سلسلو جاري آهي جنهن لاءِ امن امان جي صورت حال جي تفصيلي جائزي وٺڻ ۽ ڪنهن به اڻ وڻندڙ صورتحال پيدا ٿيڻ جي اڳواٽ ضابطي لاءِ ضلعي انتظاميه ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي ايس ايس پي ثمرنور چنه اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه دوڙ محمد ذاڪر ڪاڪڙ ڊي ايس پي دوڙ حبيب الرحمان لاشاري ايس

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو5

گڏيجي: مجلس اعزا کي علامه شبير حسين نجفي خطاب ڪري رهيو آهي

پنوعاقل ۾ ڳوٺاڻن جو رٽائرڊ ڊي ايس پي جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ دائود موچي واسين حاڪم علي موچي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بااثر زمين تي قبضي لاءِ پوليس هٿان نوجوان کي ڪنهن گم ڪرايو آهي: مظاهرين

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل جي ڳوٺ دائود موچي جي رهواسين پاران رٽائرڊ ڊي ايس پي خلاف احتجاج ۽ پريس ڪانفرنس. زمين تي قبضي جي ڪوشش جو الزام. پنوعاقل جي ڳوٺ دائود موچي جي رهواسين حاڪم علي موچي ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته رٽائرڊ ڊي ايس پي لياقت علي عباسي سندن زرعي زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪندي بني کي به ڊاهي ڇڏيو آهي. هنن وڌيڪ الزام لڳايو ته رٽائرڊ ڊي ايس پي سانگي پوليس هٿان سندن نوجوان کي ڪنپائي گم ڪرايو آهي. هنن ايس ايس پي سکر ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بٺوري ۾ پاڻي ڪوٽ، منشيات ۽ سنڌ دشمن پاليسين خلاف عوامي تحريڪ جي ريلي

مظاهرين مين بس اسٽاپ تائين ريلي ڪڍي "پاڻي ناهي جو پلا ڪربلا ڪربلا" جي نعريبازي ڪئي

شاخن ۾ پاڻي ڪوٽ سبب زراعت متاثر، منشيات ۽ بدامني خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي:مظاهرين

ميرپور بٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو ۾ پاڻي جي ڪوٽ، منشيات جي وڪري ۽ سنڌ دشمن پاليسن خلاف عوامي تحريڪ ضلعي سجاول پاران احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پاران پاڻي ناهي جو پلا ڪربلا ڪربلا جي زوردار نعريبازي پڻ ڪئي وئي اسڪائي 28هين ترميم جناح جي پاڪستان تي حملو آهي عوامي تحريڪ اڳواڻ خبر موجب ميرپوربٺورو ۾ عوامي تحريڪ ضلعي سجاول پاران مسلسل پاڻي جي ڪوٽ، منشيات جي وڪري سميت سنڌ دشمن پاليسن خلاف عوامي تحريڪ ضلعي سجاول جي صدر عزيز ميمڻ ساگر مجيد پرهياڙ علي محمد پرويز ميمڻ جي اڳواڻي ۾ شهر جي ڊاڪٽرز گلي کان مين بس

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو5

جامشورو: جي يو آئي طرفان پريس ڪانفرنس ڪئي پئي وڃي

گهارو لڳ پوليس اهلڪارن جي قتل جو ڪيس دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل

ٻاپڙا روڊ فائرنگ واقعي ۾ مارجي ويل ڏوهاري ۽ فرار ساٿين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

بلوچستان جي بااثر شخصيت نظير بروهي تي سهولتڪاري ۽ پناهه ڏيڻ جي الزام ۾ نامزد

ٺٽو(ڊ ر) گهارو لڳ ٻاپڙا روڊ تي 2 ڏينهن اڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل ٻن پوليس اهلڪارن جي قتل جو ڪيس مارجي ويل ڏوهاري ۽ سندس ٻن ساٿين خلاف دهشتگردي ايڪٽ قتل ۽ ڊيوٽي اڪاءِ جي قلمن تحت داخل دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ بلوچستان جي بااثر شخصيت کي به نامزد ڪيو ويو سندس گرفتاري لاءِ پوليس ٽيم جا ڪراچي ۾ به ڇاپا 2 ڏينهن اڳ گهارو ويجهو ٻاپڙا روڊ تي پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ ٿيل فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ شهيد ٿيل ٽنڊوالهيار واسي ٻن پوليس جوانن علي اڪبر مري ۽ عبدالمجيد مري جو ڪيس گهارو ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو پوليس پاران

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

پيارو اسٽيشن پرسان ٽن گهرن کي باهه، ڇپرا ۽ قيمتي سامان سڙي ويو

ڳوٺ قائم الدين چانڊيو ۾ باهه سبب محمد صفر منير جا گهر سڙ رک

متاثر ڳوٺاڻن پاران جاچ ڪرائي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

پيارو اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ قائم الدين چانڊيو ۾ ٽن گهرن کي باهه، گهر جو لوڙهو ۽ ڇپر سڙي ويو پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ قائم الدين چانڊيو ۾ لڳل باهه ٽن گهر کي وڪوڙي ڇڏيو جنهن سبب گهرن جا ڇپرا ۽ ڪجهه سامان سڙي ويو ان موقعي تي متاثر ڳوٺاڻي بلاول چانڊيو ٻڌايو ته اسان منجهند جي وقت گهر ۾ ستل هئاسين ته اوچتو ڪجهه نامعلوم ماڻهو گهرن کي باهه ڏئي فرار ٿي ويا جنهن سبب منهنجي چاچي محمد صفر چانڊيو منير چانڊيو ۽ منهنجي گهر جو ڇپرو لوڙهو ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي ويو متاثر ڳوٺاڻن ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي جاچ ڪرائي نميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ڪورواهه پرسان بيدردي سان قتل ٿيل آمنه خاصخيلي جي خون سان انصاف نه ٿيو، وارثن جو احتجاج

وارثن مسمات نيامت، رضيه، حوا ، عمر ، علي نواز خاصخيلي ۽ ٻين پنجين ڏينهن به احتجاج جاري رکيو

پوليس رقم وٺي هڪ جوابدار حسين خاصخيلي کان اعترافي بيان ڏياري ٻين کي بچايو آهي: مظاهرين

زخمي عورتن کان مرضي جا بيان ڏياري ڪيس لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي

ڪورواهه(رپورٽ: غلام علي مغل) ڪورواهه پرسان ڳوٺ وريو خاصخيلي پنج ڏينهن اڳ بيدردي سان قتل ٿيل آمنه خاصخيلي جي خون سان انصاف لاءِ وارثن جو ٻارين ٻچين اڄ پنجين ڏينهن به پريس ڪلب ڪورواهه اڳيان احتجاجي ڪئمپ لڳائي احتجاج

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حسين آباد ۾ 6 محرم الحرام تي نڪتل ماتمي جلوس جو ڏيک

پنوعاقل لڳ هٿياربند واپڊا عملدار کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ قومي شاهراهه تي نامعلوم هٿياربند احسان علي خالدي واپڊا واري کي يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل موبائل فون ڦر ڪري فرار

ميرپورماٿيلو لڳ مسجد مان بيٽريون چرائيندڙ ٻن جوابدار سوگهه

ڳوٺ علي مراد ڪلهوڙو واسين جوابدار خضر ۽ عبدالحفيظ پٽي کي سوگهو ڪيو

چورن جو ٽيون ساٿي فرار ٿي ويو، پڪڙيل ٻنهي جوابدارن کي پوليس حوالي ڪيو ويو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ علي مراد ڪلهوڙو جي مسجد مان بيٽري چوري ڪري فرار ٿيندڙ ٻن چورن کي ڳوٺاڻن سوگهو ڪري ورتو جن جي سڃاڻپ خضر پٽي ۽ عبدالحفيظ پٽي طور ٻڌائي پئي وڃي گرفتار چورن ميڊيا سان ڳالهائيندي اعتراف ڪيو ته اسان کان غلطي ٿي آهي اسان مسجد مان چوري ڪرڻ جي نيت سان ڪي ساٿي سوئي شريف مان آيا هئا سين جڏهن ته هڪ ساٿي گل خان پٽي فرار ٿي ويو آهي ٻي پاسي ڳوٺاڻن سوگهو ڪيل چورن کي ٻيلو ميرپور پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته چورن پاران چوري جو اعتراف ڪرڻ باوجود پوليس پاران جوابدارن خلاف آخري اطلاعن تائين ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

ميهڙ: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل نوجوان دانهيون رهيو آهي

ميهڙ ۾ پيسن جي معاملي تان جهيڙو، ڪهاڙين سان حملو نوجوان زخمي

جاڙو ڪلهوڙو ۾ حملي دوران امام علي ڪلهوڙو ڪهاڙيون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو

زخمي کي نئون ڳوٺ ٿاڻي ذريعي تعلقه اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو اين سي داخل

ميهڙ (ن ع) نئون ڳوٺ لڳ جاڙو ڪلهوڙو ۾ امام علي ڪلهوڙو جا پيسه لياقت علي ڪلهوڙو ولد حيات ڪلهوڙو ڏي رهيل هئا جيڪي وقتن وقت آسرا ڏيندا رهيا ته اسان توهان کي ڏينداسين جن اڄ سون امام علي کي پنهنجي ڳوٺ جاڙو ڪلهوڙو ۾ پيسن لاءِ گهرائي لياقت ڪلهوڙو عارب ڪلهوڙو حامد ڪلهوڙو ساڻ ڪهاڙين سان وار ڪري سخت زخمي ڪري وڌو جڏهن ته معزز ماڻهن امام علي ڪلهوڙو کي سخت زخمي حالت ۾ نئون ڳوٺ ٿاڻي تي ڪٺائي آيا ۽ جوابدارن خلاف اين سي داخل ڪرائي اعلاج لاءِ ترت ليٽر جاري ڪري تعلقه اسپتال ميهڙ لاءِ روانو ڪيو امام علي ڪلهوڙو ۽ وارثن پاران ايس ايس پي دادو ڊي ايس پي ميهڙ کي اپيل ڪئي آهي ته جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

پنوعاقل لڳ چور دڪان جو شٽر ٽوڙي لکين رپين جي ڪٽڪ ڪٽي ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل سڌوجا چوڪ لڳ بائيجي ٿاڻي جي حد دياگير چوڪي وٽان رات دير سان نامعلوم چور ديوان اجي ڪمار جي دوڪان جي شٽر جون پٽڙيون ٽوڙي شٽر کولي 150 من ڪٽڪ 5 لک جي چوري ڪري ويا

شڪارپور ۾ پيش آيل المناڪ حادثي ۾ فوت ٿيل 8 عزادارن جي جنازي نماز غم واري ماحول ۾ ادا

آخري رسمن ۾ چيئرمين ، ڊي سي، ايس ايس پي سميت شيعه ۽ مجلس وحدت جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

جنازي نماز کان پوءِ مرحومن جي تدفين مقامي قبرستان ۾ ڪئي وئي، علائقي جي فضا سوڳوار

مختلف سياسي سماجي ۽ مذهبي شخصيتن پاران متاثر خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ويو

شڪارپور (ڊ ر) والس آباد بدو سانحي 8 عزادارن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي فضا سوڳوار. تفصيل موجب ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ والس آباد بدو ۾ پيش آيل المناڪ حادثي ۾ فوت ٿيل 8 عزادارن جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو5

شڪارپور: عزادارن جي نماز جنازه ادا ڪئي پئي وڃي

ڏگهڙي پرسان نوجوان مبينا طور گهر اندر ڦاهو کائي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ڏگهڙي (ن ع) مڪيش ڪولهي پنهنجي گهر اندر ڳچي ۾ ڦاهو لڳائي خود ڪشي ڪري ڇڏي اطلاع ملڻ تي ڏگهڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال ڏگهڙي منتقل ڪئي جتي ضروري قانوني

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو5

دادو ۾ پنهور ۽ خشڪ برادري ۾ جهيڙو، ڪهاڙي لڳڻ سبب نوجوان سخت زخمي

ٻٽ محلا ۾ جهيڙي دوران زين العابدين پنهور مٿي ۾ ڪهاڙي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو

متاثر ڌر پاران ڪيس داخل ڪري جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ انصاف جو مطالبو

دادو(ڊ ر) دادو شهر جي ٻٽ محلا ۾ پنهور ۽ خشڪ برادري وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران زين العابدين پنهور مٿي ۾ ڪهاڙي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي زخمي حالت ۾ دادو سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي طبي امداد بعد ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو هوڏانهن جهيڙي ۾ زخمي زين العابدين پنهور ۽ سندس وارثن پوليس کي ٻڌايو ته مقبول صدام اڪبر مقصود ۽ ياسين خشڪ مبينا طور حملو ڪيو ۽ ڏنڊن ڪهاڙين جا وار ڪري ڪيس زخمي ڪيو آهي. جوابدار ڌر حملي دوران سندن گهر ۾ موجود قيمتي سامان جي ڀڃ ڊاهه ڪئي آهي. زخمي ڌر موجب مخالف ڌر خلاف اڳ ۾ داخل ڪيل ڪيس ۾ عدالت مان بري ٿيڻ کان پوءِ مٿن هي ٽيون حملو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: مٽياري واسين زمين تي قبضي خلاف احتجاج ڪندي

خيرپور پوليس پاران ٻن جوابدارن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جو نظاماڻي لنڪ روڊ پرسان واردات جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو مقابلي دوران ٻن سرگرم ڌاڙيلن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪيو ويوگرفتار ڌاڙيلن جي سڃاڻپ فهيم ڪوسو ۽ اعظم شاهه جي نالن سان ٿي آهي گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هڪ سنگل بيرل بندوق، هڪ پسٽل موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي.

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو5

پنوعاقل جي ڪچي ۾ جنگا مهر ۽ سرڪاٽي جتوئي تڪرار شدت اختيار ڪري ويو

مهر ڌر جتوئي پاران نوجوان اسحاق جنگو مهر کي اغوا ڪرڻ جو الزام

نوجوان اسان کي مارڻ آيو ته ڪيس پڪڙي ورتو آهي: ٻي ڌر جو وڊيو بيان

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي ڪچي واري علائقي ۾ جنگا مهر ۽ سرڪاٽي جتوئي ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار ٻيهر شدت اختيار ڪرڻ لڳو جتوئي ڌر پاران هڪ نوجوان اسحاق جنگو مهر کي پڪڙي وڊيو بيان جاري ڪيو ويو ته هو کين مارڻ لاءِ آيو هو پر هنن پڪڙي ورتو آهي ٻئي طرف مهر ڌر جتوئي ڌر تي اغوا جو الزام لڳائيندي چيو آهي ته سندن نوجوان کي زبردستي کڻي ويا آهن ياد رهي ته هن مهر جتوئي تڪرار ۾ اڳ ئي 56 کان وڌيڪ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن. ڌرين کي صبر ۽ برداشت جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي چو ته فيصلو ٿيل آهي فيصلي جي رهيل فتوي به 16 محرم تي رکيل آهي پوليس کي گهرجي ته باحفاظت نوجوان کي آزاد ڪرائي فيصلي جي پيچڪڙي ڪندڙ ڌرين خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن ٻئي ڌريون وڌيڪ جاني نقصان کان

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو5

سکر ۾ سنڌو درياهه ۾ ٻڏندڙ ٽن ڄڻن کي نيوي جي ريسڪيو ٽيم بچائي ورتو

سکر(بيورو رپورٽ) ڳوٺ ابراهيم چنا، تعلقو خيرپورناٿن شاهه ضلع دادو جي رهواسي نادر حسين چنا سنڌو درياهه ۾ رهنجندي اوچتو تيز وهڪري جي ور چڙهي ٻڏڻ لڳو اطلاع ملندي ئي پاڪستان نيوي جي ريسڪيو ٽيم فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي بروقت ڪارروائي ڪندي ڪيس حفاظت سان پاڻي مان ٻاهر ڪڍي ورتو. ٻئي ريسڪيو آپريشن دوران اولپر فيڪٽري

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: ماتمي جلوس مقرر رستي تان گذري رهيو آهي

ڏڙو ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف عزادارن جو ٽائون انتظاميا خلاف ڌرڻو روڊ بلاڪ

ڏڙو ٽائون ڪميٽي صفائي سٿرائي پاڻي ۽ اسٽريٽ لائيٽ جا ڪي به قدم ناهن کنيا: مظاهرين

ٽائون انتظاميا کي مسئلا حل ڪرڻ جي ڊيڊلائن، ٻي صورت ۾ وڌيڪ احتجاج ڪيو ويندو

ڏڙو (ن ع) ڏڙي ۾ اهل تشيع طرفان شهر جي مختلف امام بارگاهن مان نڪرندڙ ماتمي جلوسن جي گذرگاهن تي پاڻي، صفائي سٿرائي ۽ اسٽريٽ لائيٽن جون سهولتون فراهم نه ڪرڻ تي ڏڙو ٽائون انتظاميا خلاف احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ، لبيڪ ياحسين جون صدائون بلند، تفصيل موجب ڏڙو ۾ اهل تشيع جي سوين عزادارن جو ڏڙو ٽائون ڪميٽي انتظاميا طرفان ماتمي جلوسن جي گذرگاهن امام بارگاهن تي پاڻي صفائي سٿرائي لائيٽنگ ۽ ٻيون سهولتون مهيا نه ڪرڻ خلاف مختيار احمد دايو شاهد شاهه فضل بلاولي محمد علي سومرو اظهر شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ عزادارن مين پرائمري اسڪول ڏڙو اڳيان روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي شعيه اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته محرم الحرام جي هلندڙ مهيني ۾ ڏڙو ٽائون ڪميٽي امام بارگاهن ۽ ماتمي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو5

ميرپورماٿيلو: ڳوٺاڻن پاران سوگهو ڪيل چور

خيرپور ۾ سيد قائم علي شاهه جيلاني جي سياسي صلاحڪار لعل بخش منگي لاڏاڻو ڪري ويو

خيرپور(ڊ ر)پيپلز پارٽي جي سينئر ڪارڪن ناميارو ليکڪ ۽ اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جيلاني جي سياسي صلاحڪار لعل بخش منگي لاڏاڻو ڪري ويو جنهن کي ٽنڊومستي لڳ ڳوٺ لال بخش منگي ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم لال بخش منگي جي لاڏاڻي تي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جيلاني،ايم اين ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني،

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو5

دادو جي ڪي ٽي جتوئي ۾ عورت ڀائٽي سميت درياهه ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو

اميناڻي ٿاڻي جي حد مان عورت بختاور جو لاش هٿ، ڀائٽي جي ڳولا جاري

قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي، واقعي جا سبب اڃا تائين ڳجهارت بڻيل

دادو (ڊ ر) دادو جي ڪچي واري علائقي ڪي ٽي جتوئي ۾ عورت بختاور زال بشير لاشاري گهرو اڻبڻت سبب درياهه ۾ پنهنجي معصوم ڀائٽي سميت ٽپو ڏئي ڇڏيو آهي نوجوان عورت جو لاش دادو پرسان پوليس ٿاڻو اميناڻي مان هٿ ڪيو ويو آهي جڏهن ته اميناڻي پوليس موجب دادو سنڌو درياهه مان نوجوان عورت جو لاش مليو جنهن جي سڃاڻپ بختاور زال بشير طور ٿي آهي جنهن جي وارثن کي اطلاع ڏنو آهي جن ٻڌايو ته عورت سان گڏ معصوم ڀائٽي پڻ هئي اهڙي بيان بعد معصوم ڀائٽي جي ڳولا ڪيون پيا، عورت دادو لڳ ڪي ٽي جتوئي جي رهواسڻ آهي اسپتال مان عورت جو لاش قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي. جيڪي دادو پرسان ڪي ٽي جتوئي ڪٺائي ويا، واقعو ڳجهارت بڻيل آهي

دادو ۾ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ مجلس عزا، ماتمي جلوس برآمد

دادو(ڊ ر) دادو ۾ هر سال جيان هن سال به محرم الحرام جا ڏينهن وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايا پيا وڃن ان سلسلي ۾ اڄ 6 محرم الحرام جي ڏهاڙي تي سيد الشهداء حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ڪربلا جي ٻين شهيدن جي پردرد شهادتن جي ياد ۾ مجلس عزا بعد ماتمي جلوس تسليم دارا ميمڻ جي قيادت ۾ ضلع ڪائونسل ڪالوني مان برآمد ٿيو جڏهن ته امام بارگاهه قلندري ڪڇهري

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو5

ٽنڊوالهيار ۾ ميونسپل ڪميٽي چيئرمين جا امام بارگاهن ۽ جلوس روٽن جا دورا

چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي امام بارگاهن ۽ صفائي سٿرائي سميت انتظامن جو معائنو ڪيو

لائيٽنگ، جنريٽر ۽ صفائي جا خاص انتظام مڪمل ڪرڻ جو اعلان، عزادارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ تي زور

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي طرفان محرم الحرام جي انتظامن جي حوالي سان شهر جي مختلف امام بارگاهن ۽ جلوسن جي روٽن جو دورو ڪري صفائي سٿرائي سميت ٻين انتظامن جو جائزو ورتو جڏهن ته ايم سي چيئرمين درگاهه سخي موج دريا تي قافلا سالار سيد زاهد حسين شاهه رضوي ۽ انجمن سفينه حيدري امام بارگاهه تي قافلا سالار امداد حسين حيدري ۽ مصدق نياز حيدري سان ملاقاتون پڻ ڪئي ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان محرم الحرام جي سلسلي ۾ مختلف امام

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو5

سڳيون ۾ 6 محرم الحرام تي ڪنهيي جو ماتم، سڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت

سڳيون (ن ع) سڳيون 6 محرم الحرام ڪنهيي جي سلسلي ۾ جلوس برآمد ڪيتي ڪوٽ چانڊڪو کان نڪتل ماتمي جلوس سلڙون پرسان درگاهه سيد گمبل شاهه امام بارگاهه شاهه نجف تي نهر ٿيو درگاهه جي متولي سيد احمد شاهه بخاري ماتمي جلوس جي نگراني ڪئي 6 محرم الحرام سالينانو ڪنهيي جو ماتم عزاداري امام حسين عليه السلام جي جلوس ۾ ڪيترائي ننڍيا وڏا علائقائي جلوس شامل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

ڪورواهه: آمنه جي خون سان انصاف لاءِ وارث احتجاجي مظاهرو ڪندي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.